ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
69 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (95) آگارو 15 سيپٽمبر 2026ع 02 ربيع الثاني 1448هه صفحا 6 - ملهه 30 ويهه شمارو (31)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com
Tuesday 15th September 2026

ڪي پي جي وڏي وزير سهيل آفريدي سميت پي ٽي آءِ جي 24 اسيمبلي ميمبرن جا پاسپورٽ بلاڪ ڪرڻ جو حڪم

اسلام آباد جي دهشتگردي ڪورٽ عدالت ۾ رياستي ادارن تي حملن ۽ دهشتگردي کي هٿي ڏيڻ جهڙن سنگين الزام. هيٺ نامزد جوابدارن جي ملڪ مان فرار ٿيڻ جو خدشو ظاهر ڪيو ويو

جوابدار عدالت آڏو پيش ٿيڻ ۾ به ناڪام رهيا، عدالت جي جج ابوالحسنات محمد ذوالقرنين پوليس جي درخواست منظور ڪندي جوابدارن جا پاسپورٽ بلاڪ ڪرڻ جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو

خيبرپختونخوا جي وڏي وزير سهيل آفريدي سميت اسد قيصر، عمر ايوب، جنيد اڪبر، شهريار ترڪئي ۽ ٻين پي ٽي آءِ اڳواڻن ۽ چونڊيل نمائندن جا پاسپورٽ بلاڪ ڪرڻ جو حڪم

دستياب رڪارڊ ۾ جوابدار ڪيس ۾ نامزد آهن، جاچ آفيسر کي خدشو آهي ته جوابدار قانوني ڪارروائي کان بچڻ لاءِ ملڪ مان فرار ٿي سگهن ٿا: عدالت جا ريمارڪس

عبوري ضمانت حاصل ڪندڙ جوابدار به جاچ ۾ شامل نه ٿيا، عدالت پاران ڪيس جي سنگيني ۽ جوابدارن جي عدالت ۾ حاضري نه ڏيڻ کي نظر ۾ رکندي درخواست منظور ڪئي

ايف آءِ اي کي ايندڙ حڪمن تائين جوابدارن جا پاسپورٽ بلاڪ رکڻ جي هدايت، ڪوهسار ٿاڻي ۾ داخل ڪيس جي جاچ اڳتي وڌائڻ لاءِ قانوني ڪارروائي جاري رکڻ جو حڪم

اسلام آباد (م ڊ) اسلام آباد جي دهشتگردي ڪورٽ عدالت پي ٽي آءِ سان واسطو رکندڙ 24 ايم اين ايز ۽ ايم پي ايز جا پاسپورٽ بلاڪ ڪرڻ جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو آهي. دهشتگردي ڪورٽ عدالت جي جج ابوالحسنات محمد ذوالقرنين پاسپورٽ بلاڪ ڪرڻ بابت فيصلو جاري ڪيو. پوليس طرفان ڪوهسار ٿاڻي ۾ داخل ڪيس ۾ جوابدارن جا پاسپورٽ بلاڪ ڪرڻ جي درخواست ڪئي وئي هئي. عدالت خيبرپختونخوا جي وڏي وزير سهيل آفريدي جو پاسپورٽ بلاڪ ڪرڻ جو حڪم پڻ ڏنو. ان کانسواءِ اسد قيصر شهريار ترڪئي بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو2

خوشحال مستقبل جي يقيني بڻائڻ جي لاءِ بنيادي جمهوري قدرن کي اختيار ڪرڻو پوندو: وزيراعظم

اسان جمهوري قدرن جي فروغ، شهرين جي بنيادي حقن جي تحفظ ۽ هڪ خوشحال مستقبل جي تعمير جي لاءِ گڏيل سفر جاري رکنداسين

پارليامينٽ ملڪ جو مرڪزي جمهوري ادارو آهي جيڪو عوام جي نمائندگي ڪري ٿو. آئين رياست ۽ شهرين جي وچ ۾ تعلق کي بيان ڪري ٿو

رياست اقليتن جي حقن ۽ مفادن جي تحفظ جي پابند آهي. قانونساز ادارن ۾ اقليتن جي لاءِ پڻ مخصوص سيٽون رکيون ويون آهن

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف جمهوريت جي بنيادي قدرن برابري، انصاف ۽ آزادي جي فروغ، عوامي راءِ جي احترام، انساني وقار جي تحفظ ۽ بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت ۾ تيل سبسڊي اسڪيم بابت گڏجاڻي ٿي رهي آهي

وزيراعظم پاران فيول سبسڊي حاصل ڪرڻ لاءِ رجسٽريشن جي لاءِ گهربل ايس ايم ايس کي مفت ڪرڻ جي هدايت

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو2

اسلام آباد ۾ 23 هزار 500 پوليس اهلڪارن جي طلبي بابت نوٽيفڪيشن جعلي قرار

اسلام آباد(اي پي پي) وفاقي حڪومت، بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو2

اسلام آباد: صدر آصف علي زرداري انڊونيشين نيوي جي سربراهه ايڊمرل ڊاڪٽر محمد علي کي نشان امتياز ڏئي رهيو آهي

جمهوريت جي اصل طاقت عوام جي اعتماد ۽ شرڪت ۾ آهي: صدر زرداري

حقيقي جمهوريت جي لاءِ ضروري آهي ته اڪثريت اقليتن جي جائز حقن ۽ آواز کي ٻڌي

جمهوريت جو مطلب اڪثريت جي بي لغام حڪمراني نه آهي: عالمي ڏينهن تي پيغام

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري عوام کي درپيش پراڻي چئلينجز تي ضابطو آڻڻ جي لاءِ جمهوريت کي لازمي بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو2

سنڌ اسيمبلي جو وفد 69 هين ڪامن ويلٿ پارلياماني ڪانفرنس ۾ شريڪ

اسپيڪر سيد اويس قادر شاهه جي اڳواڻي ۾ وفد جي ڪيپ ٽائون ۾ ٿيندڙ ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪئي

جمهوري نظام، قانونسازي، پارلياماني طريقيڪار ۽ گڏيل دلچسپي وارن معاملن تي ڳالهيون ٿينديون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ اسيمبلي جو اسپيڪر سيد اويس قادر شاهه 69 هين ڪامن ويلٿ پارلياماني ڪانفرنس (CPC) بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو2

خصوصي ريليف اسڪيم جو بنيادي مقصد مستحق ماڻهن کي فوري مدد فراهم ڪرڻ آهي: عطاءُ الله تارڙ

اسڪيم ۾ وڏين گاڏين کي شامل ناهي ڪيو ويو، موٽرسائيڪل، رڪشا، چنگ چي ۽ 800 سي سي تائين گاڏين جا مالڪ فائدو ڪندا

اسڪيم ۾ شفاف طريقيڪار اختيار ڪيو ويو آهي ته جيئن رڳو حقيقي مستحق ماڻهو ئي ان

اسڪيم جي نگراني جي لاءِ وار روم قائم جڏهن ته عوامي رهنمائي جي لاءِ ڪال سينٽر پڻ فعال ڪيو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ چيو آهي ته وزيراعظم جي خصوصي ريليف اسڪيم جو بنيادي مقصد تيل جي قيمتن ۾ اضافي سان سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿيندڙ بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو2

ڪراچي: سينئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ ۽ صوبائي گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار ميڊيا سان ڳالهائي رهيا آهن

پ پ اڳواڻ فريال ٽالپر صوبائي وزيرن سان گڏ بازياب ٿيل حسن علي چانهيو ۽ سندس گهرڀاتين سان ملاقات ڪئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي ليڊيز ونگ جي سربراهه فريال ٽالپر بازياب ٿيل حسن علي چانهيو جي بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو2

سنڌ لوڪل گورنمينٽ ترميمي بل منظور، ميئر ٽي ايڊمنسٽريٽر هوندو، اپوزيشن جو ڪاپيون ڦاڙي احتجاج

گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار ايوان ۾ لوڪل گورنمينٽ ترميمي بل پيش ڪيو، جنهن دوران اپوزيشن ميمبرن احتجاج ڪندي اسپيڪر جي ڊائس آڏو پهچي ويا

مخالف ڌر پاران بل پيش ڪرڻ دوران سخت احتجاج ڪيو ويو، ميمبرن لوڪل گورنمينٽ ترميمي بل جون ڪاپيون به ڦاڙي ڇڏيون، سخت نعريبازي، ايوان ۾ گوڙ

ايوان ۾ پيش ڪيل لوڪل گورنمينٽ ترميمي بل 2026 بابت خاص ڪميٽي جي رپورٽ ايوان ۾ پيش ڪئي وئي، جنهن کانپوءِ بل کي اڪثريت سان منظور ڪيو ويو

بل موجب، نئون چونڊيل ميئر عهدو سنڀالڻ تائين رٽائر ٿيندڙ چونڊيل نمائندا ايڊمنسٽريٽر طور ڪم ڪندا، ڊپٽي ميئر، وائيس چيئرمين ڪائونسل جو ڪنوينر هوندو ۽ اجلاس جي صدارت پڻ ڪندو

يونين ڪائونسل جا چيئرمين پنهنجن علائقن ۾ غيرقانوني اڏاوتن جي نشاندهي ڪري سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي کي اطلاع ڏيندا، بل ۾ ٽياڪڙي فورم پڻ شامل ڪيو ويو

متحده قومي موومينٽ بل کي سياسي آمريت قرار ڏيندي رد ڪري ڇڏيو، جماعت اسلامي ميمبرن طرفان بل جي منظوري خلاف عدالت سان رجوع ڪرڻ جو اعلان

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي/ راهب گاهو) سنڌ اسيمبلي اپوزيشن جي شديد احتجاج ۽ گوڙ باوجود بلدياتي قانون ۾ ترميمن بابت سنڌ لوڪل گورنمينٽ ايڪٽ 2026ع ڪثرت راءِ سان منظور ڪري ورتو. بل صوبائي وزير قانون ضياءُ الحسن لنجار ايوان ۾ پيش ڪيو جنهن دوران اپوزيشن ميمبرن نعريبازي ۽ احتجاج ڪيو. اجلاس پينل آف چيئرمين غلام قادر چانڊيو جي بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو2

ايم ڪيو ايم ڪميٽي ۾ بل جي سمورين شقن جي حمايت ڪئي، پر اسيمبلي ۾ ڦري وئي: شرجيل ميمڻ

حڪومت چاهي ها ته بل آئين ئي پيش ڪري سگهي پئي، پر مختلف پارٽين تي ٻڌل ڪميٽي جوڙي وئي

ايم ڪيو ايم پنهنجي ئي اڳواڻ سان بغاوت ڪئي ۽ مڪاني چونڊن پڻ کان پڇي وئي هئي

مصطفيٰ ڪمال خالد مقبول صديقي کي "را" جو ايجنٽ قرار ڏنو هو، ڪيس پنهنجي ڳالهه واضح ڪرڻ گهرجي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سينيئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته اڄ بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو2

سنڌ حڪومت هي بل منظور ڪري عدالتي فيصلي جي توهين ڪري پئي: علي خورشيدي

هتي سياسي آمريت هلي رهي آهي، سمورين سياسي پارٽين هن بل کي رد ڪن ٿيون

جيڪي انتظامي يونٽ موجود آهن، انهن کي اختيار نٿا ڏنا وڃن. حڪومت جو رويو آمرانو آهي

ڪراچي: متحده قومي موومينٽ جي مخالف ڌر جي اڳواڻ علي خورشيدي چيو ته سياسي آمريت هلي رهي آهي، اسيمبلي جي اجلاس بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو2

خصوصي ڪميٽي ۾ ايم ڪيو ايم، پي ٽي آءِ ۽ جماعت اسلامي جا ميمبر شامل هئا: ضياءُ لنجار

بلدياتي ادارن جي مدت مڪمل ٿيڻ کان 120 ڏينهن اڳ حڪومت اليڪشن ڪميشن کي خط لکندي

حڪومت جي ڪوشش آهي ته بلدياتي چونڊون جلد ڪرايون وڃن ۽ نظام ۾ تسلسل برقرار رهي

ڪراچي: صوبائي وزير قانون ضياءُ الحسن لنجار اپوزيشن جا اعتراض رد ڪندي چيو ته بل ايجنڊا ۾ شامل هو ۽ ان حوالي سان خصوصي ڪميٽي قائم ڪئي وئي هئي جنهن ۾ ايم ڪيو ايم، پي ٽي آءِ ۽ بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو2

حڪومت پنهنجي سياسي چونڊيل ماڻهن کي ايڊمنسٽريٽر بڻائڻ چاهي ٿي: جماعت اسلامي

ڪراچي: سنڌ لوڪل گورنمينٽ ايڪٽ ۾ بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو2

اجلاس ۾ مختلف معاملن تي ميمبرن جي سوالن جا جواب ڏنا ويا

ڪراچي: سوالن واري وقفي دوران پارلياماني سيڪريٽري حسن علي شاهه ٻڌايو ته ڪراچي ۾ روزانو 470 ملين گيلن گندي پاڻي جو اخراج ٿئي ٿو جنهن مان 104 ملين گيلن سيوريج جو پاڻي سمنڊ ۾ ڇوڙ بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو2

راولپنڊي: چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل عاصم منير سان انڊونيشيا جي نيوي جو سربراهه ايڊمرل ڊاڪٽر محمد علي ملاقات ڪري رهيو آهي

عالمي مارڪيٽ ۾ خام تيل جو اگهه 108 ڊالر في بيرل تي ويو

برينٽ جي قيمت 3.21 ڊالرز جي اضافي سان 107.82 ڊالرز في بيرل تائين پهچي

نيويارڪ (اي پي پي) عالمي مارڪيٽ ۾ خام تيل جا اگهه ٽي سيڪڙو جي اضافي سان 108 ڊالر في بيرل تائين پهچي بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو2

سنڌ ۾ اٽي جي قيمتن ۾ گهٽتائي لاءِ فلور ملن کي سرڪاري ڪڻڪ جاري ڪرڻ جو فيصلو

وڏي وزير پاران ضبط ٿيل 85 هزار 208 ميٽرڪ ٽن ڪڻڪ بنا دير سرڪاري تحويل ۾ آڻڻ جون هدايتون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه صوبي ۾ ڪڻڪ جي اسٽاڪ جي صورتحال ۽ ضبط ٿيل ڪڻڪ جي اسٽاڪ جي حالت جو جائزو وٺندي خوراڪ کاتي کي پهرين آڪٽوبر کان فلور بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو2

ڪراچي: وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي صدارت ۾ ڪڻڪ جي ذخيرن بابت گڏجاڻي ٿي رهي آهي

چين سال 2027ع ۾ واپاري خدمتن بابت برڪس فورم جي ميزباني ڪندو

بيجنگ (اي پي پي) چين جي صدر شي بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو2

صدر سان فرانسيسي سفير نڪولس گيلي جي الوداعي ملاقات

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو2

URAAN PAKISTAN

مشرق وسطیٰ میں جنگ کے باعث پٹرول کی قیمتوں میں ہوشربا اضافے کا بوجھ کم کرنے کے لیے
مہنگے پٹرول سے نجات کا تاریخی اقدام
وزیراعظم کی خصوصی ریلیف اسکیم
پٹرول 100 روپے فی لیٹر سستا


موٹر سائیکل، چنگچی، رکشہ اور تین پہیوں والی سواریاں چلانے والے اور 800سی سی تک گاڑیوں کے مالکان
ون ٹائم رجسٹریشن کے لیے اپنے شناختی کارڈ پر رجسٹرڈ موبائل نمبر سے REG لکھ کر space دیں
Step: 1 اپنا قومی شناختی کارڈ نمبر — 3740515196983 ایسے لکھنے کے بعد space دیں
Step: 2 بغیر space کے نمبر پلیٹ — LHR123 ایسے لکھنے کے بعد space دیں
Step: 3 صوبے کے نام کا پہلا حرف جہاں آپ کی گاڑی رجسٹرڈ ہے — صوبہ کا نام پنجاب P کے بعد space دیں
Step: 4 وہیکل رجسٹریشن کی تاریخ بمعہ مہینہ اور سال DDMMYYYY — دن، مہینہ اور سال ایسے لکھیں 08102010
چاروں تفصیلات اسپیسز کے ساتھ ایک ہی میسج میں لکھ کر 9771 پر SMS کریں

شیڈول:
موٹر سائیکل، چنگچی، رکشہ اور تین پہیوں والی سواریاں چلانے والے ہر ہفتے یک مشت 5 لیٹر پٹرول پر ریلیف حاصل کر سکتے ہیں
جبکہ ماہانہ مجموعی طور پر 20 لیٹر پٹرول رعایتی قیمت پر حاصل کر سکتے ہیں۔
800 سی سی تک گاڑیوں کے مالکان 10 دن میں ایک مرتبہ یک مشت 10 لیٹر پٹرول پر ریلیف حاصل کر سکتے ہیں
جبکہ ماہانہ مجموعی طور پر 30 لیٹر پٹرول رعایتی قیمت پر حاصل کر سکتے ہیں۔
صوبے کے نام کا پہلا حرف:
اسلام آباد I، آزاد جموں وکشمیر A، گلگت بلتستان G، سندھ S، پنجاب P، خیبرپختونخوا K، بلوچستان B
ٹوکن لینے کا طریقہ
رجسٹریشن کے بعد پٹرول ریلیف حاصل کرنے کے لیے پٹرول پمپ جانے سے پہلے
TOK لکھ کر 9771 پر بھیج دیں۔
موصول ہونے والے میسج میں ٹوکن نمبر، گاڑی کا رجسٹریشن نمبر، پٹرول کی مقدار اور ٹوکن استعمال کرنے کی مدت درج ہوگی۔
رعایتی پٹرول کا حصول

ٹوکن پٹرول پمپ پر دکھا کر آپ رعایتی قیمت پر پٹرول حاصل کرسکتے ہیں۔
اسلام آباد میں آج سے پٹرول پر ریلیف کا آغاز ہوچکا ہے جبکہ
ملک بھر بشمول آزاد کشمیر اور گلگت بلتستان میں 16 اور 17 ستمبر کی درمیانی شب 12 بجے سے پٹرول پر ریلیف حاصل کیا جاسکے گا۔
مزید معلومات کے لیے www.pmfuelrelief.pk وزٹ کریں یا QR اسکین کریں
وزارت اطلاعات ونشریات
حکومتِ پاکستان
/GovtofPakistan www.moib.gov.pk
PID(I)2504-D/26

Daily Ibrat Karachi

ڪنهن سياسي جماعت يا عهديدار کي روڊ بلاڪ ڪرڻ جو اختيار نه آهي: اسلام آباد هاءِ ڪورٽ

پي ٽي آءِ جي 27 سيپٽمبر واري لانگ مارچ ۽ احتجاج خلاف درخواست تي محفوظ فيصلو جاري ڪيو ويو

چٽني صوبن جي وڏن وزيرن کي سرڪاري مشينري ۽ فنڊ سياسي مقصدن لاءِ استعمال نه ڪرڻ يقيني بڻائڻ جو حڪم

گادي واري شهر ۾ غيرقانوني ۽ غيرآئيني ميڙاڪو ڪنهن به صورت ۾ ٿيڻ نه ڏنو ويجي: عدالت

اسلام آباد (م ڊ) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي ٽي رڪني لارجر بئنچ پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) جي 27 سيپٽمبر واري لانگ مارچ ۽ احتجاج خلاف داخل درخواست تي محفوظ ڪيل فيصلو ٻڌائي ڇڏيو. ڪيس جي ٻڌڻي چيف جسٽس سردار سرفراز ڏوگر جي سربراهي ۾ ٽن رڪني لارجر بئنچ ڪئي جنهن ۾ جسٽس اعظم خان ۽ جسٽس آصف پڻ شامل هو. عدالت پنهنجي حڪم ۾ چيو آهي ته ڪنهن به سياسي جماعت يا عوامي عهديدار کي اسلام آباد ۾ روڊ بند ڪرڻ جو اختيار حاصل ناهي. اڳوڻي وزيراعظم عمران خان جي جماعت پي ٽي آءِ جي طرفان وفاقي راڄڌاني ڏانهن امڪاني لانگ مارچ کان اڳ داخل درخواست تي عدالت اهو به حڪم ڏنو ته چٽني صوبن جا وڏا وزير يقيني بڻائين ته سرڪاري مشينري ۽ فنڊ سياسي مقصدن لاءِ استعمال نه ٿين. اڄ ٻڌڻي دوران اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس سردار سرفراز ڏوگر خيبرپختونخوا جي آءِ جي ذوالفقار حميد کي مخاطب ٿيندي ريمارڪس ڏنا ته جيڪڏهن ڪو غيرقانوني ۽ غيرآئيني ميڙاڪو ٿئي ته ان کي روڪيو.

ايس سي او پاران ايران جي خودمختياري، سلامتي ۽ علائقائي سالميت جي تحفظ جي موقف جي توثيق

پاڪستان، بيلاروس، ڀارت، ايران، قازقستان، چين، ڪرغزستان، روس، تاجڪستان ۽ ازبڪستان جي وفدن اجلاس ۾ شرڪت ڪئي

اسلام آباد (اي پي پي) شنگهائي تعاون تنظيم (ايس سي او) جي علائقائي دهشتگردي جي خلاف جي ڍانچي واري ڪائونسل ايران جي خودمختياري، سلامتي ۽ علائقائي سالميت جي تحفظ جي پنهنجي موقف جي توثيق ڪئي آهي ۽ چڪتاڻ ۾ گهٽتائي، امن قائم ڪرڻ ۽ خطي ۾ استحڪام کي يقيني بڻائڻ جي ڪوششن جي حمايت پڻ ڪئي آهي. سومر ڏينهن پرڏيهي آفيس جي ترجمان پاران جاري بيان موجب شنگهائي تعاون تنظيم (ايس سي او) جي علائقائي دهشتگردي جي خلاف جي ڍانچي واري ڪائونسل جو 46هون اجلاس هتي منعقد ٿيو جنهن جي صدارت پاڪستان ڪئي. اجلاس ۾ پاڪستان سميت بيلاروس، ڀارت، ايران، قازقستان، چين، ڪرغزستان، روسي فيڊريشن، تاجڪستان ۽ ازبڪستان جي لاڳاپيل عملدارن جي وفدن، ايس سي او ريجنل اينٽي ٽيررسٽ اسٽرڪچر جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جي نمائندن شرڪت ڪئي. اجلاس دوران علائقائي سلامتي کي يقيني بڻائڻ جي شعبي ۾ عالمي ايجنڊا بابت موجود معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ايس سي او ريجنل اينٽي ٽيررسٽ اسٽرڪچر جي ڪائونسل ايران جي خلاف ٿيندڙ تازي فوجي حملن جي مذمت ڪئي ۽ ان معاملي تي ايس سي او پاران اڳ کان ظاهر ڪيل موقف جي توثيق ڪئي ۽ انهن حملن ۾ ايران جي سپريم ليڊر سيد علي خامنه اي جي شهادت تي ايراني حڪومت ۽ عوام جڏهن ته مارجي ويل ماڻهن جي گهرڀاتين سان تعزيت جو اظهار ڪندي ڪائونسل ايران جي خودمختياري، سلامتي ۽ علائقائي سالميت جي تحفظ جي پنهنجي موقف جي توثيق ڪئي. ڪائونسل چڪتاڻ ۾ گهٽتائي، امن قائم ڪرڻ ۽ خطي ۾ استحڪام کي يقيني بڻائڻ جي ڪوششن جي حمايت پڻ ڪئي. ڪائونسل ايس سي او جي ميمبر ملڪن جي لاڳاپيل عملدارن جي وچ ۾ دهشتگردي، عليحدگي پسندي ۽ انتهاپسندي جي خلاف تعاون ۾ رابطن بابت ايس سي او ريجنل اينٽي ٽيررسٽ اسٽرڪچر جي ڪائونسل جي اڳ کان منظور ٿيل فيصلن تي عملدرآمد جو جائزو ورتو.

جمهوريت جي مضبوطي جو دارومدار عوامي راءِ جي احترام تي آهي: اياز صادق

جمهوريت آزادي، برابري ۽ گڏيل فيصلاسازي تي ٻڌل حڪومتي نظام آهي

ملڪي تاريخ جدوجهد، آئيني بالادستي ۽ عوامي نمائندگي لاءِ قربانين سان ڀريل آهي

نوجوانن کي قومي فيصلا سازي جي عمل ۾ موقعا فراهم ڪرڻ ضروري آهي

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق چيو آهي ته جمهوريت حڪومتي نظام ۾ عوامي شموليت جو نالو آهي. جمهوريت آزادي، برابري ۽ گڏيل فيصلاسازي تي ٻڌل حڪومتي نظام آهي. جمهوري نظام جي مضبوطي جو دارومدار عوامي راءِ جو احترام، قومي معاملن ۾ شفافيت، جوابدهي ۽ قانون جي حڪمراني کي يقيني بڻائڻ تي آهي. اهڙو اظهار هن جمهوريت جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي ڏنل پيغام ۾ ڪيو جيڪو هر سال 15 سيپٽمبر تي گڏيل قومن جي اهتمام هيٺ سڄي دنيا ۾ ملهايو ويندو آهي. قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق ملڪ ۾ جمهوريت جي بحالي ۽ جمهوري ادارن جي استحڪام لاءِ قربانيون ڏيندڙ اڳواڻن ۽ سياسي ڪارڪنن کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو ته پاڪستان جي تاريخ جمهوري جدوجهد، آئيني بالادستي ۽ عوامي نمائندگي لاءِ ڏنل قربانين سان ڀريل پئي آهي. اسپيڪر چيو ته پارليامينٽ جمهوري نظام جو بنيادي ٿنڀو ۽ عوامي امنگن جو نمائندو ادارو آهي جتي عوام جا چونڊيل نمائندا عوامي ڀلائي ۽ ترقي لاءِ قانونسازي ڪريون ٿا. هن چيو ته اختلاف راءِ جمهوريت جو حسن آهي جڏهن ته اختلافن کي برداشت، ڳالهين ۽ مشاورت جي ذريعي حل ڪرڻ جمهوري قدرن کي هٿي ڏيڻ لاءِ ضروري آهي. اسپيڪر سردار اياز صادق چيو ته ملڪ ۾ موثر جمهوري نظام لاءِ صرف چونڊيل عمل ڪافي ناهي پر عوام جي مسلسل ۽ بامعنيٰ شرڪت ۽ فيصلا سازي ۾ معاشري جي سمورن طبقن جي راءِ جو احترام ضروري آهي. هن چيو ته عورتن، نوجوانن، اقليتن ۽ معاشري جي ٻين طبقن جي سياسي ۽ پارلياماني عمل ۾ موثر شموليت جمهوريت کي مضبوط ڪري ٿي. هن چيو ته پارليامينٽ عوام ۽ رياستي ادارن وچ ۾ موثر رابطي جو اهم ذريعو آهي ۽ قومي اسيمبلي عوامي مسئلن کي قانونسازي ۽ پارلياماني نگراني جي ذريعي حل ڪرڻ ۾ فعال ڪردار ادا ڪري رهي آهي. هن چيو ته پارلياماني ڪميٽين، پارلياماني ڪاڪس ۽ مختلف مشاورتي پليٽ فارمز ذريعي پارليامينٽ جي ميمبرن کي اهم قومي ۽ عوامي معاملن تي ڳالهين ۽ گڏيل غور ويچار جا موقعا فراهم ڪيا ويندا آهن. سردار اياز صادق چيو ته نوجوان نسل پاڪستان جي روشن مستقبل جي ضمانت آهن. نوجوانن کي پارلياماني نظام، آئيني قدرن ۽ جمهوري طريقيڪار سان روشناس ڪرائڻ ۽ کين قومي فيصلا سازي جي عمل ۾ موثر ڪردار ادا جا موقعا فراهم ڪرڻ ضروري آهي. هن وڌيڪ چيو ته قومي اسيمبلي ۾ يونيورسٽي جي شاگردن کي قانونسازي ۽ پارلياماني معاملن کان روشناس ڪرائڻ لاءِ يوٿ انٽرنشپ پروگرام جاري ڪيو ويو آهي.

ٿا جيڪي جمهوري طرز حڪمراني ۽ پاڪستان جي آئيني نظام کي سگهه ڏين ٿا جن ۾ عوام جي خودمختياري ۽ راءِ، برابري، آزادي، انساني وقار، انصاف، قانون جي حڪمراني ۽ اختلاف راءِ ۽ اقليتي موقف جو احترام شامل آهي. هن چيو ته جمهوريت صرف ووٽ ڏيڻ کان وڌيڪ آهي، جمهوريت شهرين کي انهن فيصلن ۾ بامعنيٰ آواز ڏئي ٿي جيڪي انهن جي زندگين جي جوڙجڪ ڪن ٿا ۽ عوامي اختيار استعمال ڪندڙن کي عوام آڏو جوابده بڻائين ٿا. صدر چيو ته جمهوريت جو مطلب اڪثريت جي بي لغام حڪمراني نه آهي. هڪ حقيقي جمهوريت جي لاءِ ضروري آهي ته اڪثريت اقليتن جي جائز حقن ۽ آواز کي ٻڌي، انهن جو احترام ڪري ۽ انهن جي لاءِ مناسب گنجائش پيدا ڪري. هن چيو ته پاڪستان جي لاءِ جمهوريت اسان جي عوام کي درپيش پراڻي چئلينجز تي ضابطو آڻڻ جي لاءِ لازمي آهي. نمائندا ادارا، جوابده حڪومت ۽ قانون جي حڪمراني عوامي پاليسي کي ماڻهن جي ضرورت کي وڌيڪ موثر طريقي سان پورو ڪرڻ، ضروري خدمتن تائين پهچ کي بهتر بڻائڻ، اڻبرابري کي گهٽ ڪرڻ ۽ سڀني جي لاءِ موقعا پيدا ڪرڻ جي قابل بڻائين ٿا. ان جي لاءِ هڪ پرامن، جامع، مستحڪم ۽ خوشحال پاڪستان جي تعمير جي لاءِ مضبوط جمهوري ادارا ضروري آهن. صدر چيو ته پاڪستان جو جمهوري سفر سياسي اڳواڻن، پارٽين، ڪارڪنن، سول سوسائٽي ۽ شهرين جي همت، سگهه ۽ قربانين سان عبارت آهي. هن چيو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي تاريخي قيادت ۾ پاڪستان 1973ع جي آئين جي متفق منظوري جي ذريعي هڪ فيصلاڪن جمهوري سنگ ميل حاصل ڪيو. ان اسان جو وفاقي پارلياماني نظام قائم ڪيو، بنيادي حقن جي ضمانت ڏني ۽ صوبائي خودمختياري جي لاءِ آئيني ڍانچو فراهم ڪيو. اهو اڄ بدستور اسان جي جمهوري نظام جو بنياد آهي ۽ اهو بنڌڻ آهي جيڪو وفاق کي گڏ رکي ٿو. هن چيو ته شهيد جمهوريت محترمه بينظير ڀٽو شهيد ان جدوجهد کي غيرمعمولي جرئت سان اڳتي وڌايو ۽ آخرڪار جمهوريت جي لاءِ پنهنجي جان جو نذرانو پيش ڪيو. صدر انهن سمورن سياسي اڳواڻن، ڪارڪنن ۽ شهرين کي پڻ خراج تحسين پيش ڪيو جن ظلم ۽ ڏاڍ کي برداشت ڪيو ۽ آئين ۽ عوام جي پاڻ تي حق حڪمراني جي دفاع ۾ قربانيون ڏنيون. صدر ان ڳالهه تي زور ڏنو ته اچو اسان ان ڏينهن آئين جي بالادستي، بنيادي حقن جي تحفظ، پارليامينٽ ۽ ٻين جمهوري ادارن جي استحڪام، رواداري ۽ ڳالهه ٻولهه کي فروغ ڏيڻ ۽ قومي زندگي ۾ عورتن، نوجوانن ۽ اقليتن جي بامعنيٰ شرڪت کي يقيني بڻائڻ جي پنهنجي گڏيل عزم جو ورجاءُ ڪريون. هن چيو ته جمهوريت جي اصل طاقت عوام جي اعتماد ۽ شرڪت ۾ آهي. اڄ جو اقليتي موقف آهي ته اها

سطح تي پاڪستان جو آئين وفاق جي سمورين اڪائين، قومي ادارن جي باوقار مقام ۽ نظم ۽ ضبط جو تعين ڪري ٿو. پاڪستان جو وفاقي پارلياماني جمهوري نظام عوامي مفاد ۽ اسلامي بنياد موجب قانونسازي جو اختيار ڏئي ٿو. وزيراعظم چيو ته موجوده دور جي بدلجندڙ گهرجن جي ڏس ۾ عوامي امنگن ۽ عوامي ضرورتن موجب قانون جوڙڻ پارليامينٽ جي فرضن ۾ شامل آهي. موجوده دور جي چئلينجز جو موثر طور تي مقابلو ڪرڻ ۽ هڪ خوشحال مستقبل کي يقيني بڻائڻ جي لاءِ ضروري آهي ته اسان عوامي ڀلائي جي ضامن بنيادي جمهوري قدرن کي اختيار ڪريون. وزيراعظم چيو ته پاڪستان جو آئين قومي زندگي جي سمورن شعبن ۾ عورتن جي ڀرپور شرڪت کي يقيني بڻائڻ جو واضح عزم جو اظهار ڪري ٿو. وفاقي ۽ صوبائي قانونساز ادارن ۾ عورتن جي لاءِ مخصوص سيٽون عورتن جي موثر نمائندگي جي لاءِ مقرر ڪيون ويون آهن. رياست اقليتن جي حقن ۽ مفادن جي تحفظ جي پابند آهي. وفاقي ۽ صوبائي قانونساز ادارن ۾ غيرمسلم اقليتن جي لاءِ پڻ مخصوص سيٽون رکيون ويون آهن. وزيراعظم چيو ته عالمي سطح تي پاڪستان پنهنجي عالمي ذميوارين جو ادراڪ رکي ٿو ۽ جمهوري اصولن جي مڪمل حمايت ڪري ٿو. گڏيل قومن جي مقرر ڪيل پائيدار ترقي جي هدفن بشمول جمهوريت جو فروغ، امن ۽ انصاف ۽ مضبوط ادارن جي قيام جي لاءِ پاڪستان ٺوس ڪوششون ڪري رهيو آهي. اچو اڄ جي ڏينهن وچن ڪريون ته اسان بهترين پارلياماني روايتن سان هم آهنگ جمهوري قدرن جي فروغ، شهرين جي بنيادي حقن جي تحفظ ۽ ملڪ جي لاءِ هڪ خوشحال مستقبل جي تعمير جي لاءِ گڏيل سفر جاري رکنداسين.

سياسي اڪثريت جي راءِ بغير سگهجي ٿي، انهي لاءِ هر موقف کي ٻڌڻ ۽ ان جو احترام ڪرڻ گهرجي. جمهوريت ۾ گوڙ ۽ هنگامو ٿي سگهي ٿو پر انساني تاريخ ان کان بهتر نظام حڪومت پيدا نه ڪيو. خاموشي رڳو قبرستانن ۾ هوندي آهي. هڪ زندهه معاشري کي بحث، اختلاف ۽ پرامن عدم اتفاق جي لاءِ ڪشادو رهڻ گهرجي. هن چيو ته اسان کي ان ڳالهه کي يقيني بڻائڻ گهرجي ته عوام جي مرضي سياسي اختيار جو حتمي سرچشمو ۽ اسان جي نظام حڪومت جي رهنمائي ڪندڙ بنيادي قوت بڻيل رهي.

هڪ گورجو پڻ موجود هئا. حسن علي چانڊيو جي گهرواري فريال ٽالپر ۽ صوبائي وزير گهرو ضياءالحسن لنجار جو ٿورو مڃيندي چيو ته فريال ٽالپر ۽ صوبائي وزير جي بروقت نوٽيس وٺڻ سبب حسن علي چانڊيو جي بازيابي ممڪن ٿي. هن حسن علي چانڊيو جي فوري بازيابي تي فريال ٽالپر ۽ صوبائي وزير گهرو ضياءالحسن لنجار جا ٿورا مڃيا.

بقايا 1 — روزاني عبرت

صدارت هيٺ ٿيو، سنڌ جي گهرو وزير ضياءالحسن لنجار ايوان ۾ لوڪل گورنمينٽ ترميمي بل پيش ڪيو جنهن دوران اپوزيشن ميمبرن احتجاج ڪندي اسپيڪر جي ڊائس آڏو پهچي ويا. اپوزيشن ميمبرن لوڪل گورنمينٽ ترميمي بل جون ڪاپيون به ڦاڙي ڇڏيون. لوڪل گورنمينٽ ترميمي بل 2026 بابت خاص ڪميٽي جي رپورٽ ايوان ۾ پيش ڪئي وئي، جنهن ڪانپوءِ بل کي منظور ڪيو ويو جنهن تحت ڪائونسل جو مدو پورو ٿيڻ ڪانپوءِ ميئر ئي ايڊمنسٽريٽر جا اختيار سنڀاليندو. بل جي متن موجب، نئون چونڊيل ميئر عهدو سنڀالي، تائين رٽائر ٿيندڙ چونڊيل نمائندا ايڊمنسٽريٽر طور ڪم ڪندا. بل موجب ڊپٽي ميئر، وائيس چيئرمين ڪائونسل جو ڪنوينر مقرر ٿيندو ۽ اجلاس جي صدارت پڻ ڪندو. ترميمي بل جي متن ۾ چيو ويو آهي ته يو سي چيئرمين غيرقانوني اڏاوتن جي نشاندهي ڪري سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي (ايس بي سي اي) کي اطلاع ڏيندا. بل ۾ ٽياڪڙي فورم ۾ شامل ڪيو ويو آهي جڏهن ته 90 ڏينهن اندر فورم جوڙي ڏيڻ لازمي قرار ڏنو ويو آهي. متحده قومي موومينٽ بل کي سياسي آمريت قرار ڏيندي رد ڪري ڇڏيو جڏهن ته جماعت اسلامي بل جي منظوري خلاف عدالت سان رجوع ڪرڻ جو اعلان ڪيو. تفصيل موجب سنڌ اسيمبلي جو اجلاس ٿيو جنهن ۾ صوبائي وزير قانون ضياءالحسن لنجار بلدياتي قانون ۾ ترميمن بابت سنڌ لوڪل گورنمينٽ ايڪٽ 2026ع پيش ڪيو. بل پيش ٿيڻ شرط مخالف ڌر جي ميمبرن سخت احتجاج، گوڙ ۽ نعريبازي شروع ڪري ڏني، جڏهن ته ڪجهه ميمبرن بل جون ڪاپيون ڦاڙي ڇڏيون. مخالف ڌر جي احتجاج دوران بل تي ووٽنگ ڪرائي وئي، جنهن بعد سنڌ اسيمبلي بل کي ڪثرت راءِ سان منظور ڪري ورتو. اجلاس اڱاري ڏينهن منجهند 3 وڳي تائين ملتوي ڪيو ويو. اجلاس ڪانپوءِ مخالف ڌر جي ميمبرن بل خلاف عدالت سان رجوع ڪرڻ جو اعلان ڪيو. مخالف ڌر جي ميمبر شبير قريشي چيو ته اسان لوڪل گورنمينٽ بل کي رد ڪريون ٿا. 2023ع ۾ گهوٽڻ جي وڏيرا ذريعي مرتضيٰ وهاب کي اسان مٿان مڙهيو ويو. هو جيڪڏهن ٻيهر اهي ئي ماڻهو هوندا ته ڌانڌلي جو شڪ يقين ۾ تبديل ٿي ويندو. جماعت اسلامي جي ميمبر محمد فاروق چيو ته لوڪل باڊيز ايڪٽ ۾ اختيار ئي ناهن. 18هين ترميم ڪانپوءِ حڪومت سمورا اختيار پاڻ وٽ رکيا آهن. جيڪا ترميم اسان پيش ڪئي هئي، ان کي نظرانداز ڪيو ويو. هي بل عوام جي تحفظ ۽ حقن جي ضمانت نٿو ڏئي، تنهنڪري اسان ان کي رد ڪريون ٿا. هن چيو ته هن ترميم ذريعي چونڊون نه ٿيڻ جي صورت ۾ سياسي چونڊيل ماڻهن کي سياسي ايڊمنسٽريٽر بڻجڻ جو رستو ڏنو ويندو. پي ٽي آءِ، جماعت اسلامي ۽ متحده قومي موومينٽ مڪمل طور بل جي مخالفت ڪئي آهي. جماعت اسلامي هن بل خلاف بيٺل آهي ۽ عدالت سان رجوع ڪندي.

بقايا 2 — روزاني عبرت

۾ سمورو ڪاروبار هڪ پاسي رکي اوچتو بل منظور ڪيو ويو. پارليامينٽ اندر ۽ ٻاهر سمورين سياسي پارٽيون هن بل کي رد ڪن ٿيون. هڪ طرف پيپلز پارٽي آهي ۽ ٻي طرف عوام آهي. هن چيو ته بلدياتي اختيارن جي ڳالهه سڀ ڪن ٿا. سپريم ڪورٽ جو فيصلو به موجود آهي پر سنڌ حڪومت هي بل منظور ڪري عدالتي فيصلي جي توهين ڪري رهي آهي. علي خورشيدي چيو ته حڪومت اڪثريت جي بنياد تي غلط فيصلا ڪري رهي آهي. سڀاڻي اهو به فيصلو ڪندا ته قانون وارو وزير چيف جسٽس بڻجي وڃي. جيڪي انتظامي يونٽ موجود آهن انهن کي اختيار نه ڏنا ويا. وڃن حڪومت جو رويو آمرانه آهي. اهڙي جمهوريت کي رد ڪريون ٿا. متحده قومي موومينٽ جي ميمبر افتخار عالم چيو ته اسان جو موقف نه ٻڌو ويو. سپريم ڪورٽ جو فيصلو موجود آهي ۽ اختيار هيٺين سطح تائين منتقل ٿيڻ گهرجن. اسان ڪميٽي اندر به احتجاج ڪيو هو. اڄ ايوان ۾ به احتجاج ڪيو آهي ۽ هن بل کي رد ڪريون ٿا.

بقايا 3 — روزاني عبرت

جماعت اسلامي جا ميمبر پڻ شامل هئا. ڪميٽي ۾ هر شق تي بحث ٿيو. اپوزيشن ميمبرن تجويزون ڏنيون ۽ حڪومت انهن تجويزن کي تسليم ڪيو. هن ٻڌايو ته بلدياتي ادارن جي مدت مڪمل ٿيڻ کان 120 ڏينهن اڳ حڪومت اليڪشن ڪميشن کي خط لکندي، جڏهن ته چونڊن جو شيڊول جاري ٿيندي ئي موجوده نمائندن جا اختيار ختم ٿي ويندا. ايم ڪيو ايم جي تجويز هئي ته مدت 90 ڏينهن ڪئي وڃي، تنهن هوندي به اتفاق راءِ سان 120 ڏينهن جي مدت مقرر ڪئي وئي. ضياءالحسن لنجار چيو ته حڪومت جي ڪوشش آهي ته بلدياتي چونڊون جلد ڪرايون وڃن ۽ نظام ۾ تسلسل برقرار رهي. هن چيو ته ترميم ذريعي ڊپٽي ميئر ۽ وائيس چيئرمين کي ڪنوينر قرار ڏنو ويو آهي. چيئرمين کي اختيار ڏنا ويا وڃن ۽ پوليس پڻ انهن جي اختيارن کي تسليم ڪندي. مصالحت ڪميٽين کي پڻ اختيار ڏنا ويا آهن جڏهن ته صوبائي فنانس ڪميشن قائم ڪئي پئي وڃي.

بقايا 4 — روزاني عبرت

سنڌ اسيمبلي جي ڪارروائي سهڻي ڏني. ايم ڪيو ايم پنهنجي پراڻي روايت برقرار رکندي مڪاني حڪومت جي ترميمي بل تي ايوان ۾ گوڙ ڪيو. هن چيو ته حڪومت چاهي ها ته بل آئين تي پيش ڪري سگهي پئي ۾ مختلف پارٽين تي ٻڌل ڪميٽي جوڙي وئي، جنهن ۾ سمورين جماعتن جا ميمبر شريڪ هئا. شرجيل ميمڻ موجب، ايم ڪيو ايم ڪميٽي ۾ بل جي سمورين شقن جي حمايت ڪئي پر اسيمبلي ۾ اچي پنهنجي موقف تان ڦري وئي. شرجيل ميمڻ چيو ته اهو ايم ڪيو ايم جو پراڻو طريقو آهي. ايم ڪيو ايم پنهنجي ئي اڳواڻ سان بغاوت ڪئي آهي. هن چيو ته ايم ڪيو ايم مڪاني چونڊن کان ڀڄي وئي هئي. مصطفيٰ ڪمال خالد مقبول صديقي کي "را" جو ايجنٽ قرار ڏنو هو پر اسان اهڙن الزامن تي يقين نٿا رکون. صوبائي وزير چيو ته مصطفيٰ ڪمال پنهنجي ڳالهه واضح ڪري يا معافي وٺي ڇاڪاڻ ته ايم ڪيو ايم جو اسيمبلي اندر ڪجهه ۽ ٻاهر ڪجهه ٻيو موقف هوندو آهي. شرجيل ميمڻ چيو ته مصطفيٰ ڪمال خالد مقبول کي "را" جو ايجنٽ قرار ڏنو هو پر اڄ هو ڪمال ان ئي شخص جي ماتحت ڪم ڪري رهيو آهي جنهن کي هو "را" جو ايجنٽ چوندو هو. جيڪڏهن سندس ڳالهه غلط هئي ته مصطفيٰ ڪمال اچي معافي وٺي. هن چيو ته مڪاني حڪومت جي ترميمي بل ۾ ڪا تمام وڏي ترميم ناهي ڪئي وئي.

بقايا 5 — روزاني عبرت

ٿي رهيو آهي. هن ٻڌايو ته ڪوٽڙي ۽ ڪورنگي ۾ پاڻي صاف ڪرڻ جا ٽريٽمينٽ پلانٽ موجود آهن جڏهن ته ڊي ايڇ اي ۾ پڻ 4 ٽريٽمينٽ پلانٽ قائم آهن. ڪي پي ون جو افتتاح ٿيڻ وارو آهي جنهن ڪانپوءِ 40 ملين گيلن پاڻي ٽريٽ ڪري خارج ڪيو ويندو. ماحولياتي معاملن بابت سوالن جا جواب ڏيندي حسن علي شاهه چيو ته سنڌ حڪومت 2025ع ۾ ڪائر سائيڊ صنعت تي پابندي لاڳو ڪئي هئي، جڏهن ته پلاسٽڪ جي ٿيلهن تي پڻ پابندي آهي. وڻن جي ڪٽائي بابت ماحوليات کاتي جي زيرو ٽالرنس پاليسي آهي. هن چيو ته سنڌ ۾ مينگروز جي شجرڪاري جي حوالي سان گنيز بڪ ۾ نالو شامل آهي ۽ هيل تائين 30 لک بوٽا پوکيا ويا آهن. اپوزيشن ميمبر عبدالوسيم حڪومتي جواب تي اعتراض ڪندي چيو ته سڄي شهر ۾ پلاسٽڪ جون ٿيلهيون موجود آهن. ايوان ۾ جيڪو لکيل جواب ڏنو ويو اهو پڙهيو ويو جڏهن ته زميني حقيقتون ان جي ابتڙ آهن. هن چيو ته پلاسٽڪ جي ٿيلهن واري معاملي تي عدالتن ۾ ڪيس پڻ هلندڙ آهن. سوالن واري وقفي دوران پارلياماني سيڪريٽري وڌيڪ ٻڌايو ته ڪراچي ۾ ڪجهه صنعتون رهواسين جي صحت لاءِ خطرناڪ آهن. قانوني يا غيرقانوني طور قائم صنعتن مان صحت کي خطرو هئڻ سبب ڪيترين ئي صنعتن کي نوٽيس جاري ڪيا ويا آهن جڏهن ته غيرقانوني صنعتن خلاف ڪارروائي ڪري ڪيس ماحولياتي تحفظ جي ٽريبونلز ڏانهن اماڻيا ويا آهن. بعد ۾ صوبائي وزير قانون ضياء الحسن لنجار خصوصي ڪميٽي جي رپورٽ ايوان ۾ پيش ڪئي.

بقايا 6 — روزاني عبرت

ترميمي بل پيش ٿيڻ تي ڳالهائيندي جماعت اسلامي جي ميمبر محمد فاروق چيو ته هو خصوصي ڪميٽي جو ميمبر هو پر اپوزيشن جي اهم ترين ترميم منظور نه ڪئي وئي. هن چيو ته موجوده قانون اڳ ئي ميئر کي اختيار نه ٿو ڏئي. هي بل بي مقصد آهي ۽ حڪومت پنهنجي سياسي چونڊيل ماڻهن کي ايڊمنسٽريٽر بڻائڻ چاهي ٿي. هن چيو ته جماعت اسلامي، پي ٽي آءِ ۽ ايم ڪيو ايم ٽئي پارٽيون ان معاملي تي هڪ آواز آهن. جماعت اسلامي هن بل کي جمهوريت دشمن سمجهي ٿي ۽ ان خلاف عدالت سان رجوع ڪندي. هن چيو ته اپوزيشن بل خلاف ووٽ ڏنو آهي. ايم ڪيو ايم جي افتخار عالم چيو ته سندن پارٽي جو موقف نه ٻڌو ويو. سپريم ڪورٽ جو فيصلو موجود آهي ۽ اختيار هيٺين سطح تائين منتقل ٿيڻ گهرجن. هن چيو ته ايم ڪيو ايم ڪميٽي اندر به احتجاج ڪيو ۽ اڄ ايوان ۾ پڻ احتجاج ڪيو. ايم ڪيو ايم بل کي رد ڪري ٿي.

بقايا 7 — روزاني عبرت

جن پنگ چيو آهي ته سال 2027ع ۾ برڪس جي سربراهي دوران واپاري خدمتن بابت برڪس فورم جي ميزباني ڪندو. پرڏيهي ميڊيا مطابق برڪس اڳواڻن ۽ شراڪتدار ملڪن جي نمائندن جي اجلاس کي خطاب ڪندي صدر شي جن پنگ چيو ته چين برڪس خصوصي اقتصادي زون پارٽنرشپ قائم ڪرڻ جي تجويز پيش ڪري ٿو جنهن تحت ميمبر ملڪ هڪ گڏيل ڍانچو پورٽل قائم، پاليسين ۾ هم آهنگي ۽ کليل اقتصادي ترقي لاءِ نوان موقعا پيدا ڪري سگهندا.

بقايا 8 — روزاني عبرت

زرداري اعليٰ سطح جي باقاعده مذاڪرات، اقتصادي تعاون کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ ۽ ڪاروباري برادرين جي وچ ۾ رابطا وڌائڻ جي اهميت تي زور ڏيندي چيو آهي ته پاڪستان فرانس سان پراڻي دوستي کي تمام گهڻي اهميت ڏئي ٿو. سومر ڏينهن ايوان صدر جي پريس ونگ پاران جاري بيان موجب فرانس جي سفير نڪولس گيلي صدر آصف علي زرداري سان ايوان صدر ۾ الوداعي ملاقات ڪئي. صدر پاڪستان ۽ فرانس جي لاڳاپن جي فروغ جي لاءِ پنهنجي سفارتي دور دوران فرانسيسي سفير جي خدمتن کي ساراهيندي اميد ظاهر ڪئي ته گڏيل دلچسپي جي سمورن شعبن ۾ ٻطرفا لاڳاپا وڌيڪ سگهه اختيار ڪندا. هن چيو ته پاڪستان فرانس سان پراڻي دوستي کي تمام گهڻي اهميت ڏئي ٿو. هن مشڪل دور ڪانپوءِ ٻطرفي لاڳاپن کي اڳتي وڌائڻ ۾ سفير نڪولس گيلي جي تعميري ڪردار جي واکاڻ ڪئي. صدر اعليٰ سطح جي باقاعده مذاڪرات، اقتصادي تعاون کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ ۽ ٻنهي ملڪن جي ڪاروباري برادرين جي وچ ۾ رابطا وڌائڻ جي اهميت تي زور ڏنو. هن فرانس ۾ ٻيلن جي باهه جي تباهي آڻيندڙ واقعن تي فرانسيسي حڪومت ۽ عوام سان همدردي جو اظهار ڪندي چيو ته پاڪستان فرانس سان مڪمل يڪجهتي جو اظهار ڪري ٿو. هن آمريڪا ۽ ايران جي تڪرار دوران پاڪستان جي تعميري ثالثي جي ڪردار جي فرانس پاران اعتراف کي پڻ ساراهيو. صدر گڏيل مفاد جي شعبن ۾ وڌيڪ تعاون جي آجيان ڪئي ۽ پاڪستان ۾ ترقياتي منصوبن جي لاءِ فرانسيسي ڪمپنين ۽ ترقي بابت فرانسيسي ايجنسي جي ڪردار جي واکاڻ ڪئي.

بقايا 9 — روزاني عبرت

ويو آهي. پرڏيهي ميڊيا موجب سومر ڏينهن صبح جو تيل جي اگهن ۾ اضافو نار وارن ملڪن ۾ چڪتاڻ ۾ اضافو، خاص طور تي سعودي عرب ۾ اهم تيل جي پائپ لائن جي بند ٿيڻ جو نتيجو آهي. رپورٽ موجب برينٽ جي قيمت 3.21 ڊالرز يعني 3.1 سيڪڙو جي اضافي سان 107.82 ڊالرز في بيرل تائين پهچي وئي آهي. سعودي عرب جي اوڀر - اولهه جي تيل جي پائپ لائن ڊرون حملي ڪانپوءِ عارضي طور تي بند ٿيڻ سبب تيل جي عالمي رسد 4 سيڪڙو تائين متاثر ٿيڻ جو خدشو آهي. هوڏانهن برطانوي ايجنسي يو ڪي ايم ٽي او چيو آهي ته آبنائي هرمز ۾ هڪ بحري جهاز تي ميزائل حملي ڪانپوءِ ان ۾ باهه لڳي وئي ۽ عملي کي جهاز مان ڪڍڻو پيو. ٻه ڏينهن اڳ يمن جي حوثين اسٽريٽجڪ اهميت رکندڙ ٻيٽ پيريم تائين پهچي باب المندب تي پنهنجو ڪنٽرول وڌيڪ مضبوط ڪري ورتو آهي جيڪو تيل جي فراهمي لاءِ هڪ اهم گذرگاهه آهي جنهن ذريعي ڪجهه مهينن ۾ عالمي تيل جي رسد جو 4 کان پنج سيڪڙو حصو منتقل ڪيو ويو هيو. گذريل هفتي خام تيل جا اگهه 8 سيڪڙو اضافي سان جولاءِ ڪانپوءِ پهريون ڀيرو 100 ڊالر في بيرل کان وڌي ويا هئا.

بقايا 10 — روزاني عبرت

شاهه احد، شير علي ارباب، محمد اقبال آفريدي، ڊاڪٽر امجد علي، جنيد اڪبر، شاهد خٽڪ، زبير وزير، عمر ايوب، ارشد عمر زئي، زر عالم، ميان عمر، اختر خان، همايون خان، رياض خان، عبدالڪبير خان، طفيل انجم، آصف محسود، عجب گل، محمد عثمان، بابر سليم سواتي، عرفان سليم، ايڊوڪيٽ علي زمان ۽ ملڪ شهاب جا پاسپورٽ بلاڪ ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو. عدالت قرار ڏنو ته دستياب رڪارڊ موجب، جوابدار هن ڪيس ۾ نامزد آهن جڏهن ته جاچ آفيسر موجب جوابدار قانوني ڪارروائي کان بچڻ لاءِ ملڪ مان فرار ٿي سگهن ٿا. عدالت چيو ته جوابدارن تي رياستي ادارن تي حملن ۽ دهشتگردي کي هٿي ڏيڻ جهڙا سنگين الزام آهن جڏهن ته اهي عدالت آڏو پيش ٿيڻ ۾ پڻ ناڪام رهيا. عدالت موجب، جن جوابدارن عبوري ضمانت حاصل ڪئي آهي اهي به ڪيس ۾ جاچ ۾ شامل نه ٿيا. عدالت جاچ آفيسر جي جوابدارن جا پاسپورٽ بلاڪ ڪرڻ واري درخواست منظور ڪندي ايف آءِ اي کي هدايت ڪئي ته ايندڙ حڪمن تائين جوابدارن جا پاسپورٽ بلاڪ ڪيا وڃن.

بقايا 11 — روزاني عبرت

قانون جي بالادستي سان وابستگي جو ورجاءُ ڪندي چيو آهي ته موجوده دور جي چئلينجز جو موثر طور تي مقابلو ڪرڻ ۽ هڪ خوشحال مستقبل کي يقيني بڻائڻ جي لاءِ ضروري آهي ته اسان عوامي ڀلائي جي ضامن بنيادي جمهوري قدرن کي اختيار ڪريون. وچن ڪريون ته اسان بهترين پارلياماني روايتن سان هم آهنگ جمهوري قدرن جي فروغ، شهرين جي بنيادي حقن جي تحفظ ۽ ملڪ جي لاءِ هڪ خوشحال مستقبل جي تعمير جي لاءِ گڏيل سفر جاري رکنداسين. سومر ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جمهوريت جي عالمي ڏينهن تي جاري پيغام ۾ وزيراعظم چيو ته پاڪستان اڄ عالمي دنيا سان هڪ آواز ٿي جمهوريت جو عالمي ڏينهن ملهائي رهيو آهي. هي ڏينهن جمهوريت جي بنيادي قدرن، برابري، انصاف ۽ آزادي جو فروغ، عوامي راءِ جو احترام، انساني وقار جو تحفظ ۽ قانون جي بالادستي سان وابستگي جو موقعو فراهم ڪري ٿو. جمهوري نظام حڪومت ۾ اختيار عوام جي چونڊيل نمائندن کي ڀلائي جي لاءِ استعمال ڪيا وڃن ٿا. پارليامينٽ ملڪ جو مرڪزي جمهوري ادارو آهي جيڪو عوام جي نمائندگي ڪري ٿو. هن چيو ته پاڪستان جو آئين رياست ۽ شهرين جي وچ ۾ تعلق کي قانوني شڪل ۾ بيان ڪري ٿو. آئين جو آرٽيڪل 25 هر شهري جي برابر حقن ۽ قانون جي نظر ۾ برابري جي ضمانت فراهم ڪري ٿو. قومي

بقايا 12 — روزاني عبرت

شهباز شريف فيول سبسڊي ريليف حاصل ڪرڻ جي لاءِ رجسٽريشن جي لاءِ گهربل ايس ايم ايس کي مفت ڪرڻ جي هدايت ڪندي چيو آهي ته عوام کي رجسٽريشن ۽ ٻين ضروري مرحلن ۾ هر ممڪن رهنمائي فراهم ڪئي وڃي. سومر ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف جي صدارت ۾ نار جي صورتحال جي ڏس ۾ پيٽروليم مصنوعات جي قيمتن ۾ اضافي سان گهٽ آمدني ۽ وچولي طبقي کي رليف جي فراهمي جي لاءِ پي ايم اسپيشل ريليف اسڪيم جي اڳڀرائي تي اعليٰ سطحي اجلاس منعقد ٿيو. اسڪيم تحت موٽرسائيڪل، رڪشا ۽ 800 سي سي تائين جي گاڏين جي مالڪن کي فيول سبسڊي فراهم ڪئي ويندي. وزيراعظم سبسڊي ريليف حاصل ڪرڻ جي لاءِ رجسٽريشن جي لاءِ گهربل ايس ايم ايس کي مفت ڪرڻ جي هدايت ڪئي. اسلام آباد جي رهواسين جي لاءِ فيول سبسڊي اسڪيم 14 ۽ 15 سيپٽمبر جي وچ واري رات شروع ڪئي ويندي جڏهن ته سڄي ملڪ بشمول آزاد جمون ۽ ڪشمير ۽ گلگت بلتستان ۾ 16 ۽ 17 سيپٽمبر جي وچ واري رات کان پيٽرول تي ريليف حاصل ڪري سگهبو. وزيراعظم چيف ڪمشنر ۽ آءِ جي اسلام آباد سميت انتظاميا کي عوام جي رهنمائي جي لاءِ فيلڊ ۾ موجود رهڻ جي هدايت ڪئي. هن چيو ته عوام کي رجسٽريشن ۽ ٻين ضروري مرحلن ۾ هر ممڪن رهنمائي فراهم ڪئي وڃي. وزيراعظم سڄي ملڪ ۾ عوامي نمائندن ۽ رضاڪارن کي عوام جي رهنمائي جي لاءِ متحرڪ ڪرڻ جي هدايت ڪئي. هن چيو ته رضاڪار عوام کي فيول سبسڊي اسڪيم جي رجسٽريشن ۽ ٻيا ضروري مرحلا مڪمل ڪرڻ ۾ رهنمائي فراهم ڪن. وزيراعظم فيول سبسڊي اسڪيم جي حوالي سان ڀرپور ميڊيا آگاهي مهم هلائڻ جي هدايت ڪئي. هن چيو ته پرنٽ، اليڪٽرانڪ، ڊيجيٽل ۽ سوشل ميڊيا سميت سمورن پليٽ فارمز تي آگاهي مهم کي تيز رفتاري سان هلايو وڃي. فيول سبسڊي اسڪيم جا ثمر وڌ کان وڌ مستحق شهرين تائين پهچائڻ جي لاءِ سمورا دستياب ذريعا استعمال ۾ آندا وڃن. وزيراعظم چيو ته اسڪيم جي ڪاميابي جي لاءِ عوام کي وقت سر معلومات ۽ رهنمائي جي فراهمي يقيني بڻائي وڃي. ان موقعي تي بريفنگ دوران ٻڌايو ويو ته اسلام آباد ريجن ۾ اسڪيم جي شروعات کان اڄ ڪچهري تائين 6 لک کان وڌيڪ ايس ايم ايس ملي چڪا آهن. ملندڙ ايس ايم ايس مان 42 هزار 933 درخواستگذار پي ايم اسپيشل ريليف اسڪيم جي لاءِ ڪاميابي سان رجسٽرڊ ٿي چڪا آهن.

بقايا 13 — روزاني عبرت

وفاقي گادي واري شهر ۾ سيڪيورٽي خدشن کي نظر ۾ رکندي صوبن مان 23 هزار 500 پوليس اهلڪار طلب ڪرڻ سان لاڳاپيل سوشل ميڊيا تي گردش ڪندڙ نوٽيفڪيشن کي مڪمل طور تي جعلي ۽ بي بنياد قرار ڏئي ڇڏيو آهي. ڪابينه ڊويزن جي نالي سان منسوب ان جعلي خط ۾ دعويٰ ڪئي وئي هئي ته اسلام آباد ۾ امن امان جي صورتحال کي نظر ۾ رکندي پنجاب مان 15 هزار، سنڌ مان 8 هزار ۽ بلوچستان مان 500 پوليس اهلڪار 20 سيپٽمبر تائين وفاقي گادي واري شهر پهچڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. حڪومتي ذريعن مطابق ڪابينه ڊويزن يا گهرو وزارت طرفان اهڙو ڪو خط يا حڪم نامو جاري ناهي ڪيو ويو. اختيارين واضح ڪيو ته سوشل ميڊيا تي گردش هيٺ نوٽيفڪيشن من گهڙت آهي. عوام ۽ ميڊيا کي گذارش آهي ته هو بغير تصديق اهڙا گمراهه ڪن ۽ غيرتصديقي دستاويزن ڌيان نه ڏين.

بقايا 14 — روزاني عبرت

قرار ڏيندي چيو آهي ته جمهوريت جي اصل طاقت عوام جي اعتماد ۽ شرڪت ۾ آهي. هڪ پرامن، جامع، مستحڪم ۽ خوشحال پاڪستان جي تعمير جي لاءِ مضبوط جمهوري ادارا ضروري آهن. 15 سيپٽمبر تي ملهائجندڙ جمهوريت جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ صدر آصف علي زرداري چيو ته جمهوريت جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي اسان انهن اصولن جي لاءِ پنهنجي وابستگي جو ورجاءُ ڪريون

بقايا 15 — روزاني عبرت

۾ شرڪت ڪري رهيو آهي جيڪا پارليامينٽ آف سائوٿ آفريڪا ۽ ڪامن ويلٿ پارلياماني ايسوسيئيشن (CPA) جي سائوٿ آفريڪا برانچ جي سهڪار سان ڪيپ ٽائون ۾ 13 کان 19 سيپٽمبر 2026 تائين منعقد ٿي رهي آهي. ڪانفرنس ۾ ڪامن ويلٿ جي مختلف ملڪن جي پارليامينٽن جا نمائندا شرڪت ڪري رهيا آهن جتي پارلياماني معاملن، جمهوري نظام، قانونسازي، پارلياماني طريقيڪار ۽ گڏيل دلچسپي وارن مختلف معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي پئي وڃي. سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر سيد اويس قادر شاهه جي اڳواڻي ۾ شرڪت ڪندڙ سنڌ اسيمبلي جي وفد ۾ صوبائي اسيمبلي جا ميمبر عادل الطاف انڙ، جام شبير علي خان، مهيش ڪمار، محمد يوسف بلوچ، خرم ڪريم سومرو، سيد اعجاز شاهه ۽ تنزيلا ام حبيبا شامل آهن. سنڌ اسيمبلي جو سيڪريٽري جي ايم عمر فاروق ۽ ڊائريڪٽر جنرل ميڊيا عرفان احمد ميمڻ پڻ وفد سان گڏ آهن. 69هين ڪامن ويلٿ پارلياماني ڪانفرنس ۾ سنڌ اسيمبلي جي وفد جي شرڪت سان پارلياماني رابطن جي فروغ، جمهوري قدرن جي استحڪام ۽ قانونسازي توڙي پارلياماني طريقيڪار بابت تجربن جي ڏي وٺ جا موقعا فراهم ٿيندا.

بقايا 16 — روزاني عبرت

حقيقي مستحق ماڻهن کي فوري ريليف فراهم ڪرڻ آهي. اسڪيم ۾ وڏين گاڏين کي شامل ناهي ڪيو ويو جڏهن ته موٽرسائيڪل، رڪشا، چنگ چي ۽ 800 سي سي تائين جي گاڏين جا مالڪ ان اسڪيم مان فائدو وٺندا. اسڪيم جي لاءِ پهريون ڀيرو شفاف ڊيجيٽل نظام متعارف ڪرايو ويو آهي، رجسٽريشن ۽ فيول حاصل ڪرڻ جو عمل ايس ايم ايس جي ذريعي ٿيندو. سومر ڏينهن هتي وفاقي وزيرن شزه فاطمه خواجه ۽ علي پرويز ملڪ سان گڏ وزيراعظم فيول ريليف اسڪيم جي حوالي سان پريس ڪانفرنس ۾ ڳالهائيندي اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته وزيراعظم جي خصوصي ريليف اسڪيم جو بنيادي مقصد تيل جي قيمتن ۾ اضافي سان سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿيندڙ حقيقي مستحق ماڻهن کي فوري ريليف فراهم ڪرڻ آهي. ان اسڪيم مان رڳو مستحق ماڻهو ئي فائدو وٺندا، وڏين گاڏين کي ان ۾ شامل ناهي ڪيو ويو جڏهن ته موٽرسائيڪل، رڪشا، چنگچي ۽ 800 سي سي تائين جون گاڏيون ان جي دائري ۾ آهن. هن چيو ته ان نوعيت جو نظام پهريون ڀيرو متعارف ڪرايو ويو آهي. وفاقي وزير اسڪيم جي تفصيلن کان آگاهه ڪندي چيو ته رجسٽريشن جي لاءِ موبائل فون تان آر اي جي لکي اسپيس ڪانپوءِ سڃاڻپ ڪارڊ نمبر، گاڏي جو رجسٽريشن نمبر، لاڳاپيل صوبي جو ڪوڊ ۽ گاڏي جي رجسٽريشن جي تاريخ لکي 9771 تي ايس ايم ايس موڪلڻو پوندو. رجسٽريشن ڪانپوءِ پيٽرول حاصل ڪرڻ جي لاءِ ٽي او ڪي لکي 9771 تي موڪلڻ سان فيول وٺڻ جي اجازت جو پيغام ملندو. هن چيو ته اسڪيم ۾ شفاف طريقيڪار اختيار ڪيو ويو آهي ته جيئن رڳو حقيقي مستحق ماڻهو ئي ان مان فائدو کڻن. وزيراعظم سمورن لاڳاپيل وزارتن ۽ ادارن کي اسڪيم جي موثر نگراني ۽ بنا رڪاوٽ سهولت جي فراهمي جي لاءِ 24 ڪلاڪ دستياب رهڻ جي هدايت ڪئي آهي. هن چيو ته اسڪيم جي نگراني جي لاءِ وار روم قائم ڪيو ويو آهي ۽ عوامي رهنمائي جي لاءِ ڪال سينٽر پڻ فعال ڪيو ويو آهي.

بقايا 17 — روزاني عبرت

رهائشگاهه پهچي وئي، جتي هن حسن علي چانڊيو جي گهرڀاتين سان ملاقات ڪئي ۽ سندس خيريت معلوم ڪئي. ملاقات ۾ سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ، صوبائي وزير گهرو ضياءالحسن لنجار، سنڌ اسيمبلي جي ميمبر سهيل انور سيال ۽ علي حسن

بقايا 18 — روزاني عبرت

ملن کي سرڪاري ڪڻڪ جاري ڪرڻ شروع ڪرڻ جي هدايت ڪئي ته جيئن مارڪيٽ ۾ مناسب فراهمي يقيني بڻائي سگهجي ۽ سڄي سنڌ ۾ اٽي جي قيمتن کي هيٺ آڻي سگهجي. وزيراعليٰ هائوس ۾ هڪ اجلاس جي صدارت ڪندي وڏي وزير چيو ته حڪومت جي پهرين ترجيح صارفين کي سستي اٽي جي فراهمي يقيني بڻائي رليف ڏيڻ آهي. هن ان ڳالهه تي زور ڏنو ته ڪڻڪ جا اسٽريٽجڪ ذخيرا، وقت تي خريداري، مارڪيٽ ۾ ڪارائتي مداخلت ۽ ذخيرو اندوزي خلاف سخت ڪارروائي قيمتن کي مستحڪم ڪرڻ ۽ صارفين کي هٿرادو کوٽ ۽ سٽي بازي واري عملن کان بچائڻ ۾ مدد ڪندي. هن خوراڪ کاتي ۽ ضلعي انتظاميا کي هدايت ڪئي ته ذخيرو اندوزن خلاف ڪارروايون تيز ڪيون وڃن، ضبط ٿيل ڪڻڪ جي اسٽاڪ کي ڪٺو ۽ منتقل ڪرڻ واري عمل کي تيز ڪيو وڃي ۽ رليز پروگرام شروع ٿيڻ کان گهڻو اڳ سمورا خريداري ۽ لاجسٽڪ انتظام مڪمل ڪيا وڃن. اجلاس ۾ صوبائي وزيرن مڪيش ڪمار چاولا، جام خان شورو ۽ گهرو وزير ضياء الحسن لنجار شرڪت ڪئي جڏهن ته وزير خوراڪ مخدوم محبوب الزمان، وزير زراعت سردار محمد بخش مهر، صلاحڪار گيانچند ايسراڻي ۽ خاص مددگار جبار خان وڊيو لنڪ ذريعي شرڪت ڪئي. چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه، وڏي وزير جو سيڪريٽري آصف جميل، خوراڪ کاتي جو سيڪريٽري غلام عباس نائيچ ۽ ٻيا سينئر عملدار پڻ موجود هئا. اجلاس دوران خوراڪ کاتي پاران حڪومت وٽ موجود ڪڻڪ جي اسٽاڪ، ضبط ٿيل اسٽاڪ، خريداري جي منصوبن ۽ درآمدي انتظامن بابت تفصيلي جائزو پيش ڪيو ويو. ضبط ٿيل ڪڻڪ جو اسٽاڪ: وڏي وزير کي آگاهه ڪيو ويو ته صوبي ۾ ڪل 226,918 ميٽرڪ ٽن (MT) ڪڻڪ ضبط ۽ مفاهمت ڪئي وئي آهي، ان مان 57,122 ميٽرڪ ٽن فلور ملن ۾ موجود آهي ۽ کڻڻ لاءِ تيار آهي جڏهن ته 169,796 ميٽرڪ ٽن غير قانوني اسٽاڪ رکندڙ واپارين ۽ ذخيرو اندوزن کان ضبط ڪيو ويو آهي. عملدارن چيو ته 25,365 ميٽرڪ ٽن ڪڻڪ تي اڃا تائين مقدمو هلي رهيو آهي، جنهن ڪري 144,431 ميٽرڪ ٽن کڻڻ لاءِ موجود آهي. هيستائين 59,223 ميٽرڪ ٽن خريداري ۽ ذخيرو ڪرڻ وارين سهولتن تائين منتقل ڪيو ويو آهي جڏهن ته 85,208 ميٽرڪ ٽن اڃا کڻڻو باقي آهي. اجلاس کي ٻڌايو ويو ته خوراڪ کاتي اڳ ۾ ئي کنيل ڪڻڪ جي اسٽاڪ جي عيوض 2.855 ارب رپيا ادا ڪري ڇڏيا آهن. ضلعي وار ڪارڪردگي جو جائزو وٺندي وڏي وزير ڊپٽي ڪمشنرن ۽ فوڊ آفيسرز کي هدايت ڪئي ته باقي بچيل اسٽاڪ جي منتقلي تيز ڪئي وڃي، خاص ڪري انهن ضلعن ۾ جتي کڻڻ جو تناسب گهٽ آهي. هن زور ڏنو ته قانوني طور تي موجود سموري ڪڻڪ بنا دير جي سرڪاري تحويل ۾ آندي وڃي ته جيئن ان کي مارڪيٽ جي مداخلت ۽ قيمتن جي استحڪام لاءِ ڪارائتي نموني استعمال ڪري سگهجي. آڪٽوبر کان ڪڻڪ جاري ڪرڻ جو منصوبو: وڏي وزير خوراڪ کاتي کي هدايت ڪئي ته پهرين آڪٽوبر کان فلور ملن کي ڪڻڪ جاري ڪرڻ جا انتظام حتمي شڪل ڏنا وڃن ۽ ان ڳالهه کي يقيني بڻايو وڃي ته سپلائي جو طريقو شفاف ۽ ڪارائتو رهي. مراد علي شاهه چيو ته ڪڻڪ جا ذخيرا جاري ڪرڻ جو مقصد مارڪيٽ ۾ دستيابي وڌائڻ، منافعي خوري جي حوصلہ شڪني ڪرڻ ۽ اٽي جي قيمتن ۾ گهٽتائي ذريعي صارفين کي واضح رليف فراهم ڪرڻ آهي. هن کاتي کي هدايت ڪئي ته مارڪيٽ جي رجحانن تي نظر رکي وڃي ۽ ان ڳالهه کي يقيني بڻايو وڃي ته سرڪاري ڪڻڪ جو فائدو صارفين تائين اٽي جي گهٽيل قيمتن جي صورت ۾ پهچي. پاسڪو (PASSCO) کان خريداري: خوراڪ کاتي اجلاس کي آگاهه ڪيو ته سنڌ فيئر ائوريج ڪوالٽي (FAQ) ڪڻڪ جي دستيابي جي شرط تي پاسڪو کان 190,000 ميٽرڪ ٽن ۽ 223,455 ميٽرڪ ٽن جي وچ ۾ ڪڻڪ خريد ڪرڻ جو منصوبو رکي ٿي. خوراڪ واري وزير مخدوم محبوب الزمان اجلاس کي ٻڌايو ته ٽرانسپورٽيشن جو ٽينڊر اڳ ۾ ئي جاري ڪيو ويو آهي جيڪو 22 سيپٽمبر 2026 تي کوليو ويندو. ڪاٽي بورين ۽ ٻين لاجسٽڪ گهرجن جي خريداري پڻ شروع ڪري ڏني آهي. وڏي وزير خوراڪ کاتي کي هدايت ڪئي ته خريداري جي عمل ۾ مڪمل شفافيت ۽ ڪارڪردگي يقيني بڻائي وڃي ۽ عملدارن کي هدايت ڪئي ته مقرر ڪيل وقت اندر سمورا انتظام مڪمل ڪيا وڃن. هن چيو ته پاسڪو کان وقت تي خريداري، سرڪاري اسٽاڪ جاري ڪرڻ سان گڏ، مارڪيٽ جي سپلائي کي مضبوط ڪندي ۽ سڄي صوبي ۾ قيمتن جي استحڪام کي برقرار رکڻ ۾ مدد ڪندي. ڪڻڪ جي درآمد جو منصوبو: اجلاس کي وفاقي حڪومت جي ڪڻڪ جي درآمد واري اقدام بابت پڻ آگاهه ڪيو ويو. عملدارن وڏي وزير کي ٻڌايو ته ٽريڊنگ ڪارپوريشن آف پاڪستان (TCP) 0.3 ملين ميٽرڪ ٽن (MMT) ڪڻڪ جي درآمد لاءِ ٽينڊر جاري ڪيو آهي. هي ٽينڊر هن هفتي کولڻ جو امڪان آهي. وڏي وزير خوراڪ کاتي کي هدايت ڪئي ته درآمدي عمل تي ويجهڙائي سان نظر رکي وڃي ۽ بولين (bids) جي کولڻ کان فوري بعد پهچندڙ لاڳت ۽ سپلائي جي اثرن بابت تفصيلي جائزو ڪابينا جي ذيلي ڪميٽي کي پيش ڪيو وڃي. مراد شاهه چيو ته جتي ضرورت هجي اتي ڪڻڪ جي درآمد کي حڪمت عملي سان مقامي اسٽاڪ کي هٿي ڏيڻ ۽ مارڪيٽ ۾ بنا ڪنهن رڪاوٽ جي سپلائي يقيني بڻائڻ لاءِ استعمال ڪيو وڃي. اجلاس ۾ ڪراچي جي فلور ملن جي پيهڻ واري صلاحيت جو جائزو ورتو ويو ۽ ٻڌايو ويو ته هن وقت 96 فلور ملون فعال آهن جڏهن ته 5 غير فعال آهن. عملدارن ٻڌايو ته ڪراچي جي 101 رجسٽرڊ فلور ملن جي گڏيل پيهڻ جي صلاحيت 424,473 ميٽرڪ ٽن آهي جنهن ۾ سڀ کان وڏي صلاحيت ملير ۽ اولهه ضلعن ۾ آهي. وڏي وزير خوراڪ کاتي کي هدايت ڪئي ته فلور ملن سان ويجهي رابطي ۾ رهي ته جيئن ڪڻڪ جاري ٿيڻ کانپوءِ پيهڻ جي عمل کي آسان ۽ اٽي جي پيداوار کي بنا ڪنهن رڪاوٽ جي يقيني بڻائي سگهجي. ڪڻڪ جي دستيابي جي صورتحال: اجلاس کي ٻڌايو ويو ته ڪڻڪ جو ڪل دستياب اسٽاڪ، جنهن ۾ باقي بچيل اسٽاڪ، موجوده خريداري ۽ منتقل ٿيل ضبط ٿيل ڪڻڪ شامل آهي، سڄي صوبي ۾ تقريبن 303,829 ميٽرڪ ٽن آهي. ڪراچي وٽ 119,534 ميٽرڪ ٽن دستياب اسٽاڪ سان گڏ سڀ کان وڏي پوزيشن آهي. ان کانپوءِ لاڙڪاڻو 61,871 ميٽرڪ ٽن ۽ حيدرآباد 54,559 ميٽرڪ ٽن سان گڏ آهي. عملدارن وڏي وزير کي وڌيڪ ٻڌايو ته ڪراچي لاءِ 130,000 ميٽرڪ ٽن پاسڪو ڪڻڪ ۽ 300,000 ميٽرڪ ٽن درآمد ٿيل ڪڻڪ جو منصوبو آهي جڏهن ته حيدرآباد، شهيد بينظير آباد ۽ ميرپورخاص ڊويزن لاءِ پاسڪو جون اضافي الاٽمينٽون مقرر ڪيون ويون آهن. اجلاس کي خطاب ڪندي مراد علي شاهه ورجايو ته فوڊ سيڪيورٽي (غذائي تحفظ) ۽ صارفين کي رليف ڏيڻ صوبائي حڪومت جي اعليٰ ترين ترجيحن ۾ شامل آهي. هن چيو ته اسان يقيني بڻائينداسين ته سڄي سنڌ ۾ ڪڻڪ جو گهربل اسٽاڪ موجود هجي ۽ صارفين کي سستي قيمت تي اٽو ملي. هن وڌيڪ چيو ته حڪومت عوام کي غير ضروري قيمتن جي واڌ کان بچائڻ لاءِ جڏهن به ضرورت پوندي مارڪيٽ ۾ مداخلت ڪندي رهندي. وڏي وزير خوراڪ کاتي کي هدايت ڪئي ته موجود سموري ضبط ٿيل ڪڻڪ کي ڪٺو ڪرڻ جو عمل جلد کان جلد مڪمل ڪيو وڃي، پاسڪو سان خريداري جي انتظامن کي تيز ڪيو وڃي ۽ ڪڻڪ جي درآمد ۽ ان سان لاڳاپيل لاڳت تي ويجهڙائي سان نظر رکي وڃي. ضلعي انتظاميا ۽ فلور ملن سان رابطن کي مضبوط ڪيو وڃي. سخت انتظامي قدمن ذريعي ذخيرو اندوزي ۽ مارڪيٽ ۾ هٿرادو قيمتن کي روڪيو وڃي ۽ ڪڻڪ جي اسٽاڪ رليز ۽ ورڇ جو هڪ جامع مانيٽرنگ سسٽم برقرار رکيو وڃي. مراد شاهه چيو ته صوبائي حڪومت اٽي جي قيمتن کي مستحڪم ڪرڻ، غذائي تحفظ کي تحفظ ڏيڻ ۽ سنڌ جي عوام لاءِ ڪڻڪ جي بنا ڪنهن رڪاوٽ جي فراهمي کي يقيني بڻائڻ لاءِ اڳواٽ فعال قدم کڻندي رهندي.

سنڌ حڪومت
اوقاف، مذهبي معاملا، زڪوات ۽ عشر کاتو

No. SO(G)/365/Recruitment-SJP/2026 — Karachi, Dated: 14 September 2026

خالي جايون

سنڌ صوبي جي ڊوميسائل رکندڙ اهل اميدوارن کان اوقاف، مذهبي معاملا، زڪوات ۽ عشر کاتي (مذهبي معاملن واري ونگ) ۾ هيٺين خالي جاين لاءِ، اشتهار جي اشاعت کان پوءِ 15 ڏينهن اندر، ڏنل تعليمي ۽ تجربي جي معيار مطابق درخواستون گهرائجن ٿيون:

شمار نمبر	عهدي جو نالو	BPS	جاين جو تعداد	عمر جي حد: گهٽ ۾ گهٽ	عمر جي حد: وڌ ۾ وڌ	تعليمي قابليت
.1	اڪائونٽنٽ	14	06 02 (شهري ڪوٽا) اوپن 03 (رورل/ڳوٺاڻي ڪوٽا) اوپن 01 (عورت رورل ڪوٽا)	21	28	هاير ايجوڪيشن ڪميشن (HEC) کان تسليم ٿيل يونيورسٽيءَ مان بيچلر ڊگري ان ڪامرس B.S / (B.Com) (فنانس ۽ اڪائونٽس) / BBA (فنانس) گهٽ ۾ گهٽ سيڪنڊ ڊويزن يا مساوي CGPA.
.2	جونيئر ڪلارڪ	11	04 02 (شهري ڪوٽا) اوپن 02 (رورل/ڳوٺاڻي ڪوٽا) اوپن	21	28	i) هاير ايجوڪيشن ڪميشن (HEC) کان تسليم ٿيل يونيورسٽيءَ مان گهٽ ۾ گهٽ سيڪنڊ ڊويزن ۾ گريجوئيشن. ii) سنڌ بورڊ آف ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن / ٽريڊ ٽيسٽنگ بورڊ کان تسليم ٿيل اداري مان MS Office ۾ ڇهه (06) مهينن جو سرٽيفڪيٽ ڪورس.

عام هدايتون:

02. اميدوار جيڪي هيٺين شرطن تي پورو لهن ٿا، اهي سنڌ حڪومت جي جاب پورٽل https://sjp.gos.pk تي اڳواٽ بيان ڪيل جاين لاءِ درخواست ڏين.

i. اميدوارن لاءِ لازمي آهي ته انهن سکر آءِ بي اي ٽيسٽنگ سروس (STS) پاران ورتل گريجوئيشن ڪيٽيگريءَ جو جنرل اسڪريننگ ٽيسٽ گهٽ ۾ گهٽ 40% مارڪن سان پاس ڪيو هجي ۽ انهن وٽ STS جو جاري ڪيل سرٽيفڪيٽ موجود هجي.

ii. اميدوارن جي عمر جي ڳڻپ درخواستون جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ کان ڪئي ويندي، جيڪا سنڌ سول سرونٽس (بالغ عمر ۾ رعايت) رولز 2024 جي رول-7 تحت مقرر ٿيل آهي. جڏهن ته، وڌ ۾ وڌ عمر ۾ 05 سالن جي رعايت سروسز، جنرل ايڊمنسٽريشن ۽ ڪوآرڊينيشن کاتي، سنڌ حڪومت جي نوٽيفڪيشن نمبر SOII(SGA&CD) 564/2011(Part-II) تاريخ 06-03-2025 تحت ڏني ويندي.

iii. اهي اميدوار جيڪي اڳ ۾ ئي سرڪاري ملازمت ۾ آهن، اهي درخواست جمع ڪرائڻ کان اڳ پنهنجي کاتي مان NOC (لاڳاپيل کاتي کان اجازت نامو) حاصل ڪن ۽ ڊپارٽمينٽل سليڪشن ڪميٽيءَ آڏو انٽرويو وقت NOC جي اصل ڪاپي پيش ڪن.

iv. تقرري سنڌ حڪومت پاران 26-04-2023 تي جاري ڪيل پاليسي ۽ سنڌ سول سرونٽس ايڪٽ 1973ع ۽ ان تحت وقت به وقت ٿيندڙ ترميمن مطابق ڪئي ويندي.

v. اڳوڻو عمل جيڪو 8 اپريل 2026ع واري اشتهار تحت هلايو ويو هو، سو انتظامي بنيادن تي رد ڪيو ٿو وڃي.

vi. اميدوارن کي جاب پورٽل تي اپلوڊ ٿيل شيڊول موجب انٽرويوءَ لاءِ ڊپارٽمينٽل سليڪشن ڪميٽيءَ آڏو اصل دستاويزن سان گڏ حاضر ٿيڻو پوندو.

vii. انٽرويوءَ لاءِ ڪوبه TA/DA (آمدورفت يا روزانو خرچ) نه ڏنو ويندو.

INF/KRY/4051/2026

سيڪشن آفيسر (RA)
سيڪريٽري سنڌ حڪومت
اوقاف، مذهبي معاملا، زڪوات ۽ عشر کاتو

I WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com — JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

حکومت پاکستان وزارت داخلہ و انسداد منشیات
نیشنل ڈیٹابیس اینڈ رجسٹریشن اتھارٹی (نادرا)
ریجنل ہیڈ آفس کراچی

دفتر کے لیے کرائے کی جگہ درکار ہے
برائے نادرا رجسٹریشن سنٹر گلشن اقبال کراچی
(Tender Notice No. 04/2026-27/Khi)

دفتر کے لیے جگہ میں درج ذیل خصوصیات ہونی چاہئیں:
☆ دفتر کے لیے جگہ گلشن اقبال ٹاؤن کراچی کے آس پاس ہونی چاہیے۔
☆ گراؤنڈ فلور پر مجموعی کورڈ ایریا (ترجیحاً) 2,500 مربع فٹ سے 4,000 مربع فٹ کی جگہ، ہال کی شکل میں، پبلک اور اسٹاف کے واش روم کے ساتھ اور قابل رسائی مرکزی مقام پر ہو۔
☆ عمارت نمایاں اور مرکزی سڑک پر واقع ہو جس کا اپنا الگ راستہ اور کشادہ گیٹ ہو۔
☆ سیکیورٹی کے لحاظ سے موزوں مقام اور پبلک ٹرانسپورٹ کے ذریعے آسان رسائی ہو۔
☆ معذور شہریوں کے لیے ویل چیئر ریمپ کی سہولت ہو۔
☆ سیٹلائٹ ڈش انٹینا کی تنصیب اور سولر تنصیبات کے لیے چھت دستیاب ہو۔
☆ مناسب پارکنگ کی جگہ اور عوام کے اجتماع کے لیے مناسب جگہ ہو۔
☆ عمارت کی حیثیت تجارتی ہونی چاہیے (ترجیحاً)۔
☆ کم از کم مدت کے لیے کرایہ داری (یعنی 10 سال)۔

نوٹ: بولی "سنگل اسٹیج-ٹو اینویلپ" طریقہ کار کے مطابق کی جائے گی۔ ضوابط کے مطابق تفصیلی شرائط وضوابط، تقاضوں وغیرہ پر مشتمل الیکٹرانک بولی کی دستاویزات رجسٹرڈ بولی دہندگان کے لیے EPADS-https://eprocure.gov.pk پر دستیاب ہیں۔ الیکٹرانک بولیاں، بولی دستاویز میں فراہم کردہ ہدایات کے مطابق EPADS کے ذریعے 5 اکتوبر 2026 (پیر) کو صبح 11:30 بجے یا اس سے پہلے جمع کرائی جائیں (دستی بولیاں قبول نہیں کی جائیں گی)۔ الیکٹرانک بولی اسی دن، یعنی 5 اکتوبر 2026 (پیر) کو دوپہر 12:00 بجے ذیل میں درج پتے، کانفرنس ہال نادرا آر ایچ او کراچی میں، موجود بولی دہندگان کی موجودگی میں کھولی جائے گی۔

بولی دہندہ کو مطلوبہ کسی بھی دیگر معلومات کے علاوہ درج ذیل تصدیق شدہ دستاویزات منسلک کرنا ہوں گی:
☆ مالک کی جائیداد کی دستاویزات کی تصدیق شدہ فوٹو کاپی؛ شراکت داری کی صورت میں الاٹی کے حق میں خصوصی مختار نامہ فراہم کیا جائے۔
☆ متعلقہ حکام سے حاصل کردہ منظور شدہ نقشہ، سائٹ پلان، شناختی کارڈ، این ٹی این، جی ایس ٹی اور ایس ایس ٹی کی تصدیق شدہ فوٹو کاپی۔
☆ متعلقہ اتھارٹی سے عمارت کا تکمیل اور فٹنس سرٹیفکیٹ۔
☆ 500 روپے کے نان جوڈیشل اسٹامپ پیپر پر تحریری یقین دہانی کہ مالک/عمارت کسی سرکاری ادارے/اتھارٹی/محکمے کی جانب سے عارضی یا مستقل طور پر پابندی کا شکار نہیں ہے (اس ضمن میں نادرا پر کوئی ذمہ داری عائد نہیں ہوگی)۔
☆ پیش کردہ قیمت میں تمام قابل اطلاق ٹیکس شامل ہوں گے۔
☆ رئیل اسٹیٹ ایجنٹ کی صورت میں کوئی دلالی/سروس چارجز ادا نہیں کیے جائیں گے۔
☆ نادرا PPRA رول 33 کے تحت اختیار استعمال کرنے کا حق محفوظ رکھتا ہے۔
☆ اگر منتخب عمارت کا مالک قابل قبول مطلوبہ/جائیداد کی دستاویزات فراہم کرنے میں ناکام رہے تو بولی مسترد بھی کی جا سکتی ہے۔
☆ یہ اشتہار PPRA ویب سائٹ www.ppra.org.pk پر بھی دستیاب ہے۔
☆ یہ اشتہار EPADS2.0(P117520) پر بھی دستیاب ہے۔

مزید معلومات کے لیے درج ذیل پتے پر رابطہ کریں:

PID(I)2487/26

اسسٹنٹ ڈائریکٹر (ایڈمن)
نادرا ریجنل ہیڈ آفس، کراچی
29-اے، میراں محمد شاہ روڈ، ایم اے سی ایچ ایس، کے ڈی اے اسکیم-1، کراچی، فون نمبر: 021-34540828

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

مهانگي تيل جي دور ۾ عوامي رليف جي اهميت
صفحو 4

مير اعظم علي ٽالپر
سائين سرور ۽ اسڪولي ڪلچر
صفحو 4

ايران-آمريڪا جنگ: آبناءِ هرمز جي بندش، سعودي ۽ پاڪستان جو ڪردار!
اياز وگهيو
صفحو 4

مختيار اڻڙ
اڄوڪو ڏينهن — 15 سيپٽمبر
صفحو 4

شهدادڪوٽ بوائز ڊگري ڪاليج جي قيمتي پلاٽ کي قبضه مافيا کان بچائڻ لاءِ ريلي، ميڙاڪو

ڪاليج بچايو ڪميٽي جي سڏ تي شهر جي سوين سياسي سماجي ڌرين احتجاجي ريلي ڪڍي، نعريبازي

اڄ شهر جي شعور گڏ ٿي فيصلو ڏنو ته ڪاليج جي قيمتي پلاٽ صرف ڪاليج ۽ شاگردن جي ملڪيت آهي: اڳواڻ

سرڪار درست فيصلا ڪري عوامي نمائنده عوام جي خواهش مطابق شهرين جي ڀلائي ۾ قيمتي پلاٽ استعمال ڪن

شهداد ڪوٽ ڪاليج بچايو ريلي جو ڏيک، ٻئي طرف اڳواڻ خطاب ڪري رهيا آهن

شهدادڪوٽ(ڊ ر) شهدادڪوٽ بوائز ڊگري ڪاليج جي قيمتي پلاٽ کي قبضه مافيا کان بچائڻ لاءِ شهري ڌرين پاران جوڙيل ڪاليج بچايو ڪميٽي جي سڏ تي شهر جي سوين سياسي سماجي ڌرين جي ماڻهن شهرين وڪيلن استادن ۽ شاگردن پريس ڪلب کان ريلي ڪڍي ڪوڙو موڙو چوڪ تي پهچي ميڙاڪو منعقد ڪيو ان موقعي تي ڪميٽي جي اڳواڻن مير مظفر بروهي، آصف مڱسي قومپرست اڳواڻ حبدار ميرجت، ضلعي بار جي اڳوڻي صدر ۽ ڪاليج جي پلاٽ بابت عدالت ۾ پٽيشن داخل ڪندڙ نالي واري قانوندان ايڊووڪيٽ شفيع محمد ڪوسو ميڙاڪي کي مخاطب ٿيندي چيو ته اڄ شهر جي شعور گڏ ٿي فيصلو ڏنو ته ڪاليج جي قيمتي پلاٽ صرف ڪاليج ۽ شاگردن جي ملڪيت آهي جنهن کي ڪنهن اداري کي نه ڏنو ڏيڻ سگهجي تنهن ڪري سرڪار درست فيصلا ڪري عوامي نمائندا عوام جي خواهش مطابق شهرين جي ڀلائي ۾ قيمتي پلاٽ استعمال ڪن ان موقعي تي مقررن معروف قانوندان ايڊووڪيٽ شفيع محمد ڪوسو پاران ڪاليج جي قيمتي پلاٽ بابت انصاف جي فراهمي لاءِ عدالت اندر پاڻ سرادو پٽيشن فائل ڪرڻ واري عمل جي ساراهه ڪندي چيو ته شفيع محمد ڪوسو ذميوار شهري هئڻ جو عملي ثبوت ڏيئي دليون کٽي ورتيون آهن هتان گهر ڪٽي ته پرنسيپال جي جبري بدلي روڪرائي وڃي ڪنهن به اداري کي ٻئي اداري جي زمين يا پلاٽ معان قبضي يا اسٽاف ۽ عوام جي رضا تروڙي مرضي منشا خلاف استعمال ۾ نه آڻڻ گهرجي

ميرپوربٺورو نامياري اديب غلام حسين رنگريز جي ورسي تقريب جون تصويري جهلڪيون

ميرپوربٺورو ۾ غلام حسين رنگريز جي پنجين ورسي تقريب

سائين غلام حسين رنگريز سچي سنڌ جي ادبي شاخن سان رابطي ۾ رهندڙ هو: احمد سولنگي

هو هڪ بهترين تنظيم ڪار هو سنڌي ادبي سنگت ۽ سياسي جماعتن جا ڪلاس به هلائيندڙ هو

ميرپوربٺورو(ن ع) سنڌي ادبي سنگت شاخ ميرپوربٺورو ۽ رنگريز يادگار ڪاميٽي طرفان سنڌ جي ناليوارياديب،شاعر،استاد،سنڌي ادبي سنگت جي اڳوڻي سيڪريٽري،سائين غلام حسين رنگريز جي پنجين ورسي تقريب عبدالحميد شاهين هال ۾ ٿي گذري جنهن جي صدارت سنڌي ادبي سنگت جي سيڪريٽري جنرل احمد سولنگي ڪئي،ورسي تقريب کي خطاب ڪندي ادبي سنگت جي مرڪزي سيڪريٽري جنرل احمد سولنگي خطاب ڪندي چيو ته سائين غلام حسين رنگريز سچي سنڌ جي ادبي شاخن سان رابطي ۾ رهندڙ هو لک پڙهه خط ڪتابت جو ڪم جاري رکندڙ هو بهترين تنظيم ڪار هو سنڌي ادبي سنگت ۽ سياسي جماعتن جا ڪلاس به هلائيندڙ هو سائين غلام حسين رنگريز آريسر جي سفر جو ساٿي رهيو۽ ڪڏهن به رستو مٽايو ڪون شاعري وسيلي مظلومن جي ترجماني ڪندڙ رهيو ادبي سنگت کي به عروج تي پهچايو سندس شاعر جي دل ۾ وطن دڙڪندو آهي رنگريز جي دل ۾ سنڌ وطن جي ڌڙڪن ٿي شاعر قومن جو روح هوندا آهن،غلام حسين رنگريز ابراهيم منشي شيخ اياز استاد بخاري،حليم باغي جي دور جو شاعر هو سنڌي شاعر جو مرڪز سنڌ رهي آهي،اڳوڻي سيڪريٽري جنرل اديب تاج جويو خطاب ڪندي،چيو ته هڪڙا ماڻهو عمل ڪردار وسيلي زندا رهندا آهن،رنگريز کي ڪردار جي ڪري ياد رکيو پيو وڃي،غلام حسين رنگريز هڪ وڏو نالو هو،جنهن سنڌي ادبي سنگت ۾ نوان لاڙا آندا سنڌي شاعري ۾ پختگي آهي،جيڪا شاعري عوام جي ترجماني ڪري ٿي هڪ طرف سنڌ ۾ قومي شعور پيدا ڪيو تاريخ ۾ اهي ڪردار ياد رهندا آهن جيڪي ڪردار سنڌ وطن جي ذڪر سان سرشار هجن. صوبن خلاف جدوجهد ڪرڻ جي ڏوهه روڪ ٿام گرفتاريون بڻيون ميار قبول نه ڪندڙ بلوري ۾ صوفيه ڪانفرنس جو ميزبان به رنگريز هو،شاعر اديب نغرنگار ترجمي نگار رهيو،موسيقي سان به وڏي چاهه هيس اديب محمد علي مانجهي خطاب ڪندي چيو ته رنگريز ادب جي اهو نالو آهي جيڪو وسري نٿو سگهي سنڌ ادبي دنيا جو هڪ وڏو نالو رهيو وقت وڏي تيزي سان گذري پيو پر ايئن محسوس ٿئي ٿو ڄڻ رنگريز ڪالهه اسان کان وڇڙيو آهي. جيئي سنڌ قومي پارٽي،جي چيئرمين نواز خان زئنور چيو ته سائين غلام حسين رنگريز مزاحمتي ڪردار هو جڪو سنڌ جي قومي تحريڪ ۽ سائين جي ايم سيد فڪر سان به سلهاڙيل رهيو سنڌ اهڙن ڪردارن کي تاريخ ۾ سونهري لفظن ۾ ياد ڪندي رهندي ۽ رنگريز جو پورهيو هڪ تاريخ جو حصو آهي. پاڻ رنگريز کي ان ڪري ياد ڪريو ٿا جو هو شعوري انسان هو،رنگريز ڳهٽيو ڳالهيون چڏي ويو هڪ ڳالهه اها به چڏي ته اسان هڪ قوم آهيون ، ورسي تقريب کي پروفيسر قادر بخش مگسي يوسف سنڌي، فهميدان رنگريز،قادر بخش زئنون ڊاڪٽر رسول بخش ڪاڙڪ جن ديئي سان واڻس تاڙ خالين جو اظهار ڪيو مير ڪڱڻ سنڌو رنگرين غلام نبي زئنون نور محمد ڪيبر اعظم پٽي رمضان ميمڻ ۽ ٻين خطاب ڪيو. وحيد پيارو ۽ خدا ڏنو ٿاراڻي،سچڻ سرائي محمد اسماعيل ملاح گيت ٻڌايا آيل مهمانن کي فهميدان رنگريز، حسين رنگريز،شفيع رنگريز اجرڪ اوڍيو،تقريب ۾ وڏي انگ ۾ سياسي سماجي ادبي صحافي شهري شرڪت ڪئي ۽ عورتن پڻ شريڪ ٿيون. رنگريز روڊ تي نيئن بورڊ جو افتتاح به ڪيو ويو. هرجي لال غلام حسين رنگريز پرڪيت ڏاهي فهميدان رنگريز کي پروگرام ۾ پيش ڪيو

گورنمينٽ گرلز پرائمري اسڪول سينٽرل جيل حيدرآباد ۾ عيد ميلاد النبي صہ جي محفل

محفلِ ميلاد ۾ شاگردن پاران نعتِ رسول صہ، تقريرون، حديث ۽ سنتِ رسول صہ بابت تقريرون پيش

مهمانن شاگردن ۽ استادن جي اعتماد، تخليقي صلاحيتن، نظم و ضبط، ڳڏيل محنت ۽ خلوص کي ساراهيو

شائسته خانم ميمڻ، شهناز سومرو، زهره الطاف، ساجده ابڙو، مومنه مسرت، ثمره ۽ مهمانن شاگردن ۾ انعام ورهايا

حيدرآباد جي جي بي اسڪول سينٽرل جيل ۾ جشنِ ولادت تقريب ۾ شاگرديائيون ۽ استاديائيون شريڪ آهن

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) گورنمينٽ گرلز پرائمري اسڪول سينٽرل جيل حيدرآباد ۾ عيد ميلاد النبي صہ جي سلسلي محفل ميلاد وڏي عقيدت، محبت ۽ روحاني جذبي سان ملهائي وئي محفل جي شروعات درود شريف جي ورد ۽ تلاوتِ قرآن پاڪ سان ڪئي وئي، محفل ميلاد ۾ نعتِ رسول صہ تقريرون، حديث ۽ سنتِ رسول صہ بابت تقريرون شاگردن جا خوبصورت چارٽ ۽ جونيئر گائيڊز جي پريڊ شرڪت شامل هئي محفل ميلاد جو اهتمام هيڊ مسٽريس طريبه حور قريشي پاران ڪيو ويو محفل ميلاد ۾ شائسته خانم ميمڻ — ڊپٽي ڊائريڪٽر ڪو ڪريڪيولر ايڪٽيويٽيز DSEحيدرآباد، شهناز سومرو اڳوڻي ڊپٽي DEOپرائمري حيدرآباد زهره الطاف، ايسوسيئيٽ پروفيسر فيڪلٽي آف ايجوڪيشن ساجده ابڙو ،ڪلسٽر هيڊ، GBLSSدارالعلوم مومنہ مسرت، ڊپٽي ڊائريڪٽر فنانس DSEحيدرآباد لينا،ٽي اي او پرائمري فيميل لطيف آباد حيدرآباد ثمره ۽ GGPSسيد باز محمد شاهه جون استاديائيون، والدين ۽ اسڪول ڪميٽي جا معزز ميمبرن شرڪت ڪئي. محفل ۾ شريڪ مهمانن شاگردن ۽ استادن جي اعتماد، تخليقي صلاحيتن، نظم و ضبط، گڏيل محنت ۽ خلوص کي ساراهيو ۽ شاگردن ۾ شرڪت جا سرٽيفڪيٽ پڻ ورهايا ويا، جڏهن ته شاگردن والدين استادن ۽ مهمانن ۾ لنگر پڻ تقسيم ڪيو ويو

گڏيجي جي پرسان ڳوٺ برڪت ساهي جي سامهون بينظير مائينر کي اوچتو ڳهارو، آبپاشي عملو نه پهتو

آبپاشي عملدار اطلاع ملڻ جي باوجود ڳهاري واري هنڌ نه پهتا، پاڻي ڳوٺ برڪت ساهي جي چوڌاري پهچي ويو

ڳوٺ جو لنگهه پڻ پاڻي هيٺ اچي ويو، ووٽڻ، جوئر، ڪمند ۽ سبزين جا فصل پاڻي هيٺ اچي ويا، ڳوٺاڻن جو ساهه مٺ ۾

بينظير مائينر جا ڪپر انتهائي ڪمزور ٿي ويا آهن جن جي ڪوبه سارسنڀال لهڻ وارو نه آهي ۽ ڪيترن ئي سالن کان ڪانن نه ڪرائي وئي آهي: ڳوٺاڻا

گڏيجي بينظير مائينر کي لڳل ڳهاري جو ڏيک، ٻئي طرف آبادگار احتجاج ڪري رهيا آهن

گڏيجي(ن ع) گڏيجي جي پرسان ڳوٺ برڪت ساهي جي سامهون بينظير مائينر کي اوچتو ڳهارو پئجي ويو آبپاشي ڪاتي جي عملدارن کي اطلاع ملڻ جي باوجود ڪوبه ڳهاري واري هنڌ نه پهتو پاڻي ڳوٺ برڪت ساهي جي چوڌاري پهچي ويو ڳوٺ جو لنگهه پڻ پاڻي هيٺ اچي ويو ووٽڻ، جوئر، ڪمند ۽ سبزين جا فصل پاڻي هيٺ اچي ويا ڳوٺ برڪت ساهي جي رهواسين الطاف حسين،ناصرعلي،غلام مصطفي،ظفرعلي،فيصل شهزاد،غلام مهدي،غلام فريد،دانش علي،عابدعلي ساهي جي اڳواڻي ۾ آبپاشي ڪاتي جي عملدارن خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو مظاهرو ڪندڙن آبپاشي ڪاتي جي عملدارن خلاف سخت نعريبازي ڪئي ان موقعي تي هنن چيو ته آبپاشي ڪاتي جي عملدارن کي ڳهاري پوڻ جو بروقت اطلاع ڏنو ويو پر ڪيترائي ڪلاڪ گذرڻ جي باوجود ڪوبه آبپاشي ڪاتي جو عملدار ڳهاري واري هنڌ نه پهتو ڳوٺاڻن پنهنجي مدد پاڻ تحت ڳهاري کي بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر ڳهارو بند نه ٿي سگهيو،هنن چيو بينظير مائينر جا ڪپر انتهائي ڪمزور ٿي ويا آهن جن جي ڪوبه سارسنڀال لهڻ وارو نه آهي ۽ ڪيترن ئي سالن کان ڪانن نه ڪرائي وئي آهي هنن چيو ته آبپاشي ڪاتي جو عملو گهر ويٺي پگهارون کڻي لڳو آهي جنهن جو فصلن جو نقصان ڏنو وڃي ۽ بينظير مائينر جا ڪپر انتهائي مضبوط ڪيا وڃن

ميهڙ واسين کي پيئڻ جو صاف پاڻي نه ملڻ ۽ ٻيا بنيادي مسئلا حل نه ٿيڻ خلاف احتجاجي ريلي

بنيادي مسئلا حل نه ٿيڻ خلاف شهري اتحاد ميهڙ جي سڏ تي ٽئين ڏينهن به احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

ميهڙ شهر جا لکين رهواسي پيئڻ جي صاف پاڻي، بهتر صفائي، پڪي روڊن ۽ ٻين بنيادي سهولتن کان محروم آهن: اڳواڻ

فلٽر پلانٽن جي غيرفعاليت سبب شهرين کي صاف پاڻي جي فراهمي يقيني نه ٿي سگهي آهي، شهري پئسن تي پاڻي پيا خريد ڪن

ميهڙ بنيادي مسئلا حل نه ٿيڻ خلاف شهري اتحاد جي سڏ تي ٽئين ڏينهن به احتجاجي ريلي ڪڍي پئي وڃي

ميهڙ (ن ع) ميهڙ واسين کي پيئڻ جو صاف پاڻي نه ملڻ، فلٽر پلانٽن ۽ واٽر سپلاءِ جي لائينن جي ناڪارا هجڻ، شهر ۾ صفائي سٿرائي جي انتهائي خراب صورتحال، روڊ رستن جي تباهي ۽ ٻيا بنيادي مسئلا حل نه ٿيڻ خلاف شهري اتحاد ميهڙ جي سڏ تي ٽئين ڏينهن به احتجاجي ريلي ڪڍي وئي احتجاجي ريلي ۾ سياسي، سماجي ۽ شهري اڳواڻن، واپارين، دڪاندارن، مختلف تنظيمن جي نمائندن، بلدياتي ادارن جي چونڊيل ڪائونسلرن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي احتجاجي ريلي شهري اتحاد ميهڙ جي چيئرمين نياز علي بروڙو ڊاڪٽر عبدالحق عباسي، عوامي جمهوري پارٽي جي اڳواڻ ايڊووڪيٽ سعيد پنهور عبدالسميع شيخ، ميونسپل ڪاميٽي ميهڙ جي چونڊيل ميمبر عرش محمد جانوري، ڪائونسلر سيد عبدالفتاح شاهه، ميونسپل ڪاميٽي جي چونڊيل ڪائونسلر اسماعيل بروهي، رضوان اڳري، قومي عوامي تحريڪ جي اڳواڻ ايڊووڪيٽ منور علي جتوئي، هاءِ ڪورٽ بار جي وڪيل عابد حسين ڪلهوڙو، پي ٽي آءِ تعلقي صدر محمد ايوب ڪوسو، قومي عوامي تحريڪ جي ضلعي اڳواڻ ايڊووڪيٽ مير ڪوسو اشتياق علي ٿهيم مير شڪيل عطاء زبير سمون، جاويد منگي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پيٺو چوڪ کان شروع ٿي ريلي گهنٽا گهر چوڪ کان ٿيندي آزاد پريس ڪلب ميهڙ ڏانهن پهتي، جتي احتجاج ڪندڙن شهر جي بنيادي مسئلن جي حل لاءِ سخت نعريبازي ڪئي مظاهرين جو چوڻ هو ته ميهڙ شهر جا لکين رهواسي پيئڻ جي صاف پاڻي، بهتر صفائي، پڪي روڊن ۽ ٻين بنيادي سهولتن کان محروم آهن، جنهن سبب روزاني زندگي سخت متاثر ٿي رهي آهي. احتجاج ڪندڙ اڳواڻن جو چوڻ هو ته ميهڙ ۾ واٽر سپلاءِ جو نظام ڊگهي عرصي کان خراب آهي، جڏهن ته فلٽر پلانٽن جي غيرفعاليت سبب شهرين کي صاف پاڻي جي فراهمي يقيني نه ٿي سگهي آهي. ڪيترن ئي علائقن ۾ شهرين کي مجبورن مهانگو پاڻي خريد ڪرڻو پوي ٿو جڏهن ته غريب ۽ پورهيت طبقو ان صورتحال سبب وڌيڪ پريشانين کي منهن ڏئي رهيو آهي هنن وڌيڪ چيو ته شهر جي مختلف پاڙن ۽ اهم رستن تي صفائي جو مناسب انتظام نه هجڻ ڪري ڪچرو گڏ ٿيل آهي، جنهن سبب ماحوليات آلودگي ۽ مختلف بيمارين جي پکڙجڻ جو خدشو وڌي ويو آهي ساڳئي وقت شهر جا ڪيترائي روڊ ۽ رستا ٽٽل هجڻ ڪري ٽريفڪ جي روانيءَ متاثر ٿي رهي آهي ۽ شهرين کي اچ وڃ ۾ سخت تڪليفن پيش اچي رهيون آهن شهري اتحاد جي اڳواڻن الزام لڳايو ته بيپارٽي جي اقتداري دور ۾ ميهڙ جي بنيادي مسئلن تي ڳهريل ڌيان نه ڏنو ويو، جنهن ڪري شهر جا مسئلا ڏينهون ڏينهن وڌندا پيا وڃن هنن چيو ته چونڊيل نمائندن ۽ لاڳاپيل بلدياتي ادارن کي عوام جي بنيادي مسئلن جي حل لاءِ عملي قدم کڻڻ گهرجن. اڳواڻن مطالبو ڪيو ته ميهڙ جي واٽر سپلاءِ جو نظام فوري طور بحال ڪري شهرين کي صاف ۽ محفوظ پيئڻ جو پاڻي فراهم ڪيو وڃي، بند پيل فلٽر پلانٽ فعال ڪيا وڃن، شهر مان ڪچرو ۽ گندگي ختم ڪري صفائي جو مستقل نظام جوڙيو وڃي ۽ تباهه ٿيل روڊن جي مرمت ڪرائي وڃي هنن چيو ته شهرين جا بنيادي مسئلا حل ڪرڻ انتظاميا ۽ چونڊيل نمائندن جي ذميواري آهي جيڪڏهن مسئلن جي حل لاءِ سنجيده قدم نه کنيا ويا ته احتجاج جو سلسلو وڌيڪ تيز ڪيو ويندو ۽ ايندڙ مرحلي ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو احتجاجي ريلي دوران شهرين پاران پنهنجي مطالبن جي حمايت ۾ نعريبازي ڪئي وئي، جڏهن ته اڳواڻن اعلان ڪيو ته ميهڙ جي بنيادي مسئلن جي حل تائين سندن احتجاج جاري رهندو

صحت کاتي حيدرآباد پاران بخار ۽ ڊينگي مڇر کان بچاءَ بابت جاڳرتا پروگرام

حيدرآباد ضلعي ۾ ڊينگي جي بچاءَ ۽ روڪٿام لاءِ لڳاتار ڪم ڪيو پيو وڃي: ڊي ايڇ او

ٽيمون سروِيلنس، لاروا جي سڃاڻپ، اسپري ۽ عوام ۾ آگاهي پيدا ڪرڻ لاءِ سرگرميون ڪري رهيون آهن

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) صحت کاتي حيدرآباد پاران بخار ۽ ڊينگي مڇر کان بچاءَ بابت ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب ۾ جاڳرتا پروگرام رکيو ويو ان موقعي تي ڊي ايڇ او پير غلام حسين ڊينگي جي روڪٿام بچاءَ ۽ شهر ۾ ڊينگي مڇر جي موجودگي بابت صحافين لاءِ آگاهي ڏيندي چيو ته 10 جون کان حيدرآباد ضلعي ۾ ڊينگي جي بچاءَ ۽ روڪٿام لاءِ لڳاتار ڪم ڪيو پيو وڃي هيلٿ کاتي جون ٽيمون مختلف علائقن ۾ سروِيلنس، لاروا جي سڃاڻپ، اسپري ۽ عوام ۾ آگاهي پيدا ڪرڻ لاءِ سرگرميون ڪري رهيون آهن هن چيو ته ڊينگي مڇر صاف ۽ بيٺل پاڻي ۾ افزائش ڪري ٿو تنهن ڪري شهرين کي گهرجي ته هو پنهنجي گهرن، دڪانن، چئين ۽ آس پاس جي هنڌن تي بلاضرورت پاڻي جمع ٿيڻ نه ڏين پاڻي جا ڪليل برتن، ٽانڪيون، باڻٽيون، گملن جون ٽريون ۽ ٻيا ڪنٽينر جتي پاڻي بيٺل هجي، انهن کي صاف رکڻ ۽ ڍڪي رکڻ ضروري آهي ڊاڪٽر پير غلام حسين بڌايو ته لطيف آباد جي هڪ گهر ۾ پاڻي جا لڳ ڀڳ 70 ڪنٽينر موجود هئا، جتي ڊينگي مڇر ۽ ان جا لاروا پڻ مليا اطلاع ملڻ تي هيلٿ کاتي جي ٽيم بروقت اتي پهچي ضروري ڪارروائي ڪئي ۽ اسپري ڪرايو ويو ۽ شهرين کي لاپرواهي سان ڳهرن اندر پاڻي جمع ٿيڻ ڏيڻ جي ڪري ڊينگي مڇر جي افزائش جو سبب بڻجي سگهي ٿو تنهن ڪري ڊينگي جي روڪٿام لاءِ هيلٿ کاتي سان گڏ عوام جو سهڪار پڻ انتهائي ضروري آهي آگاهي سيشن دوران صحافين کي ڊينگي بابت آگاهي ان جي روڪٿام ۽ حيدرآباد ۾ ڊينگي مڇر جي موجودگي بابت هڪ وڊيو پڻ ڏيکاري وئي، جنهن ذريعي ڊينگي مڇر جي سڃاڻپ، ان جي افزائش واري هنڌن ۽ احتياطي تدبيرن بابت عملي طور آگاهي ڏني وئي،سيشن ۾ ڊينگي جي روڪٿام لاءِ عوامي آگاهي جي اهميت تي پڻ زور ڏنو ويو ۽ صحافين کي اپيل ڪئي وئي ته هو پنهنجي ميڊيا پليٽ فارمن ذريعي شهرين تائين ڊينگي کان بچاءَ بابت صحيح ۽ بروقت معلومات پهچائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر چيو ته ڊينگي جي روڪٿام صرف هيلٿ کاتي جي ذميواري ناهي پر هر شهري جي گڏيل ذميواري آهي جيڪڏهن گهرن ۽ پاڙن ۾ بيٺل پاڻي ختم ڪيو وڃي ۽ صفائي جو خاص خيال رکيو وڃي ته ڊينگي مڇر جي افزائش کي وڏي حد تائين روڪي سگهجي ٿو

حيدرآباد ڊينگي کان بچاءَ جي پروگرام حوالي سان ڊي ايڇ او ڊاڪٽر پير غلام حسين آگاهي ڏئي رهيو آهي

ڏوڪري شهر ۾ تيز رفتاري سان داخل ٿيندڙ مسافر گاڏيون خطرو بڻجي ويون

شهر ۾ ڪيترن ئي موتمار حادثن باوجود ڪي به مؤثر حفاظتي انتظام نه ٿي سگهيا

گاڏين جي رفتار کي ضابطي ۾ آڻڻ لاءِ فوري ۽ مستقل قدم کڻڻ انتهائي ضروري آهن: شهري

ڏوڪري(ن ع) ڏوڪري شهر ۾ تيز رفتاري سان داخل ٿيندڙ مسافر گاڏيون شهرين لاءِ خطرو بڻجي ويون. ڪيترن ئي موتمار حادثن باوجود مؤثر حفاظتي انتظام نه ٿي سگهيا ڪجهه ڏينهن اڳ ٿيل حادثي ۾ ٻن معصوم ٻارڙن جو پيءُ حمزه ناصر قائمخاني به شهر ۾ داخل ٿيندڙ تيز رفتار مسافر بس جي ٽڪر ۾ فوت ٿي ويو هو،شهرين موجب ڏوڪري شهر جي داخلي رستن ۽ باءِ پاس کان شهر ڏانهن ايندڙ سوزن تي مسافر بسون ۽ ٻيون وڏيون گاڏيون ڪڏهن ڪڏهن انتهائي تيز رفتاري سان شهر ۾ داخل ٿين ٿيون جنهن سبب موٽر سائيڪل سوارن ۽ ٻين شهرين لاءِ حادثن جو خطرو وڌي وڃي ٿو ماضي ۾ پڻ تيز رفتار مسافر گاڏين جي ٽڪر سبب ڪيترائي نوجوان ۽ موٽر سائيڪل سوار فوت ۽ زخمي ٿي چڪا آهن شهرين جو چوڻ آهي ته شهر جي وڏڻ آبادي ۽ ٽريفڪ جي دٻاءَ کي نظر ۾ رکندي شهر جي داخلي رستن تي گاڏين جي رفتار کي ضابطي ۾ آڻڻ لاءِ فوري ۽ مستقل قدم کڻڻ انتهائي ضروري آهن هنن انتظاميا، ٽريفڪ پوليس ۽ لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته ڏوڪري شهر ۾ تيز رفتاري سان داخل ٿيندڙ مسافر بسن جي مالڪن، ڊرائيورن ۽ عملي کي ٽريفڪ قانونن جو پابند بڻايو وڃي ۽ قانون جي ڀڃڪڙي ڪندڙن خلاف ضابطي موجب ڪارروائي ڪئي وڃي.شهرين وڌيڪ مطالبو ڪيو ته ڏوڪري شهر جي اهم داخلي رستن باءِ پاس جي موڙن ۽ انهن سيمورن هنڌن تي جتي مسافر گاڏيون شهر ۾ داخل ٿين ٿيون اتي مناسب اسپيڊ بريڪر واضح ٽريفڪ سائن بورڊ، رفتار گهٽائڻ جا اشارا ۽ ٻيا حفاظتي انتظام ڪيا وڃن جيئن گاڏين جي رفتار گهٽجي ۽ مستقبل ۾ قيمتي انساني جانيون ضايع ٿيڻ کان بچجي سگهن شهرين اميد ظاهر ڪئي آهي ته لاڳاپيل اختيارين تازي حادثي جو سنجيدگي سان نوٽيس وٺي فوري قدم کڻندا چاڪاڻ ته روڊن تي حفاظتي انتظام صرف ٽريفڪ جي رواني لاءِ نه پر شهرين جي زندگين جي تحفظ لاءِ پڻ انتهائي ضروري آهن

بوزدارواڊا ۾ ڳوٺ نصير فقير جلالاڻي جي رهواسين جو مظاهرو

جلالاڻي برادري جي ماڻهن پاران با اثرن جي زيادتين خلاف مظاهرو ڪيو ويو

يوسي چيئرمين امجد جلالاڻي جي ناجائزين جو نوٽيس وٺي اسان سان انصاف ڪيو وڃي: مظاهرين

بوزدارواڊا جلالاڻي برادري جا ماڻهو با اثرن جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري رهيا آهن

بوزدارواڊا(ن ع) ڳوٺ نصير فقير جلالاڻي جي رهواسين جلالاڻي برادري جي ماڻهن جو با اثرن جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ۽ پ پ خيرپور ضلعي جي سينئر اڳواڻ رئيس غلام مصطفي جلالاڻي جي پٽ عبدالرحيم جلالاڻي پائيٽي شهيد ڏنو جلالاڻي پريس ڪانفرنس ڪندي صحافين سان ڳالهائيندي الزام هڻندي ميڊيا کي ٻڌايو ته بااثر يوسي چيئرمين امجد جلالاڻي جمال الدين جلالاڻي ۽ لطف جلالاڻي زبردستي اسان جي ڏهيل بنگلي جي مين گيٽ بند ڪري هٿيارٻندن جي زور تي زبردستياڊاڙتون ڪرائي بنگلي جو اڳ بند ڪري قبضو ڪيو آهي ۽ اسان جي بنگلي کان مين گندي پاڻي جي نالي وارو ڪراس بند ڪرايو ۽ اسان جي معان هٿياربند ساڻ ڪري حملو ڪري اسان جا ماڻهون زخمي ڪرايا ۽ ورِي الٽو ڪيس پ پ جي سينئر اڳواڻ رياست جي زميندار رئيس غلام مصطفي جلالاڻي جي پٽ پائيٽين معان داخل ڪرايو ويو هو ۽ هاڻي وري 3 ڏينهن اڳ رات جو يوسي نصير فقير جلالاڻي جي چيئرمين امجد جلالاڻي جمال الدين جلالاڻي ۽ لطف جلالاڻي باهران ڪوڪر برادري ڳويانگ برادري ۽ ٻين قومن جا ڏوهاري گهرائي حملو ڪرايو جنهن ۾ ڪهاڙيون ۽ لوها سرايا لڳڻ سبب پ پ خيرپور ضلعي جي سينئر اڳواڻ رئيس غلام مصطفي جلالاڻي جو پٽ سئي گئس آفيسر عبدالرحيم جلالاڻي پائيٽيو شهيد ڏنو جلالاڻي سميت چار ماڻهون زخمي ٿي پيا جنهن جو حد جي پوليس ميڊيڪل ليٽر علاج لاءِ ڏنو ۽ ميڊيڪل اچڻ باوجود به پوليس اسان جو ڪيس داخل نه ڪيو الٽو يوسي چيئرمين امجد جلالاڻي جي ڪمدار جي فرياد تي اسان جي لا انجنيئرنگ جي شاگردن سميت 9 ماڻهن خلاف بيهر جهيڙي ۽ حملي جو ڪيس داخل ڪرايو آهي بنگلو اسان جي ذاتي پلاٽ ۾ ٺهيل آهي ۽ 1991ع ۾ ان معاهري تي هنن پ پ اڳواڻ رئيس غلام مصطفي جلالاڻي کان معافيون ورتيو جيڪي معافي ناما اسان وٽ موجود آهن ۽ بيگناهه ڏاڍ ڪري اسان جي بنگلي تي ڏاڍ ڪري در اڳيان ناجائز اڏاوتون ڪرائي بنگلي جو گيٽ بند ڪرائي ڏاڍ ڪري ناجائز قبضو ڪيو آهي هنن چيو ته يوسي چيئرمين امجد جلالاڻي بوڪلاڳجي ريو آهي ۽ ميڊيا تي اسان معان ڪوڙا الزام پيو هڻي جڏهن ڪيترائي سال اڳ جڏهن پلاٽ ۽ بنگلو ڪنهن جو آهي اسان جو ڏاڏو ۽ صوفي نصير فقير جلالاڻي پاڻ ۾ سڳا پائر هئا ۽ اسان جو ڏاڏو صوفي نصير فقير جو وڏو پاءُ هو ۽ هنن چيو ته امجد جلالاڻي بيگناهه اسان جي شاگردن معان ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائي تعليم تباهه ڪري رهيو آهي ۽ ماڻهن کي پئيسا ڏئي اسان خلاف سوشل ميڊيا تي غلط مهم هلرائي گنا ۽ خراب لفظ ڳالهائي رهيا آهن اهو صوفي فقيرن جو نه ڪم ناهي جو هو به عوام لاءِ غذاب بڻيل آهن ۽ اسان جي ڪنهن به نوجوان يا ڪنهن به ماڻهون کي ڪجهه به ٿيو ته ان جا ذميوار يوسي چيئرمين امجد جلالاڻي لطف جلالاڻي ۽ جمال الدين جلالاڻي هوندا اسان پ پ قيادت کان مطالبو ٿا ڪريون ته يوسي چيئرمين امجد جلالاڻي جي ناجائزين جو نوٽيس وٺي اسان سان انصاف ڪيو وڃي

روهڙي جي علائقي لڳ بيدل بيڪس جي رهواسي جو احتجاج

والد عبدالحڪيم 2007 ۾ منهنجي والده کي طلاق ڏني ۽ ٻي شادي ڪئي: عبدالحسيب برڙو

چاچن اسان جي روهڙي واري گهر ۽ ڳوٺ ۾ موجود زمين تي قبضو ڪري ڇڏيو آهي

سکر (بيورو رپورٽ) روهڙي جي علائقي لڳ بيدل بيڪس جي رهواسي عبدالحسيب برڙو سکر پريس ڪلب ۾ پنهنجي والد عبدالحڪيم ۽ چاچن جي ڏاڍ خلاف ڊانهيندي ٻڌايو ته سندس والد عبدالحڪيم 2007 ۾ منهنجي والده کي طلاق ڏني ڳهران ڪڍي ٻي شادي ڪري ڇڏي هئي جنهن بعد والده موڪلي ۽ هڪ منهنجي معذور بار کي پالي وڏو ڪيو تعليم ۽ تربيت ڏني جڏهن ته چاچن عبدالخالق،نظر محمد برڙو ،عبدالعزيز ،لطيف ۽ اظهر وارن اسان جي روهڙي واري گهر ۽ ڳوٺ ۾ موجود زمين تي قبضو ڪري ڇڏيو آهي ملڪيت گهرڻ تي مختلف حربن سان تنگ ڪري رهيا آهن ڪيترائي ڀيرا حملو ڪري تشدد جو نشانو بڻايو ويو آهي ۽ ڪوڙن ڪيسن ۾ پڻ ڦاسائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي سڻوٽ وسيم برڙو کي جتوئي برادري پاران فائرنگ ڪري زخمي ڪيو ويو جنهن کي سون ڪٽي اسپتال پهچايو ۾ چاچن سوڻ معان الزام لڳائي تنگ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هن چيو ته سال 2024 ۾ سوڻ معان حملو ڪري زخمي ڪيو ويو جنهن جي رپورٽ روهڙي ٺاڻي تي ڪئي وئي،عبدالحسيب وڌيڪ چيو ته والد پاران لاتعلقي جو اظهار ڪيو آهي جنهن سبب وڏيڪ پريشاني واري زندگي گذاري رهيو آهيان ملڪيت جي گهر تي چاچا ۽ انهن جي اولاد قتل ڪرڻ ۽ ڪوڙن ڪيسن جي سازش ڪري رهيا آهن، هن ملڪ جي واڳ ڌڻين سکر جي سياسي ڌرين ايم اين اي سيد خورشيد احمد شاهه سميت آئي جي سنڌ، وزير اعلي سنڌ ۽ سکر جي انتظاميا کان گهر ڪئي ته جيڪڏهن موڪلي کوبه نقصان پهتو ان جي ذميداري منهنجي چاچن ۽ انهن جي اولاد معان هوندي ۽ موڪلي انهن کان تحفظ فراهم ڪيو وڃي

سکر روهڙي واسي عبدالحسيب برڙو پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

سرهاڙي شهر جي وارڊ نمبر 4 جي رهواسين پاران گهٽي تي قبضي خلاف احتجاج

سرهاڙي(ن ع) سرهاڙي شهر جي وارڊ نمبر 4 جي رهواسين پاران گهٽي تي قبضي خلاف احتجاج نيشنل پريس ڪلب تي نصير احمد بروهي جي اڳواڻي ۾ پهچي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو،ان موقعي تي معاذن ڏانهيندي چيو ته ڪافي عرصي کان ملوڪ ۽ نور احمد بروهي پاران 20 فٽ جي گلي تي قبضو ڪري صرف چار فٽ گلي ڇڏي وئي آهي جنهن ۾ به واٽس روم باهر ناهي رهواسين لاءِ آزار ڪيو ويو آهي هنن چيو ته اسان گهٽي جي قبضي خلاف اي سي شهدادپور ڏائون آفيسر سرهاڙي کي درخواستون پڻ ڪيون آهن جنهن بعد قبضي ڏاهڻ جو چيو ويو مگر مقرر تاريخ گذرڻ باوجود ان تي عمل ٿي ناهي سگهيو هنن چيو ته پ پ جو نمائندو خير بخش بروهي ۽ ڏائون آفيسر رضا جان زرداري قبضي خورن سان مليل آهن .جيڪي سنڌ پڻ پرائي ڪري رهيا آهن رهواسين جو چوڻ هو ته گهٽي تنگ ٿيڻ سبب محلي واسين کي اچ وڃ ۾ سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو،جڏهن ته ايمرجنسي جي صورت ۾ به رستو استعمال ڪرڻ ۾ ڏکيائي پيش اچي سگهي ٿي،جڏهن ته انهي سوڙهي گهٽي تي گٽرن جا مين هول ڏاهيا ويا آهن،هڪ اڳ اسان تڪليفن کي منهن ڏيئو پئجي رهيو آهي ويتر انتظاميا اسان کي ٻٽي عذاب ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي هنن حڪومت سنڌ بلديات جي وزير ۽ ڊي سي سانگهڙ کان مطالبو ڪيو ته جلد کان جلد گلي تان قبضو ختم ڪرائي اسان جي پريشاني دور ڪئي وڃي ٻئي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

سول ڊفينس وارڊن سروس سکر جو ماهوار اجلاس

آگاهي پروگرامن ۽ نون وارڊن جي شموليت بابت تفصيلي غور ويچار

نوجوانن کي سول ڊفينس ۾ شامل ٿيڻ جي ترغيب ڏني ويندي: مقررين

سکر(بيورو رپورٽ) سول ڊفينس وارڊن سروس سکر جو ماهوار اجلاس ڊپٽي چيف وارڊن ڊاڪٽر سعيد اعوان جي صدارت هيٺ منعقد ٿيو جنهن ۾ سول ڊفينس وارڊن سروس جي ڪارڪردگي، مستقبل جي تربيت ۽ آگاهي پروگرامن ۽ نون وارڊن جي شموليت بابت تفصيلي غور ويچار ڪيو ويو اجلاس ۾ اهو عزم ظاهر ڪيو ويو ته فخر سنڌ، ڊائريڪٽر سول ڊفينس سنڌ رياض حسين لغاري جي ويزن ۽ خاص هدايتن موجب، سچي سنڌ ۾ سول ڊفينس وارڊن سروس کي وڌيڪ فعال ۽ منظم بڻائڻ لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو ويندو خاص طور تي، اسڪولن ڪاليجن يونيورسٽين ۽ ڪميونٽي سطح تي تربيت ۽ آگاهي پروگرامن جو دائرو وڌايو ويندو ۽ نوجوانن کي سول ڊفينس ۾ شامل ٿيڻ جي ترغيب ڏني ويندي ان موقعي تي ڊپٽي چيف وارڊن ڊاڪٽر سعيد اعوان چيو ته رياض حسين لغاري سول ڊفينس سنڌ کي وڌيڪ بلندين تي وٺي وڃڻ لاءِ تمام گهڻو متحرڪ، سرگرم ۽ مخلص ڪردار ادا ڪري رهيو آهي سندس قيادت ۽ ويزن تحت، سچي سنڌ ۾ سول ڊفينس وارڊن سروس ڏينهن رات محنت ڪري رهي آهي ۽ ان جا مثبت نتيجا نمايان ٿي رهيا آهن سول ڊفينس هڪ قومي خدمتگار ادارو آهي جنهن جو سڪيم مقصد عوام ۾ حفاظتي شعور اجاگر ڪرڻ هنگامي حالتن کي منهن ڏيڻ جي صلاحيت پيدا ڪرڻ ۽ سماج کي محفوظ بڻائڻ آهي جيڪڏهن سفر ساڳئي جذبي ۽ محنت سان جاري رهيو ته اهو ڏينهن پري ناهي جڏهن سنڌ سول ڊفينس پنهنجي شاندار ڪارڪردگي جي اعتراف ۾ تمغو امتياز حاصل ڪرڻ جي منزل تي پهچندو هي ايوارڊ رياض حسين لغاري جي مسلسل محنت، قيادت ۽ سول ڊفينس لاءِ سندس خدمتن جو هڪ مناسب اعتراف هوندو ڊاڪٽر سعيد اعوان وڌيڪ چيو ته محدود وسيلن جي باوجود، سول ڊفينس وارڊن سروس سکر عوامي خدمت، تربيت، آگاهي ۽ هنگامي حالتن ۾ مدد لاءِ پنهنجون ذميواريون ڀرپور انداز ۾ نڀائيندي رهندي اجلاس ۾ گروپ وارڊن محمد احمد شيخ، بي آر او شهاب حسين، پوسٽ وارڊن محمود احمد، آفيسر انچارج محمد آصف شيخ، محمد يوسف، عادل اشرف، رياض صديقي، محمد علي حسنين معاوية، علي رضا قريشي عبدالرحمان ارسلان احمد ۽ عبدالرحمان راجپوت سميت ٻين شرڪت ڪئي اجلاس جي آخر ۾، اهو ورجايو ويو ته سول ڊفينس وارڊن سروس کي هڪ منظم فعال ۽ عوام دوست رضاڪار فورس جي طور تي وڌيڪ مضبوط ڪيو ويندو جيڪو "محفوظ سکي مضبوط پاڪستان" جي مشن کي وڌيڪ اڳرائتو بڻائيندو

سکر سول ڊفينسوارڊن سروس سکر جو اجلاس بعد گروپ فوٽو

پرياسڏي پرسان ڳوٺ عبدالحفيظ ڏونڙو ديهه ڊينگو ۾ زميني تڪرار تان جهيڙو

پرياسڏي(ن ع) پرياسڏي پرسان ڳوٺ عبدالحفيظ ڏونڙو ديهه ڊينگو ۾ زميني تڪرار تان بااثرن امداد ڏونڙو قمر ڏونڙو سهيل ڏونڙواربيلو شهزور دلبر ڏونڙو ۽ ٻين جو گهر ڏئي عورت پاڳل ڏونڙو تي ڏنڊن سان حملو ڪري عورت پاڳل ڏونڙو کي سخت زخمي ڪري ڇڏيو جنهن کي نوشهروفيروز اسپتال داخل ڪيو ان موقعي تي ٻڌايو ته اسان اڳوڻي ايم پي اي سيد مراد علي شاهه کان ٿي ايڪڙ زرعي زمين ورتي آهي جن سان هڪ ايڪڙ تي گهر آهي مخالف ڌر امداد ڏونڙو سهيل ڏونڙو ۽ ٻيا زبردستي قبضو ڪرڻ لاڏائڻ چاهين ٿا هنن مختيارڪار ۽ اي سي ۽ تپيدار سان ملي جعلي ڪاغذ ٺهرايا آهن جڏهن ته ڪاغذ اسان وٽ پڻ موجود آهن هو بااثر آهن اسان غريب مسڪين آهيون هنن اسان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي جيئن ته اهڙو ڪيس عدالت سڳوري ۾ پڻ هلندڙ آهي جوابدارن اسان جي گهر ۾ گهڙي تشدد ۽ پچ داهه ڪري60 من ڪڻڪ گهريلو سامان ڪٽي ويا آهن سيد مراد علي شاهه ايم پي اي حسن علي شاهه گلاب ڪيريو ۽ ٻين کي ڌانهون ڏيئون آهن پر ڪو به تدارڪ نٿو ڪري هتان اعلي اختيارين ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد ايس ايس پي نوشهروفيروز ۽ ٻين کان مطالبو ڪيو ته ڪارروائي ڪري جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي

سنڌ مقدس ڌرتي آهي، ورهاڱو قبول ناهي: نياز ڪالاڻي

سنڌ کي ٽوڙڻ يا ورهائڻ جي ڪنهن به سازش کي سنڌ جو عوام هرگز قبول نه ڪندو

سازشن کي ناڪام بڻائڻ لاءِ 20 سيپٽمبر تي نوابشاهه ۾ تاريخي 'وحدتِ سنڌ' ريلي ڪڍي ويندي

هنگورجا(ن ع) جسقم شهيد بشير خان قريشي جي چيئرمين ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي چيو آهي ته سنڌ مقدس ڌرتي آهي. سنڌ کي ٽوڙڻ يا ورهائڻ جي ڪنهن به سازش کي سنڌ جو عوام هرگز قبول نه ڪندو سنڌ جي وحدت ۽ سالميت خلاف ٿيندڙ سازشن کي ناڪام بڻائڻ لاءِ 20 سيپٽمبر تي نوابشاهه ۾ تاريخي وحدتِ سنڌ ريلي ڪڍي ويندي، جنهن ۾ لکين سنڌي ماڻهو شرڪت ڪري سنڌ دشمن سازشن خلاف پنهنجو ڀرپور احتجاج رڪارڊ ڪرائيندا. هنگورجا ۾ پنهل ساريو ۽ ڪرم سامٽيو سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي چيو ته سنڌ جي ورهاست يا نوان انتظامي يونٽ ٺاهڻ جون ڳالهيون سنڌ جي عوام لاءِ ڪنهن به صورت ۾ قابل قبول ناهن جيڪڏهن سنڌ جي ورهاست يا نوان يونٽ ٺاهڻ لاءِ قومي اسيمبلي طرفان ريفرنڊم ڪرائڻ جي ڳالهه ڪئي وئي ته سنڌ جا ماڻهو اهڙي عمل کي به هرگز قبول نه ڪندا هن چيو ته سنڌ اسيمبلي اڳ ئي قرارداد پاس ڪري چڪي آهي ته سنڌ جي ورهاست يا نوان يونٽ قائم نه ڪيا وڃن ان باوجود سنڌ ۾ نوان صوبا ٺاهڻ وارو راڳ بار بار ورجايو پيو وڃي، جيڪو سنڌ جي عوام جي جذبن سان کيڏڻ برابر آهي جسقم چيئرمين چيو ته سنڌ جي وحدت ۽ ورهاست خلاف ٿيندڙ پراسن احتجاجن تي لٺ بازي، تشدد ۽ گرفتاريون انتهائي افسوسناڪ عمل آهن. جنهن جي هو سخت مذمت ڪن ٿا. هن چيو ته پرامن سياسي احتجاج هر شهري جو بنيادي حق آهي تنهن ڪري احتجاج ڪندڙن خلاف طاقت جو استعمال ڪرڻ بدران سندن موقف ٻڌڻ گهرجي ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي چيو ته جيڪڏهن ڪو وفاقي وزير پاڻ اعتراف ڪري ٿو ته ملڪ جو سسٽم ناڪام ٿي ويو آهي ته پوءِ حڪمرانن کي پنهنجي ناڪامي قبول ڪندي استعيفائون ڏيڻ گهرجن عوام کي مسئلن جي حل لاءِ عملي قدم کڻڻ بدران رڳو بيانن ۽ دعوائن سان مطمئن نٿو ڪري سگهجي هن وڌيڪ چيو ته سنڌ جا وسيلا سالن کان ڦرلٽ جو شڪار بڻيل آهن ۽ هاڻي سنڌ کي ٽڪرا ڪرڻ جا خواب ڏسندڙن کي سمجهڻ گهرجي ته سنڌ جو عوام پنهنجي ڌرتي وسيلن ۽ وحدت بابت مڪمل طور سجاڳ ٿي چڪو آهي سنڌ جا لکين ماڻهو سنڌ جي وحدت خلاف ڪنهن به قدم کي قبول نه ڪندا ۽ هر جمهوري ۽ پرامن طريقي سان ان جي مزاحمت ڪندا. هن اعلان ڪيو ته 20 سيپٽمبر تي نوابشاهه ۾ ٿيندڙ وحدتِ سنڌ ريلي سنڌ جي وحدت بابت سنڌي عوام جي واضح ۽ گڏيل موقف جو اظهار هوندي، جنهن ۾ وڏي انگ ۾ ماڻهو شرڪت ڪري سنڌ جي ورهاست خلاف پنهنجو آواز بلند ڪندا.

منهرپورخاص ضلعي اندر فوڊ ڪاتي اندر ڪرپشن جو انڪشاف

ڪڻڪ جي في بوري بوپان 1000 کان 1200 روپيا ڪميشن وصول ڪرڻ جا اطلاع، نوٽيس جي گهر

نفيس نگر(ن ع) ميرپورخاص ضلعي اندر فوڊ ڪاتي جي عملدارن جي ملي ڀڳت سبب وڏي پيماني تي ڪرپشن جو انڪشاف ٿيو آهي ان حوالي سان ذريعن کان مليل چاڻ مطابق ميرپورخاص ضلعي سان لاڳاپيل مختلف شهرن ۾ مقرر ڪيل فوڊ انسپيڪٽرن پاران چڪي مالڪن کان سرڪاري ڪوٽا تحت ملندڙ ڪڻڪ جي في بوري بوپان 1000 کان 1200 روپيا ڪميشن وصول ڪرڻ جا اطلاع مليا آهن جڏهن ته فوڊ عملي پاران چڪي مالڪن کان هزارين رپيا رشوت وصول ڪرڻ سبب ٽنون ڪوٽ جهڏو فضل پنهيرو ڏگهڙي سميت پوري ضلعي اندر 3200 سئو روپيا في من وڪرو ٿيندڙ اٽي جو اگهه وڌي 5600 سئو روپيا في من تي پهچي ويو آهي جنهن ڪري ڏهاڙي تي پورهيو ڪندڙ پورهيت ۽ مزدور بکون ڪاٽڻ تي مجبور ٿي ويا آهن ان حوالي سان هڪ چڪي مالڪ ٻڌايو ته هڪ ته اسان کي سرڪاري ڪڻڪ مهانگي ريٽ ۾ ملي ٿي ٻيو وري ڪوٽا به گهٽ ملندي آهي معان وري گاڏين جا خرچ ۽ چالان ڀيارڻ باوجود فوڊ انسپيڪٽر هزارين رپيا ڪميشنون وصول ڪن ٿا جنهن سبب اٽو سستي ريٽ ۾ نٿا وڪڻي سگهون ٻئي طرف فوڊ ڪاتي جي هڪ عملدار نالو ظاهر نه ڪرڻ جي شرط تي ٻڌايو ته فلور ملز ۽ چڪي مالڪن کان 1000 کان 1200 سئو رپيا في بوري تي ڪميشن وصول ڪري اسان ڊي ايف سي ميرپورخاص تائين پهچائيندا آهيون هن چيو ته پهرين ته تمام گهٽ ڪميشن وصول ڪندا هئاسون مگر هاڻي آفيسرن پوري ضلعي اندر ڪميشن جو ريٽ وڌائي ڇڏيو آهي جنهن ڪري اٽو مهانگو ٿي رهيو آهي هوڏانهن اٽو مهانگو ٿيڻ ۽ فوڊ ڪاتي ۾ ڪرپشن عام ٿيڻ بعد پورهيتن غريب نواز ٽنڪوري ڪيمچند ڀيل چگو ڀيل فهيم گشڪوري ۽ ٻين چيف جسٽس ۽ تڪ جي چونڊيل نمائندن کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي ته ڪرپشن ۾ ملوث فوڊ انسپيڪٽرن ۽ عملدارن خلاف قدم کڻي اٽو سستو ڪري بک مرڻ کان بچايو وڃي ٻئي صورت ۾ ڪرپٽ عملي خلاف بک هڙتالي ڪيمپ قائم ڪبي

پرياسڏي واسين جي قبرستان تي مبينا قبضي گهٽي بند ڪرڻ تي بااثرن خلاف احتجاجي مظاهرو

پرياسڏي(ن ع) پرياسڏي واسين جي قبرستان تي مبينا قبضي گهٽي بند ڪرڻ تي بااثرن خلاف احتجاجي مظاهرو پرياورو جي ياسين ڪالوني وارڊ نمبر 2 جي رهواسين غلام عباس آرائين . غلام رسول ملڪ . محمد اجمل آرائين حاجي علي حسن مري، سائين حاجي خان ڳاهيجو . عبداللطيف ميرجت. نعيم اختر آرائين . ملڪ صفدر . طارق آرائين ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. اڳواڻن چيو ته اسان جي پنجاهه ڳهرن جي مين گهٽي جيڪا گڏيل پنجاهه سالن کان آهي سالن کان اتان لنگهه آهي ۽ اتي اسان ۽ راڻا ناصر راجپوت وارن جو قديمي قبرستان آهي. هنن چيو ته هاڻ تازو راڻا ياسر راجپوت قبرستان جي معان غيرقانوني طور تي اسان جون قبرون مسمار ڪري اتي ڪمشر دوڪان نهرائي ڇڏيا آهن ۽ مين گهٽي تي غير قانوني اڏاوت ڪري پاڙي وارن جو اچڻ وڃڻ بند ڪري ڇڏيو آهي. هنن چيو ته سالن کان گهٽي آهي انهي محلي جو بجلي ٽرانسفارمر به لڳل آهي پر ڏاڍ جي بنياد تي مڪمل طرح گهٽي اڳيان دوڪان ٺاهي در هٽي لنگهه بند ڪري ڇڏيو آهي.

منصوره رند ويجهو قومپرست اڳواڻ ڏاڏي مداري ڏاهري جي 16 ورسي تقريب

پٽڻ خادم حسين ڏاهري ۽ ٻين آخري آرامگاهه تي گلن جي چادر چاڙهي دعا گهري

ڏاڏو مدارو پنهنجي وقت جو دلير بهادر غريبن ۽ مسڪينن لاءِ مسيحا انسان هو: اڳواڻ

منصوده رند(ن ع) منصوده رند ويجهو ڳوٺ محمد هاشم ڏاهري ۾ شاگرد اڳواڻ ۽ قومپرست اڳواڻ ڏاڏي مداري ڏاهري جي 16 ورسي ملهائي وئي خبر موجب منصوده رند ويجهو ڳوٺ محمد هاشم ڏاهري ۾ مشهور شاگرد اڳواڻ ۽ قوم پرست اڳواڻ ڏاڏي مداري ڏاهري جي 16 ورسي سورهيه بادشاهه پبلڪ اسڪول ۾ ملهائي وئي سندس پٽڻ خادم حسين ڏاهري، امتياز پنهل ڏاهري، پائيٽين علي محمد ڏاهري، شفيع محمد ڏاهري، مشتاق احمد ڏاهري، محبوب علي ڏاهري ۽ پائيٽين انور علي ڏاهري، محمد خان ڏاهري ۽ ٻين سندس آخري آرامگاهه تي گلن جي چادر چاڙهي دعا گهري ۽ سندس ڪيل خدمتن تي روشني وجهندي چيو ته ڏاڏو مدارو پنهنجي وقت جو دلير بهادر غريبن مسڪينن لاءِ مسيحا انسان هو ڏاڏي مدارو ڏاهري انمول هيرو هو سندس ڪيل جدوجهد تي کيس سرخ سلام پيش ڪيون ٿا

گڏيجي جي پرسان نوجوان گهريلو پريشان سبب زهريلي دوا پي خودڪشي ڪري ڇڏي

گڏيجي(ن ع) گڏيجي جي پرسان ڳوٺ گلاب منگنيجو ۾ گهريلو پريشاني جي سبب نوجوان سرفراز منگنيجو زهريلي دوا پي ڇڏي جنهن کي گمس اسپتال ۾علاج لاءِ داخل ڪرايو ويو جتي فوت ٿي ويو جنهن جو لاش گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو

مٺي جي ڳوٺ الياس جوٽيجو جي رهواسين جو احتجاج

اسان جي ڳوٺ جي اسڪول ۾ چئن مهينن کان استاد ناهي: ڳوٺاڻا

استاد ڳوٺ جو هئڻ باوجود به مقرر ڪري نٿو ڏنو وڃي، نوٽيس ورتو وڃي

مٺي (ڊ-ر) مٺي جي ڳوٺ الياس جوٽيجو جي رهواسين محمد ساتوڻ جوٽيجو ۽ ٻين ڳوٺاڻن پريس ڪلب مٺي پهچي ڏانهيندي چيو آهي ته اسان جي ڳوٺ الياس جوٽيجو جي اسڪول ۾ چار مهينن کان پرائمري اسڪول ۾استاد نه آهي استاد ڳوٺ جو هئڻ باوجود به مقرر ڪري نٿو ڏنو وڃي جيڪو مقرر ڪري اسان ڳوٺ جو اسڪول ڪولرائي ڏنو وڃي ڳوٺ جي گرلس اسڪول وٽنري اسپتال به بند آهي اهو به کولي عوامي سهولت مهيا ڪئي وڃي

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم – سعودي عرب ۾ 2 ريال
ABC CERTIFIED
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پلپلر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقاعده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

اڱارو 15 سيپٽمبر 2026ع

مهانگي تيل جي دور ۾ عوامي رليف جي اهميت.

وزيراعظم شهباز شريف پاران موٽرسائيڪلن رڪشائن چنگچي ۽ 800 سي سي تائين ننڍين گاڏين لاءِ خصوصي رليف اسڪيم جو اعلان عوامي ڏکيائين کي محسوس ڪرڻ جي هڪ اهم ڪوشش آهي حڪومت جو اهو موقف ته تيل جي اگهن ۾ واڌ سبب عوام تي پوندڙ بار جو پورو احساس آهي ۽ ڏکي گهڙيءَ ۾ عوام کي اڪيلو نه ڇڏيو ويندو، يقيناً اميد پيدا ڪندڙ ڳالهه آهي خصوصي رليف اسڪيم تحت موٽرسائيڪل رڪشا ۽ چنگچي سميت ٻن ۽ ٽن ڦيٿن وارين سوارين استعمال ڪندڙن کي هر مهيني 20 ليٽر پيٽرول تي في ليٽر 100 رپين جي رعايت ڏني ويندي اهڙيءَ طرح 800 سي سي تائين ننڍين گاڏين جي مالڪن لاءِ هر مهيني 30 ليٽر پيٽرول تي في ليٽر 100 رپين جي رعايت مقرر ڪئي وئي آهي ان حساب سان موٽرسائيڪل رڪشا ۽ چنگچي وارن کي مهيني ۾ ٻه ۽ 2 هزار رپيا، جڏهن ته ننڍين گاڏين وارن کي 3 هزار رپين تائين رليف ملي سگهي ٿو هيءَ رعايت خاص طور انهن ماڻهن لاءِ اهم آهي جيڪي موٽرسائيڪل تي روزانو ڪم ڪار، ڪاروبار، اسڪول يا اسپتال وڃن ٿا. رڪشا ۽ چنگچي هلائيندڙن جي آمدني به پيٽرول جي اگهن سان سڌيءَ طرح لاڳاپيل آهي تيل مهانگو ٿيڻ سان سندن خرچ وڌي ٿو مسافرن لاءِ ڀاڙا وڌندا پون ٿا ۽ آخرڪار عام شهريءَ جي کيسي تي بار پوي ٿو جيڪڏهن رليف اسڪيم شفاف نموني لاڳو ٿئي ٿي ته اها نه رڳو سواري هلائيندڙن کي سهارو ڏيندي پر روزاني سفر ڪندڙن جي خرچن ۾ به ڪجهه گهٽتائي آڻي سگهي ٿي بهرحال اها ڳالهه به نظرانداز نٿي ڪري سگهجي ته 20 يا 30 ليٽر جي مقرر ڪيل حد ڪيترن ئي ماڻهن جي سڄي مهيني جي ضرورت پوري نه ڪندي جيڪي ماڻهو روزانو ڊگهو سفر ڪن ٿا يا روزگار لاءِ گاڏي استعمال ڪن ٿا، انهن جا خرچ ان کان گهڻا ٿي سگهن ٿا. تنهنڪري حڪومت کي گهرجي ته اسڪيم جي عملي نتيجن جو جائزو وٺندي حقدارن جي ضرورتن تيل جي اگهن ۽ مهانگائيءَ جي صورتحال کي نظر ۾ رکي مستقبل ۾ ان ۾ مناسب تبديليون آڻي

رليف اسڪيم جي ڪاميابيءَ جو دارومدار رڳو اعلان تي نه پر ان جي رجسٽريشن ۽ عملدرآمد جي طريقيڪار تي به آهي. فراهم ڪيل ڄاڻ موجب، رعايتي پيٽرول حاصل ڪرڻ لاءِ شهرين کي موبائل پيغام ذريعي آر اي جي، شناختي ڪارڊ نمبر، گاڏيءَ جو رجسٽرڊ نمبر، صوبي جو نالو ۽ رجسٽريشن جي تاريخ لکي 9771 تي موڪلڻو پوندو. رجسٽريشن مڪمل ٿيڻ کان پوءِ تصديقي پيغام ملندو، جڏهن ته پيٽرول وٺڻ کان اڳ 9771 تي TOK لکي پيغام موڪلڻ سان ٽوڪن نمبر حاصل ڪرڻو پوندو. ان کان پوءِ اهو ٽوڪن پيٽرول پمپ تي ڏيکاري رعايتي پيٽرول حاصل ڪري سگهجي ٿو .حڪومت کي گهرجي ته هن طريقيڪار بابت هر ضلعي، شهر ۽ ڳوٺ ۾ واضح آگاهي مهم هلائي ڪيترائي موٽرسائيڪل ۽ رڪشا هلائيندڙ اهڙا آهن، جيڪي جديد موبائل سهولتن پيچيده رجسٽريشن يا آن لائين نظام کان واقف ناهن جيڪڏهن کين صحيح ڄاڻ نه ملي ته رليف جو حق هوندي به هو ان مان فائدو وٺڻ کان محروم ٿي سگهن ٿا. ان ڪري مقامي انتظاميا، پيٽرول پمپن، لاڳاپيل کاتن ۽ عوامي نمائندن کي گڏجي ماڻهن جي رهنمائي ڪرڻ گهرجي .ساڳئي وقت، شناختي ڪارڊ ۽ گاڏيءَ جي رجسٽريشن جي تصديق وارو عمل به تيز، محفوظ ۽ بنا رشوت جي هجڻ گهرجي ڪنهن به شهريءَ کان رليف حاصل ڪرڻ لاءِ اضافي رقم وٺڻ يا غيرضروري دستاويز گهرڻ جي اجازت نه هئڻ گهرجي. شڪايتن جي ازالي لاءِ اثرائتو نظام قائم ڪيو وڃي، جيئن غريب ماڻهو آفيسن جا چڪر ڪاٽڻ بدران پنهنجي جائز حق تائين پهچي سگهن. اسين سمجهون ٿا ته رياست جي اصل طاقت ان ڳالهه ۾ آهي ته ڏکي وقت ۾ هوءَ پنهنجي شهرين جو ڪيترو ساٿ ڏئي ٿي. تيل جي اگهن ۾ واڌ جو بار گهٽائڻ لاءِ اعلان ڪيل رليف جيڪڏهن ايمانداريءَ شفافيت ۽ سهولت سان حقدارن تائين پهچي ٿو ته اهو عوام لاءِ حقيقي آسرو بڻجي سگهي ٿو پر ان سان گڏ حڪومت کي اهو به سمجهڻ گهرجي ته عوام کي رڳو عارضي رعايت نه پر اهڙي معاشي پاليسي گهرجي، جنهن سان سندن آمدنيءَ ۾ واڌ، روزمره جي خرچن ۾ گهٽتائي ۽ مستقبل بابت اعتماد پيدا ٿئي عوامي رليف تڏهن ئي پنهنجي اصل مقصد کي حاصل ڪندو، جڏهن اهو رياست ۽ عوام جي وچ ۾ اعتماد کي وڌيڪ مضبوط ڪندو

يمن ۾ حوثين ۽ سعودي عرب وچ ۾ ڇڪتاڻ!

اعجاز ممناڻي

يمن جو بحران گذريل 10 سالن کان وچ اوڀر جو سڀ کان وڏو انساني ۽ سياسي بحران بڻيل آهي هن جنگ جي مرڪز ۾ حوثي باغي ۽ سعودي عرب جي اڳواڻيءَ ۾ اتحاد آهي اها ڇڪتاڻ تڏهن شروع ٿي هئي، جڏهن 2014ع ۾ يمن جي حوثي باغين جيڪي زيدي شيعه فرقي سان تعلق رکن ٿا، يمن جي راڄڌاني صنعاءَ تي قبضو ڪري ورتو هو 2015ع ۾ سعودي عرب جي اڳواڻيءَ ۾ 9 ملڪن جو اتحاد "آپريشن ڊيسائيو اسٽارم" شروع ڪيو جنهن جو مقصد يمن جي عالمي طور تسليم ٿيل حڪومت کي بحال ڪري ايران جي حمايت يافته حوثين کي روڪڻ هو سعودي عرب جو چوڻ آهي ته حوثين کي ايراني هٿيار ۽ مالي مدد ڏني ٿي، جنهن سان سعوديءَ جي ڏاکڻي سرحد کي خطرو آهي جڏهن ته سعودي اتحاد يمن ۾ فضائي بمباري ڪري ٿو جواب ۾ حوثي سعودي جي تيل جي جاين ايئرپورٽ ۽ شهرن تي ڊرون ۽ بيلسٽڪ ميزائل حملا ڪندا آهن گڏيل قومن موجب يمن دنيا جو سڀ کان وڏو انساني بحران وارو علائقو آهي جتي 4 ڪروڙ کان وڌيڪ ماڻهو امداد جا محتاج آهن کاڌي، دوا ۽ پاڻيءَ جي کوٽ سبب هزارين ٻار فوت ٿي چڪا آهن هوڏانهن حوثين ڳاڙهي سمنڊ ۾ جهاز راڻيءَ کي به نشانو بڻايو آهي جنهن سان عالمي واپار متاثر ٿيو آهي 2022ع ۾ گڏيل قومن جي ثالثيءَ سان 6 مهينا سيز فائر ٿيو جيڪو بعد ۾ غيررسمي طور تي جاري رهيو ان سان حملن ۾ گهٽتائي آئي مارچ 2023ع ۾ چين جي ثالثيءَ سان سعودي ۽ ايران جا لاڳاپا بحال ٿيڻ ڪانپوءِ يمن ۾ امن ڳالهين کي زور مليو رهيو آهي سعودي وفد صنعاءَ ۾ حوثين سان سڌي ڳالهين ۾ مصروف آهي سعودي چاهي ٿو ته سرحد محفوظ ٿئي ۽ جنگ ختم ٿئي حوثي چاهين ٿا ته مڪمل ناڪابندي ختم ٿئي ۽ پگهارون ادا ٿين يمن "پراڪسي جنگ" جو ميدان بڻيل آهي هاڻي سعوديءَ لاءِ حوثين جو سرحد تي هجڻ سڌو خطرو آهي هوڏانهن يمن ۾ اندر ڏکڻ قبائلي ۽ سياسي اختلاف اڳ کان موجود آهن حوثين ان مان فائدو ورتو ماهرن جو چوڻ آهي ته هاڻي ٻنهي پاسن کي جنگ جاري رکڻ جو فائدو ناهي، چو ته سعودي عرب "ويزن 2030" تحت معيشت کي بهتر ڪرڻ چاهي ٿو ان لاءِ کيس يمن ۾ امن گهرجي جڏهن ته حوثي به ڊگهي ناڪابندي ۽ بمباريءَ کان ٿڪجي پيا آهن 2026ع ۾ به جنگ مڪمل طور ختم نه ٿي پر شدت وڌي وئي آهي هاڻي ڳالهين ذريعي حل جون ڪوششون ٿي رهيون آهن جيڪڏهن سعودي حوثي معاهدو ٿئي ٿو ته اهو يمن ۽ سڄي خطي لاءِ وڏي راحت جو سبب بڻجندو پر جيستائين يمن ۾ هڪ جامع سياسي حل نه ٿيندو، تيستائين مستقل امن مشڪل آهي هن وقت يمن جي صورتحال هڪ ڀيرو ٻيهر وڏي جنگ ڏانهن وڌندي نظر اچي رهي آهي ميڊيا رپورٽن موجب حوثين باب المندب جي ويجهو اهم ميون يا پريم بيٽ ۽ ذباب واري علائقي ۾ اڳڀرائي ڪئي آهي جيڪو ڳاڙهي سمنڊ ۽ عالمي سامونڊي واپار لاءِ انتهائي اهم رستو آهي حوثين طرفان ڏکڻ سعودي عرب ۾ توانائي جي جاين تي ميزائل ۽ ڊرون حملا ڪرڻ جون دعوائون پڻ سامهون آيون آهن. جڏهن ته سعودي عرب جي حمايت يافته يمني فورسز طرفان جوابي ڪارروايون جاري آهن سعودي ولي عهد محمد بن سلمان آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ کان حوثين خلاف آمريڪي هوائي مدد جي درخواست ڪئي آهي پر آمريڪا في الحال سڌي فوجي ڪارروائي ڪرڻ کان پاسو ڪري رهيو آهي هن وڌندڙ ڇڪتاڻ جو اثر عالمي تيل جي مارڪيٽ ۽ سامونڊي واپار تي به پئجي سگهي ٿو ڇاڪاڻ ته باب المندب دنيا جي اهم ترين سامونڊي گذرگاهن مان هڪ آهي جيڪڏهن صورتحال وڌيڪ خراب ٿئي ٿي ته ان جا اثر صرف يمن ۽ سعودي عرب تائين محدود نه رهندا پر ايران، آمريڪا، عالمي تيل مارڪيٽ ۽ واپار تي به پئجي سگهن ٿا. ٻئي طرف پاڪستان ۽ ترڪيءَ سعودي عرب کي چيو آهي ته هو حوثين خلاف امڪاني ڪارروائيءَ ۾ فني سهڪار ڪندا پر جنگ ۾ سڌي ريت شامل نه ٿيندا اها اڳڀرائي اهڙي وقت سامهون آئي آهي جڏهن حوثي ويڙهاڪ يمن جي ڳاڙهي سمنڊ سان لڳندڙ علائقن تي پنهنجي گرفت وڌيڪ مضبوط ڪري چڪا آهن ۽ سامونڊي واپار لاءِ انتهائي اهم باب المندب سامونڊي لنگهه جي ويجهو پهچي رهيا آهن هوڏانهن سعودي عرب جي حمايت يافته فوجن کي اهم سامونڊي شهر المخا ۾ پوئتي هٽڻو پيو آهي ۽ اطلاع آهن ته اتي موجود فوجين هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏيا آهن المخا باب المندب سامونڊي لنگهه کان لڳ ڀڳ 80 ڪلوميٽرن جي فاصلي تي واقع آهي ۽ هن علائقي تي ڪنٽرول ڳاڙهي سمنڊ ۽ نار وچ ۾ اهم سامونڊي گذرگاهه جي حوالي سان غيرمعمولي سامونڊي اهميت رکي ٿو يمن ۾ هن وقت ڏکڻ واري صورتحال آهي گذريل 48 ڪلاڪن ۾ سعودي جنگي جهازن يمن جي صوبن صنعاءَ، صعده، الحديدا ۽ الجوف تي 129 فضائي حملا ڪيا ويا آهن. جڏهن ته حوثين خبردار ڪيو آهي ته "هن جارحيت جو سخت جواب ڏنو ويندو" ۽ سعودي عرب جي سرحدي ۽ حساس تنصيبات کي نشانو بڻايو ويندو ساڳئي وقت حوثين يمني فوج سان اڌ ڪلاڪ تائين جاري رهندڙ حملي جي وڊيو پڻ سوشل ميڊيا تي جاري ڪري ڇڏي آهي وڊيو ۾ ٻنهي پاسن کان ڳرن هٿيارن جو استعمال ڏسي سگهجي ٿو

روسي خبرون ايجنسي 'تاس' موجب محاذ ڇڏي پهچندڙ يمني فوجين جي قافلي تي حوثي ويڙهاڪن حملو ڪيو ۽ ڪيترن ئي فوجي گاڏين کي باهه ڏئي ڇڏي جيڪڏهن اهو جنگي محاذ وڌيڪ وڌي ٿو ۽ هڪ طرف هرمز ۽ ٻئي طرف باب المندب جهڙا اهم بحري رستا متاثر ٿيندا ۽ ان جو اثر صرف سعودي عرب تي نه پر سڄي عالمي توانائيءَ جي فراهمي ۽ تيل جي قيمتن تي پئجي سگهي ٿو اهڙي صورتحال ۾ سعودي قيادت لاءِ صرف فوجي طاقت تي ڀروسو ڪرڻ بدران علائقائي سفارتڪاري، يمن ۾ سياسي حل ۽ پاڙيسري ملڪن سان بهتر لاڳاپا ۽ جنگ کي محدود رکڻ وڌيڪ دانشمندانه حڪمت عملي ثابت ٿي سگهي ٿي هڪ ڳالهه واضح هجي ته حوثين جي فوجي ڪاروائين تي تنقيد ڪرڻ پنهنجي جاءِ تي پر انهن کي ڪنهن پوري مذهبي يا مسلڪي برادريءَ جو نمائندو قرار ڏيڻ صحيح تجزيو ناهي حوثي هڪ مخصوص سياسي ۽ هٿياربند تحريڪ آهن جن جا ايران سان ويجها لاڳاپا آهن پر انهن جي هر پاليسيءَ کي سموري برادريءَ سان ڳنڍڻ مناسب ناهي ساڳيءَ طرح سعودي عرب يا ان جي قيادت بابت به جذباتي نعرن بدران حقيقتن انگن اکرن ۽ علائقائي سياست جي بنياد تي ڳالهائڻ گهرجي چو ته اڄ جي وچ اوڀر ۾ اصل جنگ صرف ميزائلن ۽ ڊرونز جي ناهي پر تيل، سامونڊي رستن، سفارتڪاري ۽ علائقائي اثر جي جنگ جا اهم محاذ بڻجي چڪا آهن

سائين سرور ۽ اسڪولي ڪلچر

مير اعظم علي ٽالپر

هيءَ ڳالهه گهڻي پراڻي آهي، جڏهن ريڊيو پاڪستان تان ڏينهن جو اسڪولي شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ 'اسڪول براڊ ڪاسٽ' پروگرام نشر ٿيندو هو، جيڪو هڪ ڏينهن نائين ۽ ٻئي ڏينهن ڏهين درجي جي ڪلاس وارن لاءِ هوندو هو حيدرآباد ريڊيو تان به اهو پروگرام پيش ٿيندو هو سو ان پروگرام ۾ شامل ٿيڻ لاءِ سائين سيد منظور نقوي کي عرض ڪري ريڊيو اسٽيشن تي پهچڻ ۾ ڪاميابي ملي پر پروگرام ۾ شرڪت نه ٿي سگهي، آواز جو آڊيشن ڏيڻ ۾ به ناڪامي ملي، البته ٻارڙن جي ٻاري ۾ ويهڻ نصيب ٿيو ان زماني ۾ ٻارن جي پروگرام کي مصطفيٰ قريشي ڇڏي رهيو هو ۽ ان جي جاءِ تي هڪ هلڪو سنهو ٽڪل جسم وارو نوجوان پروگرام ۾ شامل ٿي اهو پروگرام ڪرڻ لڳو سرور بلوچ نالي ۽ ٻارن جي پروگرام ۾ تصويرون نهارڻ لاءِ ظفر ڪاظمي به ايندو هو ۽ ٻارن کي مختلف تصويرون ناهڻ سيکاريندو هو. البته راقم انهن مان هڪ تصوير ٽينڪ ناهڻ ضرور سکي، باقي ڪجهه نه سکيو ظفر ڪاظمي واحد شخصيت هو جنهن سنڌ اليون ۽ سريلنڪا جي ڪرڪيٽ ٽيمن جي ميرپورخاص جي گاما اسٽيڊيم تان پنج وقت 1974ع ۾ سنڌي ۾ اکين ڏٺو احوال تبصري جي حالت ۾ ٻڌايو هو جيڪو حيدرآباد ريڊيو تان براه راست نشر ڪندو هو بهرحال ٻارن جي پروگرام ۾ ظفر ڪاظمي جي سيڪاربل ٽينڪ ياد ڪندي ڪڏهن. ڪڏهن سنڌ ميوزيم وڃڻ تي سنڌس آخري آرام گاهه تي وڃي ڦل پڙهڻ جو اتفاق ٿيندو آهي، ٻارڙن جي ٻاري ۾ سرور بلوچ مون کي شامل ڪندو رهندو هو، 'سرور' نالي سان راقم جو گهڻو واسطو رهيو آهي، اڳ پاڙي ۾ ڪا شادي ٿيندي هئي ته رات جو نانيون ڇوڪريون هيون ابا ماني پٽ ڪاٽي سمهو. اسين وڃون ٿيون 'سرور' تي ۽ پوءِ اُن سرور جي محفل ۾ مايون ڳائينديون وڄائينديون هيون. اها سرور جي محفل پاڙي ۾ زبردست هلندي هئي پر هاڻ زمانو بدلجي ويو آهي. پاڙي يا شهرن ۾ ڊائريڪٽ شاديون مئريج هال ۾ ٿين ٿيون، سرور جو رواج هاڻي ڪو ڀهراڙي ۾ هجي ته هجي.

سرور جي حوالي سان ياد آيو ته ڪجهه سال اڳ پنجاب جو وزيراعليٰ شهباز شريف هو ته اُن جي خاص صلاحڪار ۽ ذات پائي مير مرزا خان ٽالپر دعوت ڏني ته ٻئي جي خان اچو ته اسان جي علائقي جوڻي ڏرين (اڳوڻي صدر مرحوم فاروق لغاري جي ڳوٺ) هاڻ ٽالپر سٽي آهي ۾ 'سرور' جو ميلو آهي، اچو درگاهه تي ميلو ڏسون. اُن ڪانسواءِ شهر ۾ به هڪ، ٻه نالي سرور شخص آهن. پر هن وقت جنهن سرور جو ذڪر ٿو آهي. اهو آهي اسڪولي دبنگ سرور، جنهن جا سڀ ٽيچر غلام آهن. حالانڪ محمد رفيع جو ڳايل گانو 'وقت سي دن اور رات، وقت ڪي سب غلام' هن سرور جي ميدان ۾ اچڻ ڪانپوءِ ڄاڻايل اهميت وڃائي ويٺو آهي. اڄڪلهه اُن سرور جي آدابي غلامي ۾ ماستر ۽ ماستريائيون قابو آهن، چو ته سرور سندن اسڪول اچڻ تي قبول ڪري 'اچي ويا آهيو يا نه' چئي جوي ته 'ليٽ آيا آهيو' موڪل وقت سرور جي پنهنجي مرضي آهي ته هو ڇڏي يا نه ڇڏي، پلي اسڪول جي موڪل جو ٽائيم ٿي به وڃي پر جيڪو استاد ٻاهر نڪرڻ چاهيندو ته موبائيل ۾ ويٺل سرور هڪدم ڪيس خبردار ڪندو ته سوير ٿو وڃين، اندر ٿي، اٿين پلي موڪل ٿي به وڃي پر ماستر ويچارو سرور جو محتاج ٿيو موبائيل ۾ اکيون وجهو ويٺو ڏسندو ته جڏهن 'آئوٽ لکجي' ته اسڪول کان ٻاهر نڪري ۽ صبح 'اِن' لکجي ته هو جسماني طرح پاڻ کي اسڪول ۾ حاضر سمجهي، سو اڄڪلهه اِن ۽ آئوٽ واري سرور اسڪولي ڪلچر کي واهه جو ڪنيو آهي. سنڌ تعليم کاتي انهيءَ کي فيشل ريڪنيڪشن نالو ڏنو آهي، جيڪو بطور پائلٽ پروجيڪٽ تحت سنڌ جي ڇهن ضلعن ۾ حال في الحال طور نافذ ڪيو ويو آهي، هي استادن جي اردو جوڻي 'درآمد، برآمد' موجب حاضري ۽ غير حاضري جي پوري وهنوار اٽينڊنس مانيٽرنگ سسٽم جي نگراني ڪري ٿو، ظاهري طور هي جديد طريقو ساراهه جوڳو آهي، ڳالهه به دلڪش آهي، هن سان ٽيچر ڪُن ڪندا يعني لهرائيندا، ڪين اچڻ وڃڻ تي ڌيان ڏيڻو پوندو. اُن سان حاضري يقيني ٿي ويندي، پر وري بدانتظامي سبب بتي گل ٿيڻ جو به ڊپ آهي. بدنظامي جو شڪار ٿيڻ سبب هي نظام به آخر ۾ هڪ نمائشي نظام ثابت ٿيندو ظاهري ڳالهين جي حد تائين وٺندڙ ۽ پروسي لائق آهي، پر هن جي ديد زيب لڳڻ سان گڏوگڏ بدترين فيل ٿيڻ جو به امڪان آهي، سنڌ جي تعليم کاتي ۾ پڙهائي لاءِ هي ڪو پهريون يا آخري تجربو نه آهي، هن کان اڳ سڀ کان پهريون تجربو صدر ايوب خان ستن درجن واري سنڌي فائنل ختم ڪري اُن جي جاءِ تي ميٽرڪ کي آندو اُن ڪانپوءِ هر دور ۾ مختلف پڙهائي لاءِ مشق ڪرڻ جو عمل جاري ۽ ساري آهي، جتي نظام ناڪاره هجي آتي اٿين آهي، جيئن پراڻي ڪلر واري پٽ تي ڪا چِٽ سالي ڪجي پر پٽ ڌڙهڻ ۽ ڪرڻ تي هجي ته اُن تي مٿان گل ناهڻ جو ڪهڙو فائدو، چو ته پٽ جو بنياد ڪمزور پيڙهه ۽ پاڙ ڪاڏل هجي ته اها پٽ زمين تي ڇا بيهندي؟ اُن ڪري اُنَ تي رنگ روغن ڪرڻ فضول آهي، اُن ڪري اسڪولن ۾ موبائيل ايپ جو استعمال به هڪ عجيب مذاق آهي، هن مان ظاهر آهي ته سرڪار کي پنهنجن ئي ملازمن تي اعتبار ڪونهي ته پوءِ اهڙا چو رکيا ويا، ڪو به ماڻهو سوٽ، بوٽ، ٽائي پائي انگريز نٿو بڻجي سگهي ۽ نه وري تعليم يافته ٿي سگهي ٿو اُن طريقي سان ته رڳو جاهليت کي غلط رنگ ۽ ڍنگ سان لڪائڻ جي هڪ ناڪام ڪوشش آهي. اڳ استادن لاءِ رڳو بائيو ميٽرڪ جو اصول آندو ويو، پر اُن تي به اعتبار سرڪار نه ڪيو. اُن بعد ڊوائيس کي استعمال ڪيو ويو پر سڀ ڪاغذي ڪارروايون ثابت ٿيون. هن سان فنڊن جي رقم هڙپ ڪرڻ ۽ بل ناهڻ جو رستو صاف ٿيو هوندو، باقي ٿيو خير هي موجوده تجربي وارو فريم ورڪ به اڳوڻن منصوبن وانگر ناڪام شڪل وارو نئون تجربو آهي. حاضري جو سائنسي طريقو اُن وقت تائين ڪامياب نه ٿيندو جيستائين منهنجو ماڻهو ۽ تنهنجو ماڻهو وارو اسڪولي ڪلچر ختم نه ٿيندو. انهيءَ اثر رسوخ سان ڪاتا اچا نه ٿيندا ته اِهو پائلٽ پروجيڪٽ به ڏي اينڊ ٿي ويندو

اسڪول ڪلچر جي لحاظ کان اسڪول جي بلڊنگ کان وڌيڪ اسڪولي قيادت اهميت رکي ٿي. ڪنهن به اسڪول جي خوبصورت عمارت ۽ ٻاهرين شاندار بلڊنگ اندر بهترين ڪلاس روم، فرنيچر ۽ صفائي سڀ نمائشي آهن ته جديد ٽيڪنالاجي به ڪجهه نه ٿي ڪري سگهي، دراصل سچي حقيقت ۾ اسڪول کي باصلاحيت قيادت ئي هلائيندي آهي نه وري ڪا سهڻي بلڊنگ حاضري هلائيندي آهي. اُن اسڪول جو هيڊ ماستر ۽ اُن جو ڪاروهنوار ٻين استادن سان پڙهائي ۾ خاص اهميت رکن ٿا. اُن لاءِ استادن جي صحيح رهنمائي سان بهترين ٽيم ورڪ هلندو ۽ شاگرد پڙهندو. اسڪول ۾ ڪنهن جي هڪ غلطي کي مسئلو نه بڻايو وڃي، البته ڪو مسئلو هجي به ته اُن کي حل ڪيو وڃي. اسڪول ۾ ڪنهن به ڳالهه کي خطرناڪ نه بڻايو وڃي، ماحول کي نظم ضبط ۾ رکيو وڃي، اڪثر رٽائرمينٽ جي ويجهو اچڻ وارو هيڊ اسٽاف کي ڇڙواڳ ڇڏي ڏيندو آهي، اهو به غير مناسب آهي درسگاهه جو ماحول دوستاڻو ۽ خوشگوار رکڻ گهرجي. حقيقي قيادت رڳو عهدي جو نالو نه آهي، رڳو لکڻ، پڙهڻ تعليم نه آهي تربيت به هجي. اسڪول جي اندر جو ماحول اسڪول جو هڪ آئينو هوندو آهي. شاگرد، والدين، استاد سڀ اسڪول جو ڪلچر آهن. تعليمي ادارن کي پنهنجي پاليسي تبديل ڪرڻي پوندي، هاڻ اسڪولن کي جديد ٽيڪنالاجي کان پري رکڻ ممڪن ڪونهي. پڙهائي جي حوالي سان استاد جو ڪم پڙهائڻ ۽ شاگردن جو ڪم پڙهڻ آهي. هن سال پنجاب جي 2200 سرڪاري اسڪولن ۾ نائين ڪلاس ۾ خراب رزلٽ اچڻ تي وزير تعليم رانا سڪندر حيات سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪندي اُهڙن اسڪولن مان استادن کي ڪيڻ جو اعلان ڪيو آهي. خاص ڪري بورڊ جي امتحانن ۾ 50 سيڪڙو کان به گهٽ پاس ٿيڻ وارا شاگرد آهن. البته پوءِ به استادن سان رعايت ڪندي 20 سيڪڙو پاس جي شرط رکي آهي. جڏهن ته گهٽ ۾ گهٽ 33 تي پاس ڪيو ويندو آهي. هڪ اسڪول گهوڙا گلي ۾ 58 شاگرد نائين درجي جي امتحان ۾ ويٺا ۽ سڀ جا سڀ 58 ئي فيل ٿي ويا ۽ ڪو به شاگرد 33 مارڪن تي به پاس نه ٿيو. وڏي حيرت جي ڳالهه آهي. تازو پنجاب جي وزير تعليم رانا شوڪت حيات چيو هو ته هُو هفتي ۾ هڪ دفعو ڪنهن نه ڪنهن اسڪول ۾ خود وڃي پڙهائيندو، اِهو سلسلو سيپٽمبر جي پهرئين هفتي کان شروع ٿيڻو هو پر سيپٽمبر جو ٻيو هفتو به ختم ٿي ويو. تاحال وزير صاحب ڪنهن به اسڪول ۾ پاڻ خود پڙهائڻ لاءِ نه پهتو آهي. البته اِها خبر نه آهي ته وزير موصوف ٻارن کي پنهنجي آفيس ۾ گهرائي پڙهايو هجي يا وري چپ چاپ خاموشي سان پڙهائي ويو هجي ۽ ميڊيا وارن کي پتو ئي نه پيو هجي. اِهو به ممڪن آهي ته هُو اسڪول جي ڪنهن ڪلاس ۾ ويو به هجي ۽ ٻارن کان سندن مرضي پڇي هجي ته ٻارو اوهان ڇا پڙهندا ته ٻارن چيو هجي ٻکي جو ڪوڙو (2 جو ڪوڙو) پڙهايو. جڏهن ته وزير صاحب ايچيسن ۽ آڪسفورڊ جو پڙهيل آهي ۽ انگريزي ٽيبل ياد ڪيل آهي، اُن کي ٻکي جو ڪوڙو ڪٿي ٿو اچي، مٿان اُهو ياد ڪندو هجي ۽ ياد ڪري پوءِ اسڪول ۾ حاضر ٿيندو. بهرحال سنڌ ۾ استادن لاءِ اِن ۽ آئوٽ لاءِ سرور جي آدابي غلامي جاري رهندي ۽ سنڌ ۾ سنڌي ڪلچر ايڪري ڪلچر ڪانپوءِ 'سائين سرور اسڪول ڪلچر' زنده باد.

ايران-آمريڪا جنگ، آبناءِ هرمز جي بندش، سعودي ۽ پاڪستان جو ڪردار!

اياز وڳهيو

وچ اوڀر هڪ اهڙي موڙ تي بيٺل آهي، جتي جنگ جا شعلا رڳو ايران ۽ آمريڪا جي وچ ۾ محدود ناهن رهيا پر انهيءَ جا اثر سعودي عرب، يمن، نار جي ملڪن، عالمي تيل جي منڊي ۽ پوري عالمي معيشت تائين محسوس ٿي رهيا آهن. آبناءِ هرمز جي صورتحال، باب المندب ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ ۽ سعودي عرب تي حوثي حملن جي خطرن خطي کي هڪ اهڙي بحران ڏانهن ڌڪي ڇڏيو آهي، جنهن جا نتيجا صرف وچ اوڀر تائين محدود رهڻ وارا ناهن. آمريڪا ايران تي دٻاءُ وڌائي رهيو آهي، جڏهن ته ايران به پابنديون، فوجي حملن ۽ سفارتي دٻاءُ آڏو پوئتي هٽڻ بدران پنهنجي مزاحمت جاري رکڻ جو پيغام ڏئي رهيو آهي. ايران طرفان آمريڪي پابندين کي معاشي جنگ قرار ڏيڻ ۽ چين سان بارٽر واپار جا رستا اختيار ڪرڻ مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته تهران جنگ کي صرف فوجي ميدان تي نه پر معيشت ۽ عالمي سفارتڪاريءَ جي محاذ تي به وڙهڻ چاهي ٿو. پر اصل خطرو آبناءِ هرمز آهي. دنيا ۾ توانائيءَ جي فراهميءَ جو اهو سامونڊي رستو غيرمعمولي اهميت رکي ٿو جيڪڏهن هرمز ۾ آمدرفت ڊگهي عرصي تائين متاثر رهي ٿي ته ان جو سڌو اثر عالمي تيل جي قيمتن تي پوندو، جنهن کان پوءِ مهانگائي، ٽرانسپورٽ، صنعت ۽ خوراڪ جون قيمتون به متاثر ٿينديون يعني ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ هلندڙ جنگ جو بل آخرڪار دنيا جي عام ماڻهوءَ کي ادا ڪرڻو پئجي سگهي ٿو

جنگ جو ٻيو اهم محاذ يمن ۽ باب المندب آهي. جتي حوثين جون سرگرميون ۽ ڳاڙهي سمنڊ جي صورتحال عالمي واپار لاءِ نئون خطرو پيدا ڪري رهي آهي جيڪڏهن هرمز سان گڏ باب المندب به غيرمحفوظ بڻجي وڃي ته دنيا جي ٻن اهم سامونڊي رستن تي هڪ ئي وقت دٻاءُ پيدا ٿيندو اها صورتحال عالمي واپار لاءِ انتهائي خطرناڪ ٿي سگهي ٿي. سعودي عرب لاءِ صورتحال وڌيڪ حساس آهي. رياض هڪ طرف آمريڪا جو اهم اتحادي آهي ته ٻئي طرف يمن مان ايندڙ حوثي حملن جو سڌو خطرو به برداشت ڪري رهيو آهي. سعودي شهرن ڏانهن ميزائل ۽ ڊرون حملن جون خبرون رڳو فوجي مسئلو ناهن پر اهي نار جي ملڪن جي توانائيءَ جي سلامتي ۽ عالمي تيل جي مارڪيٽ لاءِ به ڳڻتيءَ جو سبب بڻيل آهن.

هتي آمريڪا جي حڪمت عمليءَ تي به سوال اُٿي رهيا آهن ڇا فوجي طاقت سان ايران کي ڊگهي عرصي تائين دٻائي سگهجي ٿو؟ يا جنگ جو هر نئون ڏينهن ايران جي مزاحمت کي وڌيڪ مضبوط ڪندو؟ آمريڪا لاءِ سڀ کان وڏو مسئلو اهو آهي ته جنگ جيڪڏهن ڊگهي ٿي وئي ته ان جا فوجي، معاشي ۽ سياسي خرچ وڌي ويندا. ٽرمپ انتظاميا لاءِ جنگ کي جلدي ختم ڪرڻ ۽ ايران کي پوئتي هٽائڻ جي وچ ۾ توازن پيدا ڪرڻ آسان ڪم نه هوندو. ايران لاءِ به صورتحال آسان ناهي. پابنديون، معاشي دٻاءُ ۽ فوجي نقصانن جي باوجود تهران کي پنهنجي عوام، علائقائي اتحادن ۽ عالمي طاقت جي توازن کي نظر ۾ رکڻو پوندو. چين ۽ روس جو سفارتي سهڪار ايران لاءِ اهم آهي پر ڪنهن به وڏي طاقت لاءِ ايران جي جنگ کي پنهنجي سڌي جنگ ۾ تبديل ڪرڻ جو امڪان به گهٽ نظر اچي ٿو. پوءِ پاڪستان جو سوال اچي ٿو. موجوده صورتحال ٻين ملڪن کان مختلف آهي. سعودي عرب سان پاڪستان جا تاريخي، دفاعي، معاشي ۽ عوامي لاڳاپا آهن. جڏهن ته ايران پاڪستان جو پاڙيسري ملڪ آهي. پاڪستان نه سعودي عرب کي نظرانداز ڪري سگهي ٿو نه ايران سان اهڙي ويڙهه برداشت ڪري سگهي ٿو جيڪا سرحدي امن ۽ معاشي مفادن لاءِ نقصانڪار بڻجندي هجي. انهيءَ ڪري پاڪستان لاءِ سڀ کان بهتر رستو جنگ ۾ ڌر بڻجڻ نه پر امن لاءِ سفارتي پل بڻجڻ آهي پاڪستان سعودي عرب جي سلامتي ۽ خودمختياريءَ جي حمايت ڪندي ايران سان ڳالهين جا دروازا کليل رکي ٿو. اسلام آباد جيڪڏهن تهران، رياض ۽ ٻين علائقائي قوتن سان گڏجي جنگبندي، سامونڊي رستن جي تحفظ ۽ ڳالهين لاءِ سفارتي ڪوششون تيز ڪري ته اهو پاڪستان جي عالمي حيثيت کي به مضبوط ڪري سگهي ٿو پاڪستان کي پنهنجي معاشي صورتحال به نظر ۾ رکڻي پوندي. تيل جي قيمتن ۾ تمام گهڻي واڌ پاڪستان جي درآمدي بل، مهانگائي، ڪرنسي ۽ عام ماڻهوءَ جي زندگيءَ تي سڌو اثر وجهي سگهي ٿو. تنهن ڪري وچ اوڀر ۾ امن پاڪستان لاءِ رڳو پرڏيهي پاليسيءَ جو مسئلو ناهي پر اهو پاڪستان جي معاشي سلامتيءَ جو به سوال آهي.

اڄ ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته عالمي طاقتون ملڪ جنگ کي وڌيڪ وڌائڻ بدران ڳالهين جو رستو اختيار ڪن. ايران جي ايٽمي پروگرام جو حل سفارتڪاريءَ سان ڳولڻ گهرجي، سعودي عرب جي سلامتيءَ کي يقيني بڻائڻ گهرجي ۽ هرمز توڙي باب المندب جهڙن عالمي سامونڊي رستن کي جنگ جي سياست کان محفوظ رکڻ گهرجي وچ اوڀر کي هڪ ٻي ڊگهي جنگ نه پر هڪ نئين سفارتي باب جي ضرورت آهي. هرمز ۾ جيڪڏهن تيل جا جهاز بيهي رهن ٿا ۽ باب المندب ۾ واپار جا رستا غيرمحفوظ ٿين ٿا ته نقصان ڪنهن هڪ ملڪ جو نه پر سموري دنيا جو ٿيندو

لطيفي لات ——— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

ڪانيارِيا ڪُٺِڪن، جِنين لوءُ لڱن ۾،
محبتُ جي ميدانَ ۾، پيا لال لُڇن،
پاڻهين ٻَڌن پَٽِيُون، پاڻهين چِڪِيا ڪَن،
وَتان وادوڙِيِن، رهي اچجي راتڙي.

ڪان جا ڪٺل، جن کي جسم ۾ رڳ جي نوڪ لڳل آهي، سي ڪرڪن ۽ ڪنجهن پيا، عشق ۾ رڱيل، نينهن جي ميدان ۾ لڇن ۽ ڦٿڪن پيا. هو پاڻ ئي پنهنجي ڦٽن جي ملم پٽي پيا ڪن ۽ پاڻ ئي پنهنجو علاج پيا ڪن. عشق جي ويڄن وٽ جيڪر هڪ رات گهاري اچجي.

(تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)

اجوڪو ڏينهن ---- 15 سيپٽمبر

محمد منير چنا

هن نامور قانوندان، عالم ۽ اديب جو جنم اجوڪي ڏينهن تي 1922ع ۾ ڳوٺ فيروز شاهه ضلعي دادوءَ ۾ ٿيو پاڻ مشهور ديني عالم ۽ اديب مولانا دين محمد فيروزشاهيءَ جو فرزند هو هن ايل ايل بي جي سند حاصل ڪري حيدرآباد ۾ وڪالت شروع ڪئي سندس شمار حيدرآباد جي مشهور وڪيلن ۾ ٿيندو هو وڪالت سان گڏ ادبي دنيا ۾ چڱو پاڻ موڪيائين سندس تصنيف ڪيل ڪتابن ۾ "اسلامي اڪابر" ۽ "سنڌي انگلش ڊڪشنري" شامل آهن هن 21 آڪٽوبر 1967ع تي وفات ڪئي

شمشير الحيدري

اجوڪو ڏينهن اسان کي سنڌ جي برک اديب، شاعر ۽ صحافيءَ شمشير الحيدريءَ جي يادگيري ڏياري ٿو، جنهن جو جنم 15 سيپٽمبر 1931ع تي بدين ضلعي جي شهر ڪڍڻ ۾ ٿيو ابتدائي تعليم بدين مان حاصل ڪيائين ان بعد سنڌ مدرسته الاسلام ڪراچي اين جي وي اسڪول ڪراچي نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد ۽ لاريئس اسڪول ٽنڊي باگي ۾ پڙهيو اڳتي هلي سنڌ يونيورسٽيءَ مان بي اي ۽ ايم اي (سنڌي ادب) جون سندون حاصل ڪيائين هن ڪيترن ئي ننڍين ۽ وڏين نوڪرين ڪيون ۽ آخر ۾ "يوٿ انويسٽمينٽ پروموشن بيورو" ۾ پرووينشيل چيف طور رٽائر ٿيو هن صحافتي زندگيءَ جي شروعات 1952ع ڌاري بدين مان جاري ٿيندڙ "اعلان حق اخبار" سان ڪئي ان بعد "روزاني مهراڻ حيدرآباد" جو ايڊيٽر ٿيو انهيءَ اخبار ۾ ايم آر ڊي تحريڪ کي هٿي ڏيارڻ سبب ڪيس ايڊيٽر جي عهدي تان هٽايو ويو ان بعد "ماهوار هلچل"، "روزاني هلال پاڪستان ڪراچي"، "روزاني مومل ڪراچي"، "روزاني خلق"، "سائيهه ڊائجيسٽ" ۽ ٻين اخبارن ۽ رسالن جو ايڊيٽر رهيو 1965ع کان 1977ع تائين "نئين زندگي" رسالي جو ايڊيٽر رهيو مهراڻ رسالي سان به سندس لاڳاپو رهيو صحافت سان گڏ سنڌي ادبي دنيا جو به چڻ ته وهڻو تارو هو هو لڳ ڀڳ ڏهه سال سنڌي ادبي سنگت جو مرڪزي سيڪريٽري جنرل رهيو نثر توڙي نظم ۾ ساراهڻ جوڳيون خدمتون سرانجام ڏنائين هن کي آزاد نظم جي باني شاعرن ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو هن مختلف موضوعن تي لڳ ڀڳ 17 ڪتاب لکيا هن 1993ع کان 1995ع تائين سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽريءَ طور ڪم ڪيو هن ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ تي ڪيترن ئي پروگرامن جي ميزبان طور ڪم ڪيو هو پاڪستان ٽيليويزن (پي ٽي وي) جو "پهريون سنڌي ڪمپيئر ۽ نيوز ڪاسٽر" پڻ رهيو هن ريڊيو ۽ ٽيليويزن لاءِ ڪيترائي ڊراما ۽ ڊاڪيومينٽريون تحرير ڪيون هن انمول انسان 10 آگسٽ 2012ع تي ڪراچيءَ ۾ وفات ڪئي

سڪندر بلوچ



هن مشهور براڊڪاسٽر جو جنم 15 سيپٽمبر 1940ع تي حيدرآباد جي ٽنڊي آغا اسماعيل شاهه پاڙي ۾ ٿيو سندس والد جو نالو نٿو خان چانڊيو هو هن ابتدائي تعليم پنهنجي پاڙي جي پرائمري اسڪول مان حاصل ڪئي مئٽرڪ جو امتحان نورمحمد هاءِ اسڪول حيدرآباد مان پاس ڪيائين اڳتي هلي سٽي آرٽس ڪاليج مان بي اي جو امتحان پاس ڪيائين ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم اي جي سند حاصل ڪيائين هن عملي زندگيءَ جي شروعات اسڪول جي استاد طور ڪئي 1962ع ۾ "انيس ٽائيمس" رسالي جو ايڊيٽر مقرر ٿيو 1966ع ۾ ريڊيو پاڪستان راولپنڊيءَ تي اسٽيشن ڊائريڪٽر مقرر ٿيو هن ريڊيو پاڪستان جي مختلف اسٽيشنن تي پهريائين پروڊيوسر، سينيئر پروڊيوسر پروگرام مئنيجر ۽ اسٽيشن ڊائريڪٽر طور ڪم ڪيو هن نه فقط يادگار پروگرام پيش ڪيا پر گڏوگڏ ريڊيو ۽ ٽيليويزن پروگرامن ۾ ميزبان طور به شرڪت ڪئي تاريخ 15 فيبروري 2010ع تي سندس ساهه جو سڳو ٽٽي پيو

لعل دين بسمل

لعل دين بسمل سنڌي ۽ اردو ٻولين جو مشهور شاعر هو سندس جنم 15 سيپٽمبر 1945ع ۾ ٿيو سندس وڏا اصل ۾ هندستان جي ڳوٺ الور جا رهواسي هئا ۽ 1947ع ۾ هندستان ڇڏي دادو ضلعي ۾ راڌڻ اسٽيشن تي اچي آباد ٿيا لعل دين جو اصل نالو عبدالعزيز ولد عبدالرحمان خانزادو هو هن مئٽرڪ تائين تعليم راڌڻ ۾ حاصل ڪئي ۽ ان کان پوءِ لاڙڪاڻي جي ڪليج آف آرٽس اينڊ ايڪنامڪس ۾ پڙهيو پڙهائي پوري ڪرڻ کان پوءِ اسڪول ٽيچر مقرر ٿيو هن جوڻين درجي ۾ پڙهڻ دوران شاعري ڪرڻ شروع ڪئي ۽ خاص طور تي سنڌيءَ ۾ انتهائي سهڻا غزل لکيائين هن راڌڻ ۾ "سنڌي اردو ادبي سنگت" جو بنياد وڌو پاڻ راڌڻ جي "بزم لطيف" جو جنرل سيڪريٽري ۽ "شاعر مشرق رائيٽرس ڪلب" جو نائب صدر پڻ رهيو

امان الله شيخ



هن تليواري ليکڪ ۽ اڳوڻي شاگرد اڳواڻ جو جنم اجوڪي ڏينهن تي 1949ع ۾ لاڙڪاڻي ۾ ٿيو بي ايس سي تائين لاڙڪاڻي ۾ پڙهيو ان بعد سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ايم ايس سي ڪيمسٽريءَ ۾ داخلا ورتائين پر قومي تحريڪ ۾ حصو وٺڻ سبب ڪيس رسٽيڪيٽ ڪيو ويو هو مختلف سياسي پارٽين سان لاڳاپيل رهيو جن ۾ جسلاف، سنڌ يونائيٽڊ فرنٽ، پاڪستان نيشنل پارٽي پيپلز پارٽي (شهيد ڀٽو گروپ) ۽ ٻيون پارٽيون شامل آهن هن ون يونٽ خلاف تحريڪ، ايم آر ڊي تحريڪ ۽ ٻين تحريڪن ۾ حصو ورتو ۽ ڪيترائي ڀيرا قيد ڪاٽيو هن جي ڇپيل ڪتابن ۾ "انقلابن جي تاريخ" (ترجمو)، "گونگر نيٽ ڏرن" (ترجمو)، "جيئڻ جيئڻ تيپي ڏينهن" (ڪالم)، "سنڌ بچايو براعظم بچايو" (ترجمو) ۽ "سنڌ جي سنسار کي بچائجي" شامل آهن

فرزانه پنهور



اڄ مشهور زرعي ماهر فرزانه پنهور جي جنم جو ڏينهن آهي هوءَ تليواري زرعي سائنسدان مرحوم ايم ايڇ پنهور جي گهرواري هئي هن جو جنم 15 سيپٽمبر 1957ع تي ڪراچيءَ ۾ ٿيو هن ڪراچي يونيورسٽيءَ مان بايو ڪيمسٽريءَ ۾ بي ايس سي ۽ ايم ايس سي جون سندون حاصل ڪيون هن کي ٻوٽن ۽ جانورن جي غذائي هاضمي (نيوٽريشن اينڊ ٽيڪنالاجي) ۾ خاص مهارت حاصل هئي هن 50 کان وڌيڪ منفرد گلن جون جنسون پڻ ايجاد ڪيون هن ٿڌن علائقن ۾ پيدا ٿيندڙ ميون مثال طور اخروٽ، انجير ۽ ڏاڙهون وغيره ۾ جينياتي تبديليون ڪري انهن جي گرم علائقن ۾ پوکيءَ کي ممڪن بڻايو هن پنهنجي گهرواري کي ٻن درجن کان وڌيڪ ڪتاب لکڻ ۾ مدد ڪئي ۽ پاڻ به ڪتاب لکيائين هن جا تحقيقي مقالا دنيا جي ساک وارن رسالن ۾ ڇپيا هن 12 فيبروري 2020ع تي دم ڌڻيءَ حوالي ڪيو

ڪنول ڪوهستاني

ڪنول ڪوهستاني لاڙ جو مشهور ليکڪ ۽ صحافي آهي هو 15 سيپٽمبر 1967ع تي ٿاڻي ٻولا خان تعلقي جي ڳوٺ سريءَ ۾ ڄائو سندس اصل نالو موتومل ولد ڪوڙو مل آهي 1975ع ڌاري سندس والد سري ڇڏي سجاول ضلعي جي شهر دڙي ۾ رهائش اختيار ڪئي ڪنول ڪوهستانيءَ انهيءَ ئي شهر جي هاءِ اسڪول مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو اڳتي هلي سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم اي ۽ ايل ايل بي جون سندون حاصل ڪيائين هن 1980ع ڌاري ادبي ميدان ۾ پير پاتو سندس شاعري، ڪهاڻيون ۽ ٻيا ليک سنڌ جي ڪيترن ئي اخبارن ۽ رسالن جي صفحن جي زينت بڻجي چڪا آهن صحافتي دنيا ۾ هو هلال پاڪستان اخبار سان لاڳاپيل رهيو هن دڙي شهر ۾ پريس ڪلب قائم ڪئي ۽ انهيءَ جو پهريون صدر چونڊيو ويو اڳتي هلي پٺون شهر ۾ به پريس ڪلب قائم ڪري انهيءَ جو صدر مقرر ٿيو

مختيار انڙ

مولانا غلام محمد گرامي

اڄ سنڌ جي برک اديب ۽ عالم مولانا غلام محمد گراميءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هن سرت پرئي ساهتڪار جو جنم 30 ڊسمبر 1920ع تي دادو ضلعي جي مشهور شهر ميهڙ ۾ ٿيو هن جي والد جو نالو ڄاڻو خان لغاري هو هن مولانا عبدالڪريم ديرويءَ جي مدرسي مان ديني تعليم سان گڏ سنڌي، فارسي ۽ عربيءَ جي تعليم حاصل ڪئي عملي زندگيءَ جي شروعات هڪ استاد جي حيثيت ۾ ڪيائين 1940ع واري ڏهاڪي ۾ ميهڙ ڇڏي حيدرآباد جي جامعه عربيه اسڪول ۾ استاد طور ڪم ڪيائين ان بعد ٽريننگ ڪاليج فار مين حيدرآباد ۾ فارسيءَ جو استاد مقرر ٿيو انهيءَ ڪاليج ۾ ڪيس مشهور رسالي "اخبار تعليم" جو انچارج به بڻايو ويو هن هلال پاڪستان اخبار ۾ ڪالم به لکڻ شروع ڪيا ۽ سندس مضمون ۽ مقالا سنڌ جي ساک وارن رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپجڻ لڳا 1955ع ۾ ڪيس سنڌي ادبي بورڊ جي مشهور رسالي مهراڻ جو مئنيجنگ ايڊيٽر مقرر ڪيو ويو سندس دور ۾ هن رسالي سنڌي ادبي دنيا ۾ مقبوليت جا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا مهراڻ رسالي ۾ سندس ڪالم "آديسي آئي ويا" تمام گهڻو مشهور هو جنهن ۾ سنڌ جي مشهور شخصيتن جا خاڪا سندن وفات جي موقعي تي شايع ڪندو هو بعد ۾ انهن سوانحي خاڪن کي سنڌي ادبي بورڊ پاران "ويا سي ويڃهار" جي نالي سان ڇپرايو ويو هن ڪيترائي ڪتاب تصنيف ڪيا، جن ۾ الله جو وجود، اسان جو پيارو دين، ادبي اهڃاڻ، ديوان بلبل، رفيق حيات، اسلامي تاريخي ڪهاڻيون، مزاحيات، مسلمان ۽ تعليم، دينيات اٺين ڪلاس لاءِ، جام جم، قائداعظم جون تقريرون، تاريخي افسانا ۽ ڊراما ۽ مشرقي شاعريءَ جا فني قدر ۽ رجحانات شامل آهن ان سان گڏ پاڻ هڪ قادرالڪلام شاعر پڻ هو هن انمول انسان 15 سيپٽمبر 1976ع تي هن دنيا کان هميشه لاءِ موڪلائي ڪئي

ريتا شاهاڻي



سنڌي ادبي دنيا ۾ مشهور شاعره ۽ ليکڪ ريتا شاهاڻيءَ جو نالو ڪنهن تعارف جو محتاج ناهي هن جو جنم حيدرآباد شهر ۾ 24 آگسٽ 1934ع تي ٿيو اڃا 13 سالن جي مس هئي جو هندستان جو ورهاڱو ٿيو ۽ هن پنهنجي ڪٽنب سان گڏ هندستان جي شهر لکنوءَ جا وڃي وسايا. هن ويهن سالن جي ڄمار ۾ لکڻ جي شروعات ڪئي هن سڄا سارا 41 ڪتاب لکيا، جن ۾ هن جي شاعريءَ جا مجموعا، مضمون، ناول، آتم ڪهاڻي، سفرناما ۽ ٻيون لکڻيون شامل آهن هوءَ مهاراشٽر رياست جي بورڊ آف سيڪنڊري اينڊ هاير ايجوڪيشن جي ميمبر ۽ جٿ هند اسڪول بورڊ جي نائب صدر رهي ان کان علاوه پوني جي وومين ڪائونسل جي سيڪريٽري ۽ نيشنل ڪائونسل فار پروموشن آف سنڌي لينگويج جي ميمبر رهي تاريخ 15 سيپٽمبر 2013ع تي هن جي زندگيءَ جو سفر پڄاڻيءَ تي پهتو

سنتو ميراڻي

اجوڪو ڏينهن مشهور چترڪار ۽ ليکڪ سنتو ميراڻيءَ جون سارون کڻي آيو آهي جيڪو اجوڪي ڏينهن تي 2013ع ۾ اسان کان هميشه لاءِ وڇڙي ويو هو سنتو ميراڻيءَ جو اصل نالو محمد صالح ۽ والد جو نالو محمد حسين ميراڻي هو هن 15 فيبروري 1948ع تي دادو شهر ۾ پنهنجي جيون جو سفر شروع ڪيو پهرئين درجي کان پارهين ڪلاس تائين دادوءَ ۾ پڙهيو ۽ ان بعد انگريزي ادب ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان ماستر ڊگري حاصل ڪيائين هن تعليم کاتي ۾ ليڪچرار طور پنهنجي عملي زندگيءَ جي ابتدا ڪئي شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي شهادت وقت هو ڪيڊٽ ڪاليج پيٽاري ۾ ليڪچرار طور ڪم ڪري رهيو هو هن ڪاليج ۾ ڀٽي صاحب جي غائبانه جنازه نماز جو اهتمام ڪيو ۽ پاڻ انهيءَ نماز جي امامت ڪئي انهيءَ عمل سبب مارشل لا سرڪار مٿس مچرچي پئي ۽ ڪيس نوڪريءَ مان برطرف ڪيو ويو نوڪري کسجڻ کان پوءِ هن کي ڪافي ڏکيائن کي منهن ڏيڻو پيو هن دادو شهر ۾ قبرن تي ڪتبا اُڪيرڻ ۽ لکڻ جو دڪان کوليو ڪيس انهيءَ ڪم ۾ چڱي خاصي مهارت حاصل هئي هن کي چترڪاري ۽ ڊرائنگ ۾ به سٺي مهارت حاصل هئي ۽ بهترين قسم جا ڪارٽون ناهيندو هو، جيڪي مختلف اخبارن ۾ ڇپجندا هئا هن دادوءَ مان امرتا نالي هڪ رسالو پڻ جاري ڪيو پر ان جا فقط ٻه پرچا ڇپجي سگهيا. سٺو شاعر پڻ هو هن 15 سيپٽمبر 2013ع تي وفات ڪئي

پيربخش پياسي

اڄ مشهور شاعر پير بخش پياسيءَ جي وفات جو ڏينهن آهي هن تليواري شاعر جو جنم 1942ع ۾ ٽنڊي محمد خان ضلعي جي ڳوٺ حسين خان لغاريءَ ۾ ٿيو ابتدائي تعليم ٽنڊي محمد خان مان حاصل ڪيائين اڳتي هلي بي اي، بي ايڊ ۽ ايم اي (سنڌي) جون سندون حاصل ڪيائين ڪجهه عرصو هاءِ اسڪول جو استاد رهيو 1976ع ۾ تعليم کاتي ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو مختلف ڪاليجن ۾ قوم جي نونهالن کي تعليم جي زيور سان آراسته ڪري 2002ع ۾ ايسوسيئيٽ پروفيسر طور رٽائر ٿيو ادب ۽ ادبي سرگرمين سان ننڍي هوندي کان ئي دلچسپي رهيس هو ڪيترين ئي ادبي ۽ سماجي تنظيمن جو ميمبر رهيو جن ۾ سنڌي ادبي سنگت، اداره سنڌي ترقي اداره روشن ادب ۽ اداره گلشن ادب شامل آهن سندس شاعريءَ ۾ بيت، غزل، وايون ۽ آزاد نظم شامل آهن سندس شاعريءَ جو مجموعو "ڪڪر منجهه ڪيهار" 2018ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو هن 15 سيپٽمبر 2020ع تي وفات ڪئي

ڊاڪٽر اسد الله قاضي



اڄ سنڌ جي نامور تعليمي ماهر ۽ اسرا يونيورسٽي حيدرآباد جي اڳوڻي چانسلر ڊاڪٽر اسدالله قاضيءَ جي وفات جو ڏينهن آهي سندس واسطو نصرپور جي مشهور قاضي خاندان سان هو قاضي صاحب سنڌ يونيورسٽيءَ مان جيالاجيءَ واري شعبي ۾ فرسٽ ڪلاس فرسٽ پوزيشن سان گريجوئيشن ڪئي ان بعد امپيريل ڪاليج آف سائنس اينڊ ٽيڪنالاجي لنڊن مان ماسٽر ۽ پي ايڇ ڊي جون سندون حاصل ڪيائين هن 1969ع ۾ ويسٽ پاڪستان يونيورسٽي آف انجنيئرنگ، سائنس ۽ ٽيڪنالاجي لاهور جي ڊپٽي ڊائريڪٽر طور پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات ڪئي ان بعد سنڌ يونيورسٽيءَ جي اپلائيڊ سائنسز واري شعبي جو چيئرمين مقرر ٿيو 1969ع ۾ نيشنل بڪ فائونڊيشن جي ڊائريڪٽر آف پلاننگ، ريسرچ ۽ ائڊمنسٽريشن طور ذميداريون سنڀاليائين اڳتي هلي ايشين انسٽيٽيوٽ آف ٽيڪنالاجي بئنڪاڪ ۾ انجنيئرنگ جيالاجيءَ واري شعبي جو سربراهه مقرر ٿيو 1975ع ۾ هن يونيسڪو جي ماهر طور سعودي عرب جي شهر جدي ۾ سينٽر فار اپلائيڊ جيالاجيءَ جو سربراهه مقرر ٿيو اڳتي هلي سعودي عرب جي منسٽري آف پيٽروليم ۽ منرل جو حصو بڻجي ويو جتي حرم پاڪ ۽ ان جي آسپاس ڪيترن ئي اهم پراجيڪٽن ۾ ماهر طور خدمتون سرانجام ڏنائين 1990ع واري ڏهاڪي ۾ وطن واپس ورڻ کان پوءِ هن اسرا يونيورسٽي حيدرآباد ۾ پهريائين وائيس چانسلر ۽ پوءِ چانسلر طور ذميداريون سنڀاليون هن انمول انسان 15 سيپٽمبر 2025ع تي پنهنجي حياتيءَ جو سفر پورو ڪيو

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب فرسٽ سول جج اينڊ جي اير مورو
سوٽ نمبر 06 سال 2026
سافڪو مائيڪرو فنانس ڪمپني معرفت مجاز نمائندو عبدالاحد لاشاري برانچ رومين مورو..پلينٽف. بخلاف. (1)مسمات نادش ڪورائي زال رستم ڪورائي رهاڪو وارڊ نمبر 1 ڀاڙو سڄل ڪالوني تعلقو مورو ضلعو نوشهروفيروز (2) فيصل ولد مٺو رهاڪو وارڊ نمبر 01 ڀاڙو سڄل ڪالوني تعلقو مورو ضلعو نوشهروفيروز..ڊفينڊنٽس
.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڪوري امائونٽ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 26-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
فرسٽ سول جج اينڊ جي اير مورو

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب فرسٽ سول جج اينڊ جي اير مورو
سوٽ نمبر 05 سال 2026
سافڪو مائيڪرو فنانس ڪمپني معرفت مجاز نمائندو عبدالاحد لاشاري برانچ رومين مورو..پلينٽف. بخلاف. (1) مسمات آمنه ڪورائي زال شاه الله رهاڪو ڳوٺ حاجي محمد تعلقو مورو ضلعو نوشهرو فيروز سيل نمبر 03043665584 (2) رستم ڪورائي ولد دودو فقير ڪورائي رهاڪو وارڊ نمبر 01 سڄل ڪالوني مورو ضلعو نوشهروفيروز..ڊفينڊنٽس
.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڪوري امائونٽ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 26-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
فرسٽ سول جج اينڊ جي اير مورو

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب فرسٽ سول جج اينڊ جي اير مورو
سوٽ نمبر 04 سال 2026
سافڪو مائيڪرو فنانس ڪمپني معرفت مجاز نمائندو عبدالاحد لاشاري برانچ رومين مورو..پلينٽف. بخلاف. (1) مسمات سونيا ڪورائي زال شهزاد رهاڪو وارڊ نمبر 1 سڄل ڪالوني مورو تعلقو مورو ضلعو نوشهرو فيروز (2) ساجد ولد محمد ياسين ڪورائي رهاڪو وارڊ نمبر 01 سڄل ڪالوني مورو ضلعو نوشهروفيروز..ڊفينڊنٽس
.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڪوري امائونٽ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 26-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
فرسٽ سول جج اينڊ جي اير مورو

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب سينئر سول جج II ميرپورخاص
(روبرو جناب محمد عامر)
ايف سي سوٽ نمبر سال 2026
الله بخش ولد نور محمد رهاڪو ڳوٺ باجي خان مري تعلقو سنڌڙي ضلعو ميرپورخاص..پلينٽف. بخلاف. (1) محمد حسن ولد حاجي نور محمد (2) مختيارڪار روينيو تعلقوسنڌڙي (3) اي سي تعلقو ميرپورخاص (4) جنرل پبلڪ..ڊفينڊنٽس
.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف سوٽ فار ڊڪلريشن اينڊ مينيٽيري انجڪشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 16-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
سينئر سول جج II ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ سول/ فيملي جج اينڊ جي اير ميرپورخاص
(روبرو جناب مريم صبا مهر)
فيملي سوٽ نمبر 141 سال 2026
مسمات ڪلثوم ڌيءُ محمد امين رهاڪو گهر نمبر 71 راڄڙ ڪالوني ميرپورخاص..پلينٽف. بخلاف. (1) عبدالخالق ولد فيض محمد رهاڪو نزد قاضي احمد روڊ گهر نمبر 08 محله هالي ري ڪالوني نوابشاه..ڊفينڊنٽس
.مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف نڪاح ٽوڙائڻ، ڏاوري آرٽيڪلز، ميرج ڪيترنگ، هال ايڪسپينس، مينٽيننس ۽ رڪوري آف بيچ ايگريمينٽ امائونٽ 2000000روپيا لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 17-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
سول/ فيملي جج اينڊ جي اير ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ سول/ فيملي جج اينڊ جي اير ميرپورخاص
(روبرو جناب مريم صبا مهر)
فيملي سوٽ نمبر 128 سال 2026
مسمات سوهاڻ ڌيءُ ولي محمد رهاڪو ڳوٺ مير محمد خان ٽالپر ضلعو ميرپورخاص..پلينٽف. بخلاف. سڪندر ولد عزيز الله رهاڪو ڳوٺ مير محمد خان ٽالپر ضلعو ميرپورخاص 03190128451..ڊفينڊنٽس
.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف نڪاح ٽوڙائڻ، ڏاوري آرٽيڪلز، ڏاور امائونٽ، اينڊ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 16-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
سول/ فيملي جج اينڊ جي اير ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ سول/ فيملي جج اينڊ جي اير I ڏگهڙي
(روبرو جناب ارشد علي سمون)
فيملي سوٽ نمبر 52 سال 2026
مسمات نجمه ڌيءُ مير محمد رهاڪو محمد خان ٽالپر وارڊ 05 جهڏو ضلعو ميرپورخاص..پلينٽف. بخلاف. توقير علي ولد عبدالرزاق رهاڪو ڳوٺ حاجي محمد صالح اڙ تعلقو سڪرنڊ ضلعو شهيد بينظير آباد..ڊفينڊنٽس
.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 21-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
سول/ فيملي جج اينڊ جي اير I ڏگهڙي

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾جناب سول/ فيملي جج I ڪنري
(روبرو جناب جي سورج)
فيملي سوٽ نمبر 74 سال 2026
شريمتي ڪويتا ڌيءُ راڻو ذات ڀيل هندو بالغ رهاڪو ڳوٺ اسلام پور تعلقو ڪنري ..پلينٽف. بخلاف. پرتاب ولد پريو ذات ڀيل هندو بالغ رهاڪو ڳوٺ ظفر رند تعلقو ٽنڊو باگو ضلعو بدين ...ڊفينڊنٽس
.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف جوڊيشل سيپريشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 18-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
سول/ فيملي جج I ڪنري

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾جناب سول/ فيملي جج IV حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر سال 2026
مسمات سينا ڌيءُ رياض حسين ..پلينٽف. بخلاف. علي رضا ولد بشير حسين ذات ميراڻي رهاڪو ڪوسٽ اسٽريٽ ماشاالله آباد لاڙڪاڻو..ڊفينڊنٽس
.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 23-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
سول/ فيملي جج IV حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾جناب ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج VI حيدرآباد
سمري سوٽ نمبر 198 سال 2026
مسمات مجيده بيواهه نهال دين رهاڪو C-23 نسيم نگر فيز 2 قاسم آباد ..پلينٽف. بخلاف. خادم حسين ولد غلام حسين رهاڪو دستگير ڪالوني نوشهروفيروز ..ڊفينڊنٽس
.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سمري سوٽ زير قلم 37 رول 1 ۽2 سي پي سي تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 24-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج VI حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب فرسٽ گارڊين جج چمبڙ
گارڊين سوٽ نمبر سال 2026
ياسين احمد ولد مرحوم رئيس احمد ذات عباسي رهاڪو سمن آباد چمبڙ ضلعو ٽنڊو الهيار ..ايپليڪينٽ. بخلاف. (1) جنرل پبلڪ ايٽ لارج ..اپوننٽس (1) مسمات رقيه بيواهه مرحوم رئيس احمد (2) مريم ناز ڌيءُ مرحوم رئيس احمد ذات عباسي رهاڪو سمن آباد چمبڙ ضلعو ٽنڊو الهيار ..اپوننٽس (1) ياسر احمد (2) ماهنور (3) نور فاطمه (4) Misha Noor سڀ ڌيءَ پٽ مرحوم رئيس احمد مائنر رهاڪو سمن آباد چمبڙ ضلعو ٽنڊو الهيار
.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ توهان جي خلاف گارڊين درخواست زير قلم 7،10،29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي صغيرن جي گارڊين جي مقرري بابت تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 15-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
فرسٽ گارڊين جج چمبڙ

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب ايڊيشنل سيشن جج 9th حيدرآباد
سول اپيل نمبر 299 سال 2025
(1) مسمات حاجران ڌيءُ بچل (2)مسمات جنت زال محمد يعقوب ڌيءُ بچل (3) قاسم ولد محمد بچل سومرو رهاڪو ڳوٺ محمد سومرو عبدالله هائوسنگ اسڪيم قاسم آباد حيدرآباد ..ايپليڪينٽ. بخلاف. (1) سينئر ميمبر بورڊ آف روينيو حيدرآباد (2) مختيارڪار روينيو تعلقو قاسم آباد (3) سب رجسٽرار تعلقو قاسم آباد (4) اي سي تعلقو قاسم آباد (5) محمد يعقوب ولد محمد بچل معرفت قانوني وارث (اي) مسمات زليخان بيواهه محمد يعقوب (بي) محمد بچل ولد محمد يعقوب (سي) محمد ذوالفقار ولد محمد يعقوب (ڊي) نور محمد ولد محمد يعقوب (اي) مسمات زبيده زال علي رضا ڌيءُ محمد يعقوب (ايف) مسمات فهميده زال دانش ڌيءُ محمد يعقوب سڀ رهاڪو ڳوٺ محمد سومرو عبدالله هائوسنگ اسڪيم قاسم آباد حيدرآباد (جي) مسمات سڪينه شاهد ڌيءُ محمد يعقوب رهاڪو ملڪ پٽرول پمپ خواجه ڪالوني هالا ناڪ حيدرآباد ..ريسپونڊنٽس
.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ توهان جي خلاف سول اپيل زير قلم 96 سي پي سي آر ڊبليو سيڪشن 151 سي پي سي ساڳي ئي درخواست زير قلم 41 رول 5 آر ڊبليو 39 رول 1،2 151 سي پي سي تحت تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 16-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
ايڊيشنل سيشن جج 9th حيدرآباد

عام اطلاع
جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي رجب علي ولد عبدالغفور درخواست ڏني آهي ته هن جو پيءُ نالي عبدالغفور ولد الهڏنو جيڪو فوت ٿي ويل آهي فوتي کي ديهه مورو تپو هگوجائي تعلقي ٽنڊو باگو سروي نمبر 710 مان ايراضي حصي موجب 8_2 ايڪڙ حصي موجب رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي کاتو جاڳز وارثن ۾ بدلايو وڃي جنهن جي فوتي ڪاتي لاءِ جلسي عام ڳوٺ يار محمد پرڳڙي تعلقا ٽنڊو باگو ۾ ڪيو ويو آهي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڪري ٻن شاهدن کان بيان ورتا ويا آهن جنهن مان ظاهر ٿيو ته فوتي جا جاڳز وارث هيٺيان آهن تفصيل فوتي نالي عبدالغفور ولد الهڏنو جي جاڳز وارثن جو نالا وارثن جا 1 شفيع محمد پٽ فوتي جو 2 غلام حيدر پٽ فوتي جو 3 رجب علي پٽ فوتي جو 4 عبدالجبار پٽ فوتي جو 5 عبدالستار پٽ فوتي جو 6 مسمات ظهران ڌي فوتي جي 7 مسمات خيران زال فوتي جي نالي فوتي غلام رسول پٽ فوتي عبدالغفور جيڪو فوتي پيءُ کان 1 سال اڳ فوت ٿي ويل آهي جاڳز وارث چٽيا آهن تنهنڪري هر عام وخاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته مٿين جاڳايل فوتي جي وارثن بابت اگر ڪنهن به ماڻهو کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته هن اشتهار جي ڇپجڻ جي ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض ثبوتن سميت اسانجي آفيس ۾ ۾ پيش ڪري بي صورت ۾ معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو جاڳز وارثن جي حق ۾ ڪيو ويندو پو ڪوبه اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو
مختيارڪار روينيو تعلقو ٽنڊو باگو

عام اطلاع
جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي عبدالسليم ولد محمد علي چانگ درخواست ڏني آهي ته ڪيس سروي نمبر 301 (3-10) 309 (06-00) 310 (3-25) 311 (3-23) ڪل ايراضي 11-14 ايڪڙ ديهه ڪوريائي تعلقو شهيد فاضل راهو جو ڪاتي تي آهي جنهن جو رڪارڊ 2007-12-27 تي محترم بينظير ڀٽو جي شهادت جي واقعي ۾ مذڪوره ديهه جو رڪارڊ پڻ سڙي ويو آهي جيڪو ٻيهر بحال ڪري ڏنو وڃي انهي سلسلي ۾ جناب سينئر ميمبر بورڊ آف روينيو سنڌ حيدرآباد جن جي نوٽيفڪيشن نمبر 08/Misc/2008/Rev-1 214/12 تاريخ 21-01-2014 موجب حڪم ڪرڻ فرمايو آهي ته لوس ثبوتن جي بنياد تي ٻيهر رڪارڊ جي تصديق ڪئي وڃي حڪم موجب سر زمين تي جلسه عام ڪري ڪانيو مٿيان وارث / حقدار / ڪانيدار ظاهر ٿيا آهن هن اشتهار ذريعي سڀني دلچسپي رکندڙن کي آگاهه ٿو ڪجي ته ڪنهن کي به ڪو اعتراض هجي ته ستن ڏينهن اندر جناب اسسٽنٽ ڪمشنر صاحب جي آفيس ۾ پيش ڪن بي صورت ۾ جاڳايل ڪانيدار جي نالي کاتو بحال ڪيو ويندو ۽ ڪنهن به ڌرجو ڪو به اعتراض ٻڌو نه ويندو
مختيارڪار روينيو تعلقو شهيد فاضل راهو

عام اطلاع
جيئن ته درخواستگذار نالي شفيق الرحمان ولد محمد اقبال راجپوت ويٺل ٽنڊو جام تعلقو حيدرآباد اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سنلس ولد نالي محمد اقبال راجپوت ولد محمد حنيف جيڪو تاريخ 2016-03-07 تي فوت ٿي ويو آهي جنهنجي کاتي تي زرعي زمين ديهه ڏاڄپور تپو اي شاهپور تعلقو متياري ۾ آهي جنهنجو هيٺين جاڳز وارث جي نالي فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي. نوٽ مرحوم جا والدين مرحوم جي وفات کانپوءِ وفات ڪري ويا آهن (1) سعيد الرحمن (پٽ) (2) سيف الرحمن (پٽ) (3) شفيق الرحمن (پٽ) (4) سميرا عاطف راڻو (ڌي) (5) رابعه عاطف (ڌي) (6) فاطمه اقبال (ڌي) (7) زهره بيگم (بيواهه) (8) محمد حنيف (والد) (9) امير بيگم (والده) درخواستگذار جو وڪيل چوڻ آهي ته فوتي فقه سني جو مسلمان هو سنلس ولد ۽ والده فوتي جي حياتي ۾ فوت ٿي ويل آهين اهڙي تصديق ٻن شاهدن نالي (1) حسنين شوڪت ولد شوڪت علي (2) محمد ساجد ولد محمد شاهه جن ٽنڊو جام ۾ مقرر ڪيل جلسه عام ۾ شرڪت ڪئي اسان جي روبرو ڪئي آهي جنهنڪري هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص يا اداري کي فوتي جي مٿين جاڳز وارثن يا زرعي زمين بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري مدي گذري وڃڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ 1967 جي سيڪشن 42 موجب فوتي جي مٿين جاڳز وارثن جي نالي فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو ويندو.
مختيارڪار روينيو تعلقو متياري

عام اطلاع
هرخاص وعام کي اطلاع ٿو ڪجي ته درخواست ڪندڙ مجيب احمد ولد غلام مصطفيٰ ارباب ويٺل هالا نوان ديهه رحيماڻي تپو گهوٽاڻا ايراضي 34-43 ايڪڙ سروي نمبر 1to4/ 525 تعلقو هالا ضلعو متياري اسانکي درخواست ڏني آهي ته سندس والد غلام مصطفيٰ ولد حاجي چنو ارباب تاريخ 13-02-2013 تي وفات ڪري ويو آهي انهي لاءِ هن زرعي زمين / پلاٽ / جگهه جا فوتي ڪاتا بدلائڻ لاءِ درخواست ڏني آهي ۽مرحوم غلام مصطفيٰ مرڻ وقت هيٺيان ڏيکاريل جائز وارث ڇڏي ويو آهن (1) خرم ارباب (پٽ) (2) مجيب احمد (پٽ) (3) اويس احمد ارباب (پٽ) (4) پرويز (پٽ) (5) فهيم احمد (پٽ) (6) مسمات سميره ارباب (ڌي) (7) مسمات سنيته (ڌي) (8) مسمات مرڪ (ڌي) فوتي اهلسنت مذهب سان تعلق رکندڙ هو اگر مٿين وارثن کان علاوه ڪو به ماڻهو فوتي جي جائز وارث هجڻ جي دعويٰ ڪري ٿو ته هن عقات جي 15 پندرهن ڏينهن ۾ اسان جي آفيس مختيارڪار روينيو تعلقو هالا ۾ ڪاغذي ثبوت سميت اعتراض داخل ڪري مٿيون معياد گذرڻ کانپوءِ ڪو به اعتراض قابل قبول نه رهندو ۽ فوتي ڪاتو جاڳايل وارثن جي نالي تبديل ڪيو ويندو
مختيارڪار روينيو تعلقو هالا

عام اطلاع
هر خاص و عام کي بذريع اطلاع ڏجي ٿو ته آئون محمد عزيب ولد محمد ياسين شناختي ڪارڊ نمبر 4130288199173 هڪ عدد پلاٽ نمبر 111 ايراضي 400 مربع گز واقع حيدرآباد ويزن ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي (روينيو) جو سودو هيٺ ڄاڻايل مالڪ سان ڪيو آهي نالي لال محمد ولد بنگل خان ڪلهوڙو شناختي ڪارڊ نمبر 4510402565901 اگر ڪنهن به شخص يا اداري کي ڪنهن به قسم جو به قانوني اعتراض هجي ته هن اشاعت جي شايع ٿيڻ جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ لاڳاپيل سوسائٽي آفيس وٽ دستاويزي ثبوتن سميت داخل ڪرائي بي صورت ۾ معياد گذرڻ کانپوءِ ڪو به اعتراض قابل قبول نه هوندو ۽ ٽرانسفر جي ڪارروائي مڪمل ڪئي ويندي
فيصل محبوب ميمڻ 03119900186

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب ڊسٽرڪٽ جج ڄامشورو
(روبرو جناب شاهد احمد اعوان)
سڪسيشن سوٽ نمبر 39 سال 2026
سلطان احمد ولد محمديعقوب رهاڪو D/128 رهندر سنڌ يونيورسٽي ڪالوني ڄامشورو ولد ۽ گارڊين هيٺ ڏنل مائنر جو (2) صدام حسين ولد سلطان احمد (3)مصباح احمد ولد سلطان احمد (4) ارسلان احمد ولد سلطان احمد (5) پرهه ڌيءُ سلطان احمد (6) غلام بتول ڌيءُ سلطان احمد رهاڪو D/128 رهندر سنڌ يونيورسٽي ڪالوني ڄامشورو ..ايپليڪينٽ .. بخلاف. (1) ڊائريڪٽر شهيد محترمه بينظير ڀٽو يونيورسٽي سنڌ ڄامشورو (2) مختيارڪار روينيو تعلقو ڪوٽڙي (3) سب رجسٽرار تعلقو ڪوٽڙي (4) جنرل پبلڪ ايٽ لارج ...اپوننٽس
.مٿين اپوننٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ سڪسيشن درخواست زير قلم 372 سڪسيشن ايڪٽ 1925 تحت داخل ڪئي آهي سڪسيشن سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي پراپرٽي ڇڏي آهي فوتي مسمات ارشاد خاتون زال سلطان احمد پراپرٽي ۾ پلاٽ نمبر C-67 بلاڪ 03 ايراضي 150 اسڪوائر يارڊ سنڌ يونيورسٽي اسٽاف هائوسنگ اسڪيم ڄامشورو تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 18-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
ڊسٽرڪٽ جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر 340 سال 2026
مسمات سونيا عرف شمائلا..پلينٽف.. بخلاف.. شهباز ڪلهوڙو ولد رستم خان رهاڪو پوپٽ ڳوٺ بهراستاپ ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو 03002386815 ...ڊفينڊنٽس
.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ، رڪوري ڏاوري آرٽيڪلز ۽ مينٽيننس آف عدت پيرڊ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 22-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
فيملي جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾جناب سول/ فيملي جج Vحيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 1143 سال 2026
مسمات مرڪ ڌيءُ محمد اعظم درس رهاڪو گهر نمبر 28 حيدرآباد بنگلوز قاسم آباد حيدرآباد ..پلينٽف. بخلاف.. وقار احمد ولد ممتاز حسين شيخ رهاڪو فليٽ نمبر 14 روشن پلازه ٽاور ڪالوني ڪراچي ...ڊفينڊنٽس
.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف مينٽيننس اينڊ ڏاوري آرٽيڪلز لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 30-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
سول/ فيملي جج Vحيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾جناب سول/ فيملي جج Vحيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 1115 سال 2026
مسمات ايلا زال صدر الدين رهاڪو فليٽ نمبر B-4 جنيد جمشيد ٽاور واڙو واه روڊ قاسم آباد ..پلينٽف. بخلاف.. صدرالدين ولد ممتاز علي شيخ رهاڪو شيخ محلا خيرپور ناٿن شاه ضلعو دادو ...ڊفينڊنٽس
.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ ۽ ڏاوري آرٽيڪلز لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 30-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
سول/ فيملي جج Vحيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس
سول/ فيملي جج اينڊ جي اير II قاضي احمد
فيملي سوٽ نمبر 79 سال 2026
مسمات زبيده ڌيءُ لال بخش چانڊيو رهاڪو ڳوٺ سومر خان چانڊيو تعلقو قاضي احمد ..پلينٽف. بخلاف. عزيز الله ولد حاجي عبدالڪرم چانڊيو چانڊيو رهاڪو حاجي آچر چانڊيو تعلقو قاضي احمد ...ڊفينڊنٽس
.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 17-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
سول/ فيملي جج اينڊ جي اير II قاضي احمد

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب گارڊين جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
گارڊين درخواست نمبر 116 سال 2026
اعجاز علي ولد بخشڻ خاصخيلي رهاڪو گهر نمبر 25 عبدالله شاه ڪالوني سانگهڙ روڊ نوابشاه ..ايپليڪينٽ. بخلاف.. مسمات رشيده ڌيءُ جان محمد پٽي رهاڪو سوئي گيس اسٽاپ روڊ نوابشاه ...اپوننٽس
.مٿين اپوننٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7،10،25 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي صغيرن (1) بيبي اسما (2) بيبي ريشما (3) بيبي فاطمه (4) آصف علي (5) عاطف علي جي گارڊين جي مقرري بابت تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 17-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
گارڊين جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب سينئر سول جج III شهيد بينظير آباد
ايف سي سوٽ نمبر 113 سال 2026
فدا حسين ولد غريب الله آخوند ۽ ٻيا ..پلينٽف. بخلاف.. (1) سيڪريٽري سنڌ ڪراچي (2) ڪمشنر شهيد بينظير آباد (3) ڊي سي شهيد بينظيرآباد (4) مختيارڪار سڪرنڊ (5) مرحوم محمد حفيظ قريشي معرفت قانوني وارث (a) طاهر (b) سليم الدين (c) انوالدين (d) حوا (6) زوهيب قاضي ولد مظهر قاضي (7) سجاد قاضي ولد نور الدين (8) عبيدالله ولد بند علي قاضي ...ڊفينڊنٽس
.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف سوٽ فار ڊڪلريشن، ڪينسليشن، پارٽيشن، پزيشن، پرمننٽ انجڪشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 15-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
سينئر سول جج III شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب ڊسٽرڪٽ جج شهيد بينظير آباد
سڪسيشن سوٽ نمبر 74 سال 2026
مسمات نازيه ڌيءُ مرحوم عبدالقادر شاه رهاڪو وارڊ نمبر 02 وارث بلوچ تعلقو دوڙ ..ايپليڪينٽ. بخلاف.. (1) مسمات شبنم ڌيءُ مرحوم عبدالقادر شاه (2) مسمات شاهين محمد نذير ڌيءُ مرحوم عبدالقادر شاه (3) مينيجر اين بي پي دوڙ برانچ (4) اسٽنٽ ڊائريڪٽر نادرا نوابشاه (5) جنرل پبلڪ ايٽ لارج ...اپوننٽس
.مٿين اپوننٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ سڪسيشن درخواست زير قلم 370 سيڪشن 5(B)&2(B) تحت داخل ڪئي آهي سڪسيشن سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ فوتي انوري بيگم بيواهه نذر محمد شاه جي ڇڏيل پراپرٽي بابت جنهن اڪائونٽ نمبر 3109989405 اين بي پي دوڙ برانچ ۾ ڇڏيل رقم تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 21-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
ڊسٽرڪٽ جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سينئر سول جج ٽنڊو الهيار
(روبرو جناب فهيم الدين سهتو)
ايف سي سوٽ نمبر 89 سال 2026
امامزادي بيواهه حاجي خان (2) محمد اسماعيل ولد حاجي خان بڇي ذات جا هاليپوٽو رهاڪو ڳوٺ شاديون لغاري مسڻ وڏي تعلقو جهنڊو مري ضلع ٽنڊو الهيار..پلينٽف. بخلاف.. (1) سيڪريٽري انٽرير اسلام آباد (2) انچارج ايجنسير نادرا آفيس ٽنڊوالهيار (3) جنرل پبلڪ ايٽ لارج ...ڊفينڊنٽس
.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف سوٽ فار ڊڪلريشن اينڊ مينيٽيري انجڪشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 15-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
سيڪنڊ سينئر سول جج ٽنڊو الهيار

بقايا 1 "روزاني عبرت"
ملڻ تي بدين پوليس پهچي لاش انڊس اسپتال بدين پهچايو جتي ايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي ڊي ايس پي ۽ ايس ايڇ او بدين پهچي لاش جو معائنو ڪيو لاش جي سڃاڻپ حاڪم علي شاهه جي نالي سان ٿي آهي جيڪو ٽنڊوشهر لڳ ڳوٺ پرڀل بليدي جو رهواسي ۽ هن وقت اتفاق ڪالوني بدين ۾ رهندو هو ٻئي طرف پوليس موجب بدين ۾ قتل ٿيل نوجوان کي مبينا طور ايلسي مسيحي نالي شخص قتل ڪيو آهي ايس ايس پي بدين جي ڪيم ڊي ايس پي شڪيل سولنگي ايس ايڇ او انور لغاري جي اڳواڻي ۾ ڪارروائي ڪندي جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو آهي

بقايا 2 "روزاني عبرت"
موجب ملڪ ۾ وڌندڙ پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ واڌ خلاف شهرين جي وڏي انگ گهنٽا گهر چوڪ تي شهري اتحاد ضلعو سکر جي سڏ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو مظاهرين وزيراعظم پاڪستان جو پتلو ڪٽي عوام دشمن پاليسين خلاف سخت نعريبازي ڪئي مظاهري ۾ شامل مولانا عبدالحق مهر ۽ ٻين اڳواڻن چيو ته حڪومت عوام کي رليف فراهم ڪرڻ بدران سندن روزمرهه جي مشڪلاتن ۾ وڌيڪ اضافو ڪري رهي آهي پيٽرول جي قيمت وڌڻ سبب ملڪ ۾ مهانگائي جو طوفان برپا ٿي ويو آهي، پر عوام جي سخت ردعمل باوجود حڪومت ٽس کان مس نه ٿي رهي آهي ائين لڳي ٿو ته حڪومت غريب عوام جو رت چوسڻ ۾ مصروف آهي اڳواڻن مطالبو ڪيو ته پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ فوري گهٽتائي ڪري عوام کي رليف فراهم ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو سلسلو جاري رکيو

بقايا 3 "روزاني عبرت"
مارٽم بعد لاش وارثن حوالي ڪيو فوتي نوجوان ٻن ٻارن جو پيءُ هو هڪ نياڻي ۽ هڪ پٽ هو اهڙي واقعي ڪانپوءِ گهر ۾ ڪهرام مچي ويو .

بقايا 4 "روزاني عبرت"
سوسائٽي هنگورجا جي اڳواڻن انصاف علي عزيز ميمڻ روشن علي شيخ ظهور حسين دايو عبدالمنان ميمڻ ۽ ڊاڪٽر حسين دايو ڪئي .

بقايا 5 "روزاني عبرت"
ميرٽ جي لتاڙ ۽ نوڪرين پئسن عيوض ڏيڻ خلاف نوجوان گذريل ڪيترن ئي ڏينهن کان ايس پي ايس سي آفيس حيدرآباد ٻاهران سراپا احتجاج بڻيل آهن جن سان مڪمل يڪجهتي جو اظهار ڪريون ٿا هنن الزام لڳايو ته سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ۾ نوڪرين جا مبينا ريٽ مقرر ڪيا ويا آهن جڏهن ته سياسي سفارش ۽ پئسن عيوض نوڪريون ڏيڻ سان حقدار نوجوانن جي حقن تي ڌاڙو هنيو پيو وڃي شاگرد اڳواڻن چيو ته سنڌ ۾ سرعام ميرٽ جي لتاڙ جاري آهي پر حڪمرانن جڻ ته اکين تي پٽيون ٻڌي ڇڏيون آهن پرامن احتجاج ڪندڙ نوجوانن کي روڪڻ بدران سندن جائز مطالبا ٻڌا ۽ حل ڪيا وڃن هنن مطالبو ڪيو ته سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن آفيس آڏو احتجاج ڪندڙ نوجوانن جا مطالبا ترت تسليم ڪيا وڃن ۽ پئسن عيوض نوڪريون وڪرو ڪرڻ جي الزامن جي شفاف جاچ ڪرائي ملوث آفيسرن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي

بقايا 6 "روزاني عبرت"
بقائي بعد حسن علي چانيهون کي مارڪيٽ ڪندا زبردستي گاڏي ۾ وجهي کڻي ويا گهر ۾ موجود سندس پٽ مصطفيٰ چانيهون پاران فوري طور هٿيارٻندن جو پيڇو ڪيو جنهن تي ڪيرو ميرپورخاص روڊ تي لال خان اسٽاپ ويجهو هٿيارٻندن گاڏي تي فائرنگ ڪئي جنهن جي نتيجي ۾ گاڏي جو ڪاٽر برسٽ ٿي ويو واقعي بابت مليل ڄاڻ مطابق واقعو صبح جي ساڍي ڏهين وڳي ڌاري ٿيو ۽ واردات ۾ 8 کان وڌيڪ هٿيارٻند شامل هئا.هوڏانهن اطلاع ملڻ تي ڊي ايس پي ۽ ايس ايڇ او ڪيرو پاران پيڇو ڪرڻ ۽ پوليس پاران ناڪابندي باوجود هٿيارٻندن جو پتو نه پئجي سگهيو آهي واقعي سبب ڪيرو شهر ۾ خوف پکڙجي ويو آهي اغوا واقعي ڪانپوءِ وڏي انگ ۾ شهري ۽ علائقي واسي گڏ ٿي ويا جڏهن ته واقعي خلاف ڪيرو ۾ شٽر بند هڙتال ڪئي ويئي ۽ شهيد چوڪ تي احتجاج پڻ ڪيو ويو مليل ڄاڻ مطابق واردات ۾ ملوث هڪ جوابدار کي بنگلي جي ملازمن سڃاتو آهي جنهن ڪجهه عرصو اڳ حسن علي چانيهون کان باغ ٺيڪي تي ورتو هيو جنهن سان پئسن جي ڏيتي ليتي جو معاملو هيو حسن علي چانيهون جي بازيابي لاءِ پوليس ۽ وارثن پاران ڪوشش باوجود بازيابي نه ٿي سگهي

بقايا 7 "روزاني عبرت"
آهي ته جيئن هي روز روز آفيس نه اچي هتي آهو ۾ چيو ته ڌرڻي جي پهرين ڏينهن اي سي سڪرنڊ رميز راڄا ۽ مختيارڪار شوڪت حسين کين دلاسو ڏنو ته ممتاز ڪيرير جي موٽر سائيڪل ۾ پوليس معرفت وراڻي ڏني ويندي ۽ سندس زمينن جا ڪاغذ پڻ تيار ڪيا ويندا پر افسوس جو چار مهينا گذرڻ باوجود نه موٽر سائيڪل ملي آهي ۽ نه ئي ڪاغذ ڏاهيا ويا آهن هنن چتاءُ ڏنو ته جيڪڏهن اسان جا مطالبا نه مڃيا ويا ته قومي شاهراهه بلاڪ ۽ ڊي سي آفيس ٻاهران ڌرڻو هڻي سگهون ٿا ان ڪري انتظاميه کي گهرجي ته اسان جي مطالبن تي فورن عمل ڪري ڌرڻي ۾ تعلقه سيڪريٽري بچل ڏاهيو ، قاسم سومرو ، شوڪت ميمڻ ، محمد علي جلباڻي ۽ محمد خان گدارو سميت ڪيترائي ڪارڪن ۽ آبادگار شريڪ هئا

بقايا 8 "روزاني عبرت"
پارڪنگ جي نالي تي شهرين کان من ماني رقم وصول ڪئي وڃي ٿي جڏهن ته اها رقم سرڪاري خزاني ۾ جمع ٿيڻ جو پڻ ڪو واضع نظام موجود ناهي بلدير عظمي ڪراچي شهرين جي شڪايتن ۽ مطالبن تي پارڪنگ جي نظام ۾ شفافيت آڻڻ لاءِ اهم قدم کنيا آهن ۽ شهر ۾ ڊجيٽل مڪينيڪل پارڪنگ لائس قائم ڪرڻ جو سلسلو شروع ڪيو ويو آهي

بقايا 9 "روزاني عبرت"
آهن. هوڏانهن پوليس پاران جتيا جي ڳوٺ عيسي مڪراڻي ۾ مشهور منشيات فروش حشمت بلوچ جي گهرن کي ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيو پوليس ڳوٺ محرم رند ۾ ڏوهن ۾ ملوث هرهڪ محرم چنسير قادريو رند سميت ٻين جا گهر ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيا پوليس جي ڪارروائي بعد ڏوهارين ۾ هڪ دفعو ٻيهر ڦرڦلو مچي ويو آهي

بقايا 10 "روزاني عبرت"
ڇڏيو. ٿهر جهڙي گرمي ۾ ڪوٽڙي سائيٽ جي علائقن خدا جي بستي، ٻبر اسٽاپ، پٺاڻي ڪالوني ، خورشيد ڪالوني، بهار ڪالوني، غريب آباد، بروهي چوڙنڪ، سڪندرآباد، ڪوهناڪ ڳوٺ، خاصخيلي ڳوٺ، ٽيليگراف، ڪرسچن ڪالوني، ميمڻ محلا ۽ ڪوٽڙي جي علائقن ناٽوليين ، جيسر محلا ، برفت پاڙو پٽي پاڙو ملڪ ڏاؤن لطيف چوڙنڪ، سبحان الله ڪالوني، سريم گارڊن عناتائي پاڙو خانيون راسوا موڙي، ڪوٽڙي اسٽيشن ۽ ٻين تنين وڏن علائقن ۾ بجلي جي اڪيوٽ ۽ 8 ڪلاڪن کان 16 ڪلاڪن تائين بجلي بند رکي عوام کي سخت گرمي جي آزمائش ۾ رکهي ڇڏيو

بقايا 11 "روزاني عبرت"
ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو نينگر جو لاش گهر پهچڻ تي سندس گهر ۾ ڪهرام مچي ويو ۽ شادي جون خوشيون ماتم ۾ تبديل ٿي ويون جڏهن ته زخمي نينگر جو علاج جاري هو هوڏانهن شاهه لطيف پوليس ٻڌايو ته واقعي جي جاچ ڪري رهيا آهيون جيڪڏهن ڪو مسئلو ظاهر ٿيو ته ڪيس داخل ڪيو ويندو

بقايا 12 "روزاني عبرت"
۽ گهڻي معاملي تي برادري جي مشتاق سامٽيو ذوالفقار ارشاد سان تڪرار آهي جيڪي مختلف حربا استعمال ڪري اسانجي گهرن تي زبردستي قبضو ڪرڻ لاءِ ڌمڪائي رهيا آهن هن وڌيڪ چيو ته برادري جا بااثر اسانکي ڳوٺ گهرن سان بيدخل ڪرڻ لاءِ حملا ڪري هراسان ڪرڻ ۽ جاني مالي نقصان رسائڻ لاءِ سرگرم رهن ٿا هن چيو ته اسان پرامن شريف ڳوٺاڻا ۽ صحافت سان واسطه آهيان ايم اين اي ابرار علي شاهه ۽ ايم پي اي غلام قادر چانڊيو جي فيصلن تي بااثر عمل ڪرڻ بجاءِ الٽو پاڻ اظهار سامٽيو مٿان حملو ڪري سرٽيبنگ ڪيو ويو آهي ۽ واقعي جي ٿاڻي تي اين سي پڻ داخل ڪرائي آهي هن اپي جي سنڌ ڊي آئي جي شهيد بينظيرآباد ايس ايس پي نوشهروفيروز کان مطالبو ڪيو ته واقعي جي اٽ ڌري جاچ ڪرائي ملوث حملي آوروقبضا مافيا خلاف قدم کنيو وڃي.

بقايا 13 "روزاني عبرت"
نوجوانن کي ڊجيٽل مارڪيٽس بلاڪ چين، Web3 ۽ لاڳاپيل جديد شعبن ۾ عملي ۽ جديد تعليم فراهم ڪرڻ آهي معاهدي تي 14 سيپٽمبر 2026ع تي ڪراچي مقامي هوٽل ۾ منعقد تقريب دوران صحيحون ڪيون ويون معاهدي تي شهيد بينظير ڀٽو يونيورسٽي (SBBU) جي نمائندن ۽ لڪميرڪس ڊيوان جي نمائندن صحيحون ڪيون هن شراڪتداريءَ جو بنيادي مقصد پاڪستان جي ڊجيٽل معيشت کي هٿي ڏيڻ ۽ يونيورسٽيءَ جي شاگردن کي جديد ٽيڪنالاجي ۽ ڊجيٽل مارڪيٽس جي وڌندڙ شعبن ۾ تعليم، تربيت ۽ عملي تجربو فراهم ڪرڻ آهي شراڪتداريءَ تحت DXL انسٽيٽيوٽ پاران بلاڪ چين، Web3، ٽريڊنگ، ڊجيٽل مارڪيٽس ۽ ٻين جديد شعبن بابت تعليمي ۽ تربيتي پروگرام شروع ڪيا ويندا، جن مان شاگردن سان گڏ عام ماڻهن کي پڻ فائدو حاصل ٿيندو پروگرام تحت 126 چونڊيل شاگردن لاءِ عملي ۽ پروفيشنل تربيت جو پروگرام شروع ڪيو ويندو جنهن ۾ 288 ڪلاڪن جي سکيا شامل هوندي شاگردن کي جديد ڊجيٽل مارڪيٽس، سيڪيورٽي، ٽريڊنگ ۽ مالي ٽيڪنالاجي بابت عملي تربيت فراهم ڪئي ويندي، جڏهن ته پروگرام جي پڄاڻيءَ تي سرٽيفڪيٽ پڻ ڏنا ويندا DXL پاڪستان ۾ ڊجيٽل مارڪيٽ ورڪ فورس تيار ڪرڻ لاءِ ڪم ڪري رهيو آهي، جنهن تحت مختلف يونيورسٽين ۽ ادارن ۾ جديد ڊجيٽل تعليم ۽ تربيت کي فروغ ڏنو پيو وڃي ان پروگرام ذريعي شاگردن کي عملي علم ۽ مهارتون حاصل ڪرڻ جو موقعو ملندو جڏهن ته جديد ٽيڪنالاجي ڊجيٽل مارڪيٽس ۽ مالي ٽيڪنالاجي بابت ماهر استادن ۽ صنعت جي ماهرن کان سکيا پڻ فراهم ڪئي ويندي شهيد بينظير ڀٽو يونيورسٽي (SBBU) جي نمائندي چيو ته: "اسان جي ذميواري آهي ته اسان شاگردن کي مستقبل جي معيشت لاءِ تيار ڪريون. ڊجيٽل مارڪيٽس هاڻي مالي شعبي جو اهم حصو آهن ۽ هي شراڪتداري اسان جي شاگردن کي معيار واري تعليم سان گڏ عملي طور سکڻ جا موقعا فراهم ڪندي، جيڪو هن پروگرام لاءِ انتهائي ضروري آهي " لڪميرڪس ديوان چيو ته: "اسان ملڪ ۾ هزارين نوجوانن کي ڊجيٽل مارڪيٽس ۾ سرگرم ڏسي رهيا آهيون، جن مان ڪيترن ئي پاڻمرادو سکيو آهي DXL جو مقصد انهن لاءِ هڪ مضبوط ۽ منظم تعليمي نظام فراهم ڪرڻ آهي جيئن هو ڊجيٽل مارڪيٽ بابت صحيح ۽ معياري ڄاڻ حاصل ڪري سگهن" هن شراڪتداريءَ سان شاگردن نوجوان پروفيشنلز ۽ جديد ڊجيٽل مارڪيٽس ۽ مالي ٽيڪنالاجيز بابت جامع معلومات حاصل ڪرڻ جي خواهشمند ماڻهن لاءِ هڪ بهترين پليٽ فارم فراهم ٿيڻ جي اميد آهي

بقايا 14 "روزاني عبرت"
عورتن وڏي انگ ۾ حصو ورتو اجلاس دوران معزز مهمانن عورتن جي نوڪري واري جاءِ تي ڪم دوران هيسائڻ واري عمل ۽ ان خلاف قدم کڻڻ بابت آگاهي ڏني سيمينار ۾ خطاب ڪندي ڪنسلٽنٽ صوبائي محتسب سنڌ حيدر علي ابڙو رڪائرڊ ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج ڪشمور چيو ته عورت جي تحفظ بابت عام ماڻهن اندر آگاهي ڏيڻ لاءِ سيمينار ڪوٺايو ويو آهي ته جيئن وڏ کان عام ماڻهن اندر عورتن جي حقوق بابت آگاهي جي عمل کي پهچائي سگهجي عورتن جي تحفظ بابت حڪومت پاران سخت قانون موجود آهن جنهن ۾ عورت بي خوف ٿي معاشري ۾ زندگي گذاري سگهي ٿي، صوبائي محتسب جي هدايتن تي سڄي سنڌ جيئان ڪشمور ضلعي اندر به تحفظ آفيس قائم ڪئي وئي جتي عورتون پنهنجي پاڻ سان نوڪري دوران ٿيندڙ هيسائڻ واري درخواست جمع ڪرائي سگهن ٿيون جنهن جو هڪ مهيني اندر فيصلو ڪيو ويندو ۽ درخواست ڏيندڙ عورت کي انصاف فراهم ڪيو ويندو ڪشمور ضلعي اندر عورتن جي حقوق بابت جلد وڌيڪ سيمينار منعقد ڪيا ويندا.

بقايا 15 "روزاني عبرت"
چيو ته خيرپور ضلعي اندر ناريجا برادري جو ووٽ ۾ لک کان به مٿي آهي پوءِ به ناريجا قوم سان پوري ضلعي اندر ناانصافي ڪئي وڃي ٿي جڏهن ته پ پ جي اعلاءِ قيادت پاران تعلقي گمبٽ ۾ هڪ ننڍو عهدو گمبٽ سٽي جي صدر جو ڏنو ويو جيڪو وري بغير نوٽيس بنا جواز جي ڪن مهينن ڪانپوءِ واپس وٺي هٽايو ويو آهي جيڪو سراسر غلط فيصلو ۽ غلط قدم آهي هنن پ پ جي اعلاءِ قيادت آصف علي زرداري بلاول ڀٽو زرداري ميڊم فريال ٽالپر نثار احمد کهڙو ۽ نواب خان وساڻ کي نوٽيس وٺڻ جي اپيل ڪندي گهر ڪئي ته اهڙي عمل جي جاچ ڪئي وڃي ۽ گمبٽ سٽي جي صدر حاجي عبداللطيف ناريجو کي واپس بحال ڪيو وڃي

بقايا 16 "روزاني عبرت"
ووٽر لسٽ ۾ نالي جي موجودگي جي تصديق، پولنگ جي طريقيڪار ۽ ووٽ ڏيڻ بابت ضروري معلومات فراهم ڪرڻ لاءِ مسلسل آگاهي مهم هلائڻ جي ضرورت آهي ته جيئن خاص طور نوجوانن عورتن معذور ماڻهن ۽ ٻين طبقاتي گروهن ۾ ووٽر شعور کي وڌيڪ هٿي ملي سگهي ان موقعي تي ڊسٽرڪٽ انفارميشن آفيسر سرفراز سمون چيو ته اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان ۽ اطلاعات کاتي جو عوامي آگاهي جي حوالي سان اهم ڪردار آهي اليڪشن ڪميشن چونڊ عمل کي شفاف منظم بڻائڻ سان گڏ ووٽرن کي سندن حقن ۽ ذميوارين بابت آگاهي فراهم ڪري ٿي جڏهن ته اطلاعات کاتو سرڪاري ادارن ۽ عوام وچ ۾ رابطي جو اهم ذريعو هجڻ جي حيثيت سان آگاهي مهم ۾ چونڊ سڌارن بابت پيغام کي پرنٽ اليڪٽرانڪ ۽ سوشل ميڊيا ذريعي وسيع سطح تائين پهچائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو هن چيو ته بنهي ادارن وچ ۾ بهتر رابطي ۽ گڏيل سهڪار سان ووٽر آگاهي مهم کي وڌيڪ اثرائتو بڻائي سگهجي ٿو ۽ عوام تائين صحيح ۽ بروقت معلومات پهچائڻ سان ووٽرن جي چونڊ عمل ۾ شرڪت کي وڌائي سگهجي ٿو ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪمشنر ظهير احمد سهتو چيو ته ووٽر آگاهي لاءِ ميڊيا جو ڪردار انتهائي اهم آهي

بقايا 17 "روزاني عبرت"
سرڪاري آفيسرن ۽ ٻين مهمانن شرڪت ڪئي تقريب جو مقصد پورهيت عورتن کي بنيادي خواندگي جي تعليم فراهم ڪرڻ سان گڏ کين سماجي معاشي ۽ مزدور حقن بابت آگاهي ڏيڻ ۽ بااختيار بڻائڻ هو پروگرام خاص طور تي زرعي شعبي، خصوصاً ڪپهه جي پوک ۽ چونڊي سان لاڳاپيل عورتن لاءِ ترتيب ڏنو ويو هو سنڌ ڪميونٽي فائونڊيشن جي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر جاويد سوز هالائي مهمانن ۽ شرڪت ڪندڙن کي ڀليڪار ڪيو

بقايا 18 "روزاني عبرت"
جي ڀڃڪڙي ڪئي هن ٻڌايو ته واقعي جو ڪيس لاڳاپيل ٿاڻي تي داخل ڪرايو ويو آهي، پر پوليس جوابدارن کي گرفتار نه ڪري رهي آهي جوابدار ڪيس تان هٿ ڪڻڻ لاءِ سنگين نتيجا ڀوڳڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن متاثر شخص چيو ته مون کي ۽ منهنجي خاندان کي نامزد جوابدارن کان خطرو لاحق آهي جيڪڏهن اسان سان ڪو به نقصان ٿيو ته ان جا ذميوار اهي ئي نامزد جوابدار هوندا هن اعليٰ اختيارين ۽ پوليس جي اعليٰ آفيسرن کي اپيل ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي ۽ کيس انصاف سان گڏ تحفظ پڻ فراهم ڪيو وڃي

بقايا 19 "روزاني عبرت"
فائرنگ ڪري ڏني جنهن جي نتيجي ۾ جو ڳوٺ جام پرٽ رهواسي 33 ورهين جو ظفر علي پٽ محمد حيات پرٽ گوليون لڳڻ سبب مارجي ويو واقعي بابت ٻڌايو پيو وڃي ته ٻئي پاڻ موٽرسائيڪل تي سوار ٿي ڪجي واري علائقي مان گذري رهيا هئا ته هٿيارٻندن مٿن فائرنگ ڪئي فائرنگ جي نتيجي ۾ ظفر علي پرٽ سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي علاج لاءِ تعلقي اسپتال ميهڙ منتقل ڪيو ويو جتي هو زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو مقتول جو لاش ضروري ڪارروائي لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي ذريعن موجب واقعي جو مبينا ڪارڻ ڪجي واري علائقي ۾ جتوئي ۽ عالماڻي ذرين وچ ۾ هلندڙ زميني تڪرار ٻڌايو پيو وڃي تڪرار سبب علائقي ۾ گذريل هڪ مهيني کان وڌيڪ عرصي کان ڇڪتاڻ واري صورتحال برقرار آهي جنهن دوران مبينا طور تي رستي تان گذرندڙ ٻن پاڻن کي به فائرنگ جو نشانو بڻايو ويو واقعي جي اطلاع ملڻ تي پرٽ برادري سان تعلق رکندڙ ماڻهن مقتول جي وارثن ۽ ويجهن عزيزن جو وڏو انگ تعلقي اسپتال ميهڙ پهچي ويو جتي وارثن ۾ ڏک ڪاوڙ جي لهر ڇانيل آهي علائقي واسين جو چوڻ آهي ته جتوئي ۽ عالماڻي ذرين وچ ۾ هلندڙ زميني تڪرار سبب ڪجي واري علائقي ۾ امن امان جي صورتحال ڇڪتي جوڳي بڻيل آهي، ۾ مبينا طور تي پوليس ۽ ٻين لاڳاپيل انتظامي ادارن طرفان ٽڪرار کي روڪڻ لاءِ بروقت اثرائتا قدم نه کنيا ويا، جنهن جي نتيجي ۾ هاڻي هڪ بيگناهه واٽهڙو جي جان پڻ ضايع ٿي وئي آهي واقعي ڪانپوءِ علائقي ۾ خوف ۽ ڇڪتاڻ پکڙيل آهي وارثن ۽ علائقي واسين مطالبو ڪيو آهي ته فائرنگ ۾ ملوث جوابدارن کي فوري طور گرفتار ڪري مقتول جي وارثن کي انصاف فراهم ڪيو وڃي ۽ جتوئي ۽ عالماڻي ذرين وچ ۾ هلندڙ زميني تڪرار کي ختم ڪرائڻ لاءِ پوليس ۽ انتظاميا اثرائتي مداخلت ڪري، جيئن وڌيڪ جاني نقصان کان بچي سگهجي

بقايا 20 "روزاني عبرت"
انصاري جي بازيابي لاءِ موجود هيون ان موقعي تي عطا محمد پنهور خميسي سوهرو جنيد مغل سميت جسقم آريسر جي ضلعي ۽ صوبائي اڳواڻن جڏهن ته سکر ۽ خيرپور جي مختلف سياسي ۽ سماجي حلقن سان تعلق رکندڙ ماڻهن جي آمد جو سلسلو پڻ جاري رهيو ڪيمپ جي شرڪت ڪندڙن چيو ته عامر انصاري کي جنهن تاريخ تي مبينا طور ڪائون شپ سيڪٽر 3 مان کنيو گم ڪيو ويو ان وقت ڪائون شپ چوڪيءَ جو انچارج رائو شفيق ايئرپورٽ ٿاڻي جو ايس ايڇ او ابوبڪر گبول اي ايس پي سٽي نعيب امين ۽ ايس ايس پي سکر اظهر مغل پنهنجي عهدن تي مقرر هئا. مظاهرين انهن آفيسرن تي سخت الزام لڳائيندي چيو ته اهي مبينا طور گم ٿيل نوجوانن جي معاملن ۾ ذميوار آهن تنهن ڪري کانئن جواب طلب ڪيو وڃي هنن مطالبو ڪيو ته انهن الزامن جي غيرجانبدارانه جاچ ڪرائي وڃي ۽ جيڪڏهن ڪو پوليس اهلڪار قانون کان تجاوز جو ڏوهاري ثابت ٿئي ته ان خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي مظاهرين جو چوڻ هو ته عوام جي جان مال جي تحفظ جي ذميواري رکندڙ ادارن طرفان جيڪڏهن آئين ۽ قانون کان ماورا قدم کنيا وڃن ته ان سان عوام ۾ سخت بيچيني ۽ عدم تحفظ پيدا ٿئي ٿو ان موقعي تي جسقم آريسر جي اڳواڻن اعلان ڪيو ته جيڪڏهن 15 سيپٽمبر تائين عامر انصاري کي بازياب نه ڪرايو ويو ته جسقم آريسر عامر انصاري جي وارثن سان گڏجي ڪوڙو کان سکر تائين پوليس ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي مبينا ڳٺ جوڙ خلاف پيادل مارچ ڪندو

بقايا 21 "روزاني عبرت"
ڪانفرنس ڪندي چيو ته اسان ڳوٺ بلاول خان پنڊ ۾ ڳوٺ محمد عرس لغاري جا رهواسي آهيون گذريل ڏينهن دادو باءِ پاس کان اسان جي 2 نوجوانن 22 سالا ساگر علي پنڊ ۽ 24 سالا شاهزمان لغاري جيڪي مزدوري ڪندا آهن جن کي نامعلوم گاڏين ۾ نامعلوم ماڻهن کڻي ويا آهي جنهن سبب اسان سخت پريشان آهيون ، بنهي نوجوان لاپتا ٿيڻ بعد اسان نوجوانن کي دادو ، خداآباد سميت آس پاس جي ٿاڻن تي پڻ ڳولا ڪئي آهي پر ڪٿي به نوجوان جو پتو نه پئجي سگهيو آهي هنن چيو ته نوجوانن جو ڪنهن به سياسي تنظيم سان واسطو نه آهي نه وري هو سوشل ميڊيا استعمال ڪندا آهن ، نوجوانن کي 3 گاڏين ۾ کنيو ويو آهي ، اگر نوجوانن مٿان ڪو به ڪيس داخل ٿيل آهي ته سندن کي عدالتن ۾ پيش ڪيو وڃي ، لاپتا ڪيل بنهي نوجوانن جي وارثن سنڌ جي وڏي وزير، آءِ جي سنڌ ، ڊي آءِ جي حيدرآباد ، ايس ايس پي دادو کان مطالبو ڪيو ته فوري طور نوجوانن جي گمشدگي جو نوٽس وٺي فوري طور نوجوانن کي ظاهر ڪري ذهني طور پريشاني کان بچايو وڃي، ٻي صورت عدالت جو در کڙڪايو ويندو

بقايا 22 "روزاني عبرت"
امن امان قائم ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي وئي آهي. اڳواڻن جو الزام وڌندڙ بدامني چورين، ڦرن ۽ شهرين جي جان ۽ مال جي تحفظ ۾ ناڪامي خلاف سماجي ۽ سياسي اڳواڻن پاران 17 تاريخ کان مرحليوار احتجاجي تحريڪ هلائڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي ان موقعي تي اڳواڻن عبدالستار لهر نظير بليدي ۽ ذوالفقار ٻبر چيو ته ڪوٽڙي شهر ۾ بدامني ڏينهون ڏينهن وڌندي پئي وڃي جڏهن ته پوليس امن امان قائم ڪرڻ ۽ ڏوهارين خلاف اثرائتي ڪارروائي ڪرڻ ۾ مڪمل طور ناڪام ٿي وئي آهي هنن چيو ته شهر ۾ چوريون ۽ ڦرون معمول بڻجي ويون آهن جنهن سبب شهري سخت خوف ۽ بيچيني ۾ مبتلا آهن، پر پوليس پاران ڏوهارين خلاف ڪو به مؤثر ۽ نتيجا ڏيندڙ قدم نظر نٿو اچي اڳواڻن چيو ته ذوالفقار ٻبر جي دڪان ۾ ٿيل چوري کي به مهينا گذري وڃڻ باوجود پوليس اجا تائين چوري 785000 ٿيل چوري رڪور ڪرائڻ ۽ جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام رهي آهي جيڪو پوليس جي ڪارڪردگي تي وڏو سوال آهي هنن چيو ته جيڪڏهن شهرين کي تحفظ نه ڏنو ويو ۽ وڌندڙ بدامني تي ضابطو نه آندو ويو ۽ ذوالفقار ٻبر جي چوري 785000 رڪور نه ٿي ته 17 تاريخ کان مرحليوار تحريڪ شروع ڪئي ويندي، جنهن جي ذميواري ضلعي انتظاميا ۽ پوليس تي هوندي هنن اعليٰ اختيارين ايس ايس پي ڄامشورو ۽ ضلعي انتظاميا کان مطالبو ڪيو ته ڪوٽڙي ۾ وڌندڙ بدامني چورين ۽ ڦرن جو فوري نوٽيس وٺي شهرين کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي، ذوالفقار ٻبر جي چوري ٿيل سامان کي رڪور ڪري جوابدارن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌيڪ وسيع ڪيو ويندو

بقايا 23 "روزاني عبرت"
روپيا روڪ رقم کڻي ويندڙ گينگ جي مک جوابدار رحمت الله قمبراڻي کي پوليس گرفتار ڪري ورتو آهي. پوليس گرفتار ڪيل جوابدار جي قبضي مان 50 لک روپيا روڪ رقم ۾ هٿ ڪري ورتي آهي ان سلسلي ۾ ايس ايس پي جيڪب آباد فيضان علي ايس ايس پي آفيس ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته جيڪب آباد جي سٽي ٿاڻي جي حد پيرڀخاري پرسان سيد طفيل شاهه جي گهران ڌاڙو هڻي هڪ ڪروڙ 46 لک روپيا کنيا ويا جنهن بعد اسين ڏوهارين کي گرفتار ڪرڻ لاءِ پوليس جي ٽيم جوڙي جنهن ۾ سي آءِ اي انچارج محمد عمر بنگلاڻي اسپيشل اسڪواڊ جي انچارج طارق ترين ۽ آءِ ٽي انچارج محمد عامر سميت ٻيا عملدار شامل هئا جن ڏينهن رات محنت ڪئي جاچ دوران معلوم ٿيو ته ڏوهه ۾ ٽوٽل 6 جوابدار شامل آهن جنهن بعد اسين هڪ جوابدار رحمت الله قمبراڻي (جکراڻي) کي گرفتار ڪري سندس قبضي مان 50 لک روپيا روڪ رقم ۾ هٿ ڪري ورتي آهي ۽ گرفتار جوابدار مٿان مختلف ٿاڻن تي اڳ به ڏوهن جا ڪيترائي ڪيس داخل آهن جنهن اسان کي ڌاڙي واري ڪيس ۾ ڪافي معلومات ڏني آهي، هن چيو ته جلد اسين بقايا 5 جوابدارن کي گرفتار ڪري وٺنداسين انهن جا نالا وٽ آهن پر اسين هن وقت انهن جا نالا ظاهر نٿا ڪري سگهون، هن چيو ته اسان جي ڪوشش آهي ته باقي جوابدارن کي گرفتار ڪري سندن قبضي مان رقم وصول ڪري مالڪن حوالي ڪيون هن هڪ سوال جي جواب ۾ چيو ته مير خالد خان جکراڻي وارو واقعو پوليس جي روزاني جي بنياد تي چيڪنگ جو هڪ حصو هو پوليس مير خالد خان سلي روپي سان پيش آئي ۽ ان جي گاڏين کي چيڪ ڪرڻ بعد کين ڇڏيو ويو اهو عمل صرف مير خالد خان لاءِ نه پر سڀني شهرين لاءِ آهي هن چيو ته سنڌ حڪومت نوٽيفڪيشن جاري ڪيو آهي ته سنڌ اندر ڪوبه ماڻهون نجي ماڻهن سان هٿيارن جي نمائش نه ڪندو ۽ پوليس ان قانون تحت ئي پنهنجو ڪم ڪيو

بقايا 24 "روزاني عبرت"
پاران پٽ شاهه شهر جي دنبوره چوڪ کان حيسڪو آفيس تائين احتجاجي ريلي ڪڍي، حيسڪو سب ڊويزن پٽ شاهه آفيس جو گهيراءُ ڪيو ويو جتي حيسڪو عملدارن پاران مظاهرين سان ڳالهيون ناڪام ٿيڻ بعد مجبوراً مظاهرين قومي شاهراهه بند ڪرڻ لاءِ پٽ شاهه موڙ پهچي قومي شاهراهه روڊ بنهي پاسن کان بند ڪري ڌرڻو هڻي ويهي رهيا، ڌرڻي سبب بنهي پاسن کان روڊ ٽريفڪ لاءِ بند ٿي ويو ۽ گاڏين جون قطارون لڳي ويون.جنهن بعد ايس ايڇ او پٽ شاهه مظاهرين وٽ ڳالهين لاءِ پهتو پر مظاهرين سان ڳالهيون ڪامياب نه ٿي سگهيون. جنهن جي ڪجهه دير کان پوءِ اسسٽنٽ ڪمشنر هالا ڊاڪٽر مظاهر علي ٻرڙو مظاهرين وٽ پهتو ۽ ڌرڻي ۾ شريڪ متاثر شهرين کي بجلي متعلق تمام معاملا فوري حل ڪرائڻ جي خاطري بعد روڊ کوليو ويو ان موقعي تي مظاهرين عرفان عدنان، رفيق، ڪامران شهزاد، لقمان راجپوت، گلزار ۽ ٻين جو چوڻ هو ته پٽ شاهه ۾ حيسڪو طرفان 20_20 ڪلاڪ غير اعلانيا لوڊشيڊنگ ڪئي پئي وڃي جڏهن ته بگهيا محلي ۾ لوڊشيڊنگ سان گڏ گهٽ وولٽيج جو آزار پڻ وڌي ويو آهي جڏهن ته حيسڪو عملدار مسئلو حل ڪرڻ لاءِ تيار نه آهن هنن چيو ته حيسڪو عملدار ڄاڻي ڪري بگهيا محلا ۽ شيخ پاڙي جي بجلي بند ڪريو ڇڏين جنهن ڪري سخت گرمي سبب رهواسي سخت عذاب ۾ مبتلا آهن

بقايا 25 "روزاني عبرت"
ناريجو پريس ڪلب راڻيپور اڳيان احتجاج ڪندي ڏانهينڊي چيو آهي ته منهنجا ڀائر آصف علي ناطف علي بيءُ ليمون خان، پفات ساتول ، اعجاز ،اڪبر ،علي خان وارن سخت تشدد ڪيو آهي چون ٿا ته ٻي شادي ڪر يا گهر خالي ڪري لڏي وڃ،هو مون کي وڪرو ڪرڻ چاهين ٿا،مون جي معصوم ٻار آهن انهن سان پنهنجي مرحوم مڙس جي ڪکن ۾ رهان ٿي ٻي شادي ڪرڻ جو ڪو اراده ناهي هو مون کي لڏائڻ ۽ مارڻ چاهين ٿا. سان اهڙي داڻهن حد جي ٿاڻي محبوب ڪلهوڙو تي به ڏني آهي پر حد جي پوليس به تحفظ ڏيڻ کان لاچار لڳي پئي آهي ايس ايس پي خيرپور ۽ ڊي آءِ جي سکر ۽ عورتن جي حقن واري تنظيمن کي اپيل ڪريان ٿي ته تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 26 "روزاني عبرت"
ٿيڻ ڪانپوءِ ڪا به سار نه لڌي آهي وارثن الزام هڻندي چيو ته رائيس مل جي اندر حادثي پيش اچڻ ڪري رائيس مل انتظاميه کي پنهنجي پوزيشن جي سار سنڀال ۽ سهائتا ڪرڻ گهرجي

بقايا 27 "روزاني عبرت"
جي سڃاڻپ 34 ورهين جي مهويش، 6 ورهين جي حرها ۽ 5 ورهين جي حنين طور ٿي آهي، جڏهن ته زخمي نينگري جي سڃاڻپ 18 مهينن جي اشميره طور ڪئي وئي آهي پوليس موجب مارجي ويل عورت ٻارن جي ماءُ هئي ۽ مارجي ويل ۽ زخمي ٿيندڙ ٻيئي ٻار هئا. واقعي ڪانپوءِ ايس ايڇ او سرجاني پوليس ٽيم سميت واقعي واري هنڌ پهچي وئي جڏهن ته ايس ايس پي ويسٽ طارق الاهي مستوئي پڻ ڪرائيم سين تي پهچي واقعي جو جائزو ورتو پوليس مقتولا مهويش جي مڙس کان گهر اندر پڇا ڳاڇا ڪري رهي آهي تنهن هوندي کيس حراست ۾ نه ورتو ويو آهي پوليس موجب مڙس جو چوڻ آهي ته هو پنهنجي سيٽ کي ڇڏڻ لاءِ ٻاهر ويو هو واپس اچڻ تي گهر جو دروازو نه کليو جنهن تي هن گهرواري کي به ڪيترائي آواز ڏنا پر ڪو جواب نه مليو پوليس واقعي جي سمورن پاسن کان جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي ۽ واقعي واري هنڌ تان شاهديون گڏ ڪيون پيون وڃن.سنڌ جي گهرو ۽ قانون واري وزير ضياءالحسن لنجار سرجاني ٽائون جي گهر مان ٽن لاشن ملڻ واري واقعي جو نوٽيس وٺندي ايس ايس پي ويسٽ کان فوري ۽ تفصيلي رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي ضياءالحسن لنجار هدايت ڪئي ته واقعي جي سمورن پاسن کان جاچ ڪئي وڃي ۽ حقيقتون جلد سامهون آنديون وڃن هن چيو ته پوليس واقعي واري هنڌ تان شاهديون گڏ ڪري واقعي جي سببن جو تعين ڪري، جڏهن ته مارجي ويلن جي سڃاڻپ ۽ موت جي سببن بابت سموري ضروري قانوني ڪارروائي مڪمل ڪئي وڃي گهرو وزير هدايت ڪئي ته واقعي ۾ ملوث عنصرن بابت ڪا به شاهدي سامهون اچي ته فوري ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ پوليس آفيسر واقعي واري هنڌ جو باريڪ بيني سان جائزو وٺي سموريون شاهديون محفوظ بڻائين هن وڌيڪ چيو ته جاچ ۾ سمورا دستياب وسيلا استعمال ڪيا وڃن ۽ ٽن جڻن جي فوت ٿيڻ واري واقعي جي جاچ ۾ ٿيندڙ اڳڀرائي کان آگاهه رکيو وڃي ٻئي طرف ايس ايس پي ويسٽ طارق الاهي مستوئي واقعي واري هنڌ جو دورو ڪري جي جاچ جوجائزو ورتو ايس ايس پي ويسٽ ۽ واقعي واري هنڌ جو معائنو ڪيو ۽ پوليس آفيسرن کان واقعي جي ابتدائي جاچ ۽ گڏ ڪيل شاهدين بابت معلومات حاصل ڪئي

بقايا 28 "روزاني عبرت"
خيسو چهواڻ ۽ عاشق چهواڻ مبينا طور هٿيارن جي زور تي گهر ۾ داخل ٿيا ۽ سندس نياڻي کي زبردستي پاڻ سان گڏ وٺي ويا. هن چيو ته نياڻي جي واپسي لاءِ جڏهن انهن ماڻهن سان رابطو ڪيو ويو ته کيس مبينا طور موتمار ڌمڪيون ڏنيون ويون. متاثر عورت جو چوڻ هو ته هو غريب ۽ مسڪين ماڻهو آهن ۽ واقعي سبب خاندان ۾ سخت خوف ۽ پريشاني پکڙيل آهي. مسمات موران چهواڻ ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي ڄامشورو کان مطالبو ڪيو ته واقعي جو فوري نوٽيس وٺي مبينا طور اغوا ٿيل ناري سعيده چهواڻ کي بازياب ڪرايو وڃي ۽ الزام هيٺ آيل ماڻهن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪري خاندان کي تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 29 "روزاني عبرت"
ڪوٽ، نيڪال جي ناقص نظام صحت ۽ تعليم کاتن جي مسئلن بند پيل اسڪولن اسپتالن ۾ ڊاڪٽرن جي کوٽ، نادرا سان لاڳاپيل شڪايتن منشيات جي وڪري ۽ ساحلي پٽي جي روڊن سميت مختلف عوامي مسئلا وزير آڏو پيش ڪيا. صوبائي وزير محمد علي خان ملڪاڻي لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن کي هدايت ڪئي ته عوامي شڪايتن جي فوري ٻڌڻي ڪري مسئلن جي حل لاءِ عملي قدم کنيا وڃن هن چيو ته عوام کي بنيادي سهولتن جي فراهمي حڪومت جي اولين ترجيح آهي ۽ ڪنهن به اداري جي لاپرواهي برداشت نه ڪئي ويندي

بقايا 30 "روزاني عبرت"
ڪائونسل ميمبر رئيس شڪيل احمد مري، ڪائونسلرن عبدالڪريم مري ۽ عمران بروهي، رئيس علي مردان جمالي، رئيس سڪندر علي مري، رئيس اڪبر علي مري، سڪندر علي راڄڙ، محمد آچر سانڌ، علي ڏنو خاصخيلي سميت ٻين شرڪت ڪئي ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي يو سي چيئرمين رئيس عقيل احمد مري، رئيس شڪيل احمد مري ۽ ٻين چيو ته علائقي جي مستحق خاندانن کي بجلي جي سهولت فراهم ڪرڻ لاءِ سولر سسٽم مرحليوار ورهايا پيا وڃن هنن چيو ته پهرين مرحلي ۾ 100 کان وڌيڪ مستحقن ۾ سولر سسٽم فراهم ڪيو ويو آهي جڏهن ته تمام جلد باقي 600 مستحق خاندانن ۾ پڻ سولر سسٽم ورهايا ويندا هنن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جو منشور عوام خاص طور تي غريب ۽ مستحق ماڻهن جي خدمت ڪرڻ ۽ سندن بنيادي ضرورتن کي پورو ڪرڻ آهي مستحق خاندانن جي گهرن کي سولر سسٽم فراهم ڪري کين بجلي جي مسئلي مان ڇوٽڪارو ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي ان موقعي تي سولر سسٽم حاصل ڪندڙ مستحق خاندانن خوشي جو اظهار ڪندي چيو ته هو پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ يو سي قيادت جا ٿورائتا آهن جن سندن گهرن کي اونداهه مان ڪڍي روشني جو ذريعو فراهم ڪيو آهي هنن چيو ته سولر سسٽم ملڻ سان سندن گهرن ۾ بجلي جي سهولت بهتر ٿيندي ۽ کين وڏي سهولت حاصل ٿيندي

بقايا 31 "روزاني عبرت"
معصوم ٻار جو ماس کائي رهيا هئا ته محلي واسين ڏٺو ۽ اهڙو اطلاع پوليس ۽ ضلعي انتظاميا کي ڏنو ويو پوليس واقعي واري هنڌ نه پهتي بعد ۾ معصوم ٻار کي علائقي واسين دفنائي ڇڏيو

بقايا 32 "روزاني عبرت"
ميران ٺاڪر سخت زخمي ٿي پيا جن کي ٽنڊوالهيار جي سول اسپتال مان فسٽ ايڊ ڏئي حيدرآباد نيو ويو جتي هو زخمن جا تاب نه سهندي فوت ٿي ويا جڏهن ته بنهي فوتين جا لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيا ويا لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو پوليس موجب فوتين جا لاش وارثن حوالي ڪيا ويا آهن جڏهن ته پوليس ڪارروائي کان اڳ ئي فوتي جي وارثن ڪار ڊرائيور کي بخش ڪندي معاف ڪري ڇڏيو آهي تنهنڪري وڌيڪ ڪا به ڪارروائي ناهي ڪئي وئي

بقايا 33 "روزاني عبرت"
ڪهرام مچي ويو وارثن حاڪم کهيري ۽ ٻين واقعي خلاف احتجاج ڪندي ڏانهيو آهي ته جمع جي ڏينهن گهر اندر انڌي گولي لڳڻ سبب نوجوان زخمي ٿي پيو اسان کي خبر نه پئي تعلقه اسپتال کڻي وياسين هنن چيڪ ڪرڻ بجاءِ ٻڌي ڪري حيدرآباد اسپتال موڪلي ڇڏيو جتي سي ٽي اسڪين ڪرڻ بعد خبر پئي ته کيس مٿي ۾ گولي لڳل آهي جيڪو 2 ڏينهن وينٽيليٽر تي هئڻ بعد فوت ٿي ويو هنن مطالبو ڪيو آهي ته اسان جو ڪيس داخل ڪري جاچ ڪئي وڃي ۽ اسان سان انصاف ڪيو وڃي ٽنڊوآدم سماجي تنظيم پاران سنڌ عورتن لاءِ ڇهن مهينن جو خواندگي پروگرام مڪمل سرٽيفڪيٽ ورهايا ويا

بقايا 34 "روزاني عبرت"
وڃي ٿو اهڙن خيالن جو اظهار هن جيل جي دوري دوران ڪيو هن چيو ته جيل انتظاميا قيدين کي قانون موجب بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ، بهتر ماحول مهيا ڪرڻ ۽ اصلاحي قدمن کي يقيني بڻائڻ لاءِ ڀرپور قدم کڻي رهي آهي صوبائي وزير جيل خانه جات علي حسن زرداري ۽ آءِ جي جيل خانه جات قدا حسين مستوئي جي هدايتن تي قيدين کي سموريون بنيادي سهولتون فراهم ڪيون پيون وڃن جيل سپرنٽينڊنٽ نائب علي ٻانبهڻ وڌيڪ چيو ته جيل ۾ صفائي، سترائي، صحت، خوراڪ ۽ سيڪيورٽي جي انتظامن تي خاص ڌيان ڏنو پيو وڃي جڏهن ته قيدين جي اصلاح ۽ کين معاشري جو ڪارآمد شهري بڻائڻ لاءِ مختلف مثبت سرگرمين ۽ تربيتي پروگرامن جو پڻ اهتمام ڪيو وڃي ٿو هن واضح ڪيو ته ڪنهن به قسم جي غفلت يا قانون جي ڀڃڪڙي برداشت نه ڪئي ويندي ۽ جيل جا سمورا معاملا شفاف طريقي سان قانون موجب سرانجام ڏنا ويندا

بقايا 35 "روزاني عبرت"
ڏاڻين حضور ﷺ جون عادتون اخلاق ۽ جامع ڪردار انتهائي صحت ۽ سند سان محفوظ آهن ته جيئن هر دور ۾ انهن جي پيروي ڪئي وڃي ۽ انهن کي دستورالعمل بڻايو وڃي حضور اڪرم ﷺ جي زندگي هڪ اهڙو خوبصورت باغ آهي، جنهن جي گلن جي خوشبو (سنت) ۽ هوائن جي تازگي سان قيامت تائين دنيا مسحور رهندي هو پوليس گرائونڊ نيو پنڊ ۾ منعقد ڪيل جشن عيد ميلادالنبي ﷺ جي جلسي کي خطاب ڪري رهيا هئا. ان موقعي تي مفتي پير بخش ٻاروي، سيد حامد محمود فيضي مشرف محمود قادري، مولانا الله وسايو ديهي ميئر ڊاڪٽر ارشد مغل انجمن اتحاد عباسيه سٽي جي صدر عبدالحميد عباسي غياث الدين قادري، حامد علي احمد علي راشد علي ذاڪر ۽ ٻيا پڻ موجود هئا. مفتي محمد ابراهيم قادري چيو ته رسول اڪرم ﷺ انسانيت کي توحيد جي نور سان منور ڪري حقن ۽ فرضن جو قابل عمل دستور ۽ حڪمراني جو مثالي نظام عطا ڪيو محسن انسانيت ﷺ جو طرز حڪمراني احترام انسانيت جي بنياد تي قائم آهي خاتم النبيين ﷺ جو خطبو حجت الوداع انساني حقن جو عظيم چارٽر آهي، جنهن تي عمل ڪري سڄي دنيا کي امن ۽ سڪون جو گهوارو بڻائي سگهجي ٿو هن چيو ته حضور ﷺ رياست جي سمورن رهواسين لاءِ عدل ۽ انصاف، امن ۽ سلامتي جان ۽ مال جي تحفظ جي ضمانت فراهم ڪئي حضور ﷺ جو اسوه حسنه ۽ خلفاءِ راشدين جو دور خلافت "گڊ گورننس" جون روشن مثالون آهن هن وڌيڪ چيو ته خيرالبشر ﷺ جي ذات اقدس هن ڪائنات لاءِ رحمت جو سبب آهي ئي پر هر شعبي ۾ اهڙي بلندي حاصل آئي جنهن جو مثال نٿو ملي حضور پاڪ ﷺ جي حيات طيبه جو مڪمل احاطو ڪرڻ شايد انسان لاءِ ممڪن نه هجي، پر زندگي جي هر شعبي ۾ پاڻ عام انسان لاءِ بهترين عملي نمونو نظر اچن ٿا حضور ﷺ علم ۽ نور جون اهڙيون شمعون روشن ڪيون جن عرب جهڙي علم ۽ تهذيب کان محروم معاشري مان جهالت جا اونڌهه ختم ڪري ان کي دنيا جو مهذب معاشرو بڻائي ڇڏيو حضور ﷺ پنهنجي تعليمات ۾ امن، اخوت، ڀائيچاري، يڪجهتي ۽ هڪ ٻئي کي برداشت ڪرڻ جو درس ڏنو تقريب جي پڄاڻي تي عالم انسانيت، عالم اسلام، فلسطين جي مسلمانن ۽ وطن عزيز پاڪستان لاءِ خير ۽ عافيت جي دعا پڻ ڪئي وئي

بقايا 36 "روزاني عبرت"
هي ڪارنامو مشهور آرٿوپيڊڪ سرجن ڊاڪٽر سجاد حسين پٽي جي قيادت ۾ سرانجام ڏنو ويو گمس گمبٽ جي جديد ترين آرٿوپيڊڪ جوائنٽ ريپليسمينٽ يونٽ ڪاميابي سان بنهي گوڏن جي تبديلي جو پيچيده آپريشن ڪري هڪ مريض کي تڪليف مان نجات ڏيارڻ هلڻ ڦرڻ جي قابل بڻايو آهي هي پيچيده آپريشن ايسوسيئيٽ پروفيسر آرٿوپيڊڪ گمس گمبٽ جي سرجن ڊاڪٽر سجاد حسين پٽي ۽ سندس ماهر ٽيم ڪيو ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر سجاد علي پٽي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته بنهي گوڏن جي تبديلي هڪ انتهائي پيچيده ۽ جديد آپريشن آهي جنهن لاءِ جديد ٽيڪنالاجي باريڪ بيني سان منصوبه بندي ۽ ماهر ٽيم جي ضرورت هوندي آهي مريض رميش لعل بنهي گوڏن جي سخت آرٿرائٽس ۾ مبتلا هو ۽ هلڻ ڦرڻ کان بلڪل قاصر هو هن وڌيڪ ٻڌايو ته گمس ۾ اسان هڪ ئي مرحلي ۾ ٻئي گوڏا تبديل ڪري مريض کي درد ۽ معذوري مان نجات ڏياري نئين زندگي ڏني آهي اسان مشن حرڪت جي بحالي زندگي جي بحالي آهي ڊاڪٽر سجاد علي پٽي موجب اسان گمس گمبٽ اسپتال ۾ عالمي معيار جي جوائنٽ ريپليسمينٽ سرجري جنهن ۾ روبوٽڪ آرٿوپلاسٽي به شامل آهي ۽ اهو بلڪل مفت فراهم ڪري رهيا آهيون انهن غريب ۽ نادار مريضن لاءِ جيڪي پرائيويٽ اسپتالن ۾ لکين رپين جو مهانگو علاج برداشت نٿا ڪري سگهن هن وڌيڪ چيو ته حڪومت سنڌ جي سرپرستي ۽ ڊائريڪٽر گمس گمبٽ ڊاڪٽر رحيم بخش ڀٽي جي قيادت ۾ گمس اسپتال گمبٽ پاڪستان جو اڪيلو ادارو بڻجي چڪو آهي جتي دل ۽ گردن ۽ جگر جي پيوند ڪاري سميت گوڏن ۽ ڪولهن جي تبديلي جهڙيون سموريون جديد ۽ مهانگيون سرجريون بلڪل مفت ڪيون پيون وڃن .

بقايا 37 "روزاني عبرت"
ته حادثي ۾ پنجاب واسي 2 مسافر زخمي ٿي پيا. حادثو اوورٽيڪ سبب پيش آيو ۽ روڊ جو هڪ پاسو ڪم هلڻ ڪري بند آهي حادثي ڪانپوءِ فوتي جو لاش ۽ زخمي ڪافي دير تائين روڊ تي پيل رهيا، پر موٽروي پوليس ٽوڙي مقامي انتظاميه ۽ پوليس بروقت نه پهتي جڏهن ته دير سان زخمين کي اسپتال منتقل ڪرڻ لاءِ ايمبولينس پڻ موجود نه هئي زخمي تڪليف ۾ روڊ تي تڙپندا رهيا علائقي واسين جو چوڻ آهي ته نيشنل هاءِ وي جو ڪم سست رفتاري جو شڪار هجڻ ۽ روڊ جو هڪ پاسو بند هجڻ سبب حادثا روز جو معمول بڻجي ويا آهن شهرين لاڳاپيل اختيارين کان روڊ جو ڪم تيز ڪرائڻ ۽ حادثن جي صورت ۾ فوري امداد لاءِ ايمرجنسي سهولتون فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا 38 "روزاني عبرت"
موقف ڏنو ۽ چيو ته گذريل ٻن سالن کان کيس پنهنجي اولاد سان ملڻ جي اجازت نه ڏني پئي وڃي، سس ظلم ڪري رهي آهي مان پنهنجي اولاد سان ملڻ چاهيان ٿو نه ته اهڙي جيئڻ کان مرڻ بهتر آهي جڏهن ته سندس سس عمره عرف ملي سان اهو معاملو هلندڙ آهي ان حوالي سان گذريل ٻن سالن کان عدالت ۾ ڪيس پڻ هلندڙ آهي بلاول جو الزام آهي ته انصاف نه ملڻ سبب هن انتهائي قدم کڻڻ جي ڪوشش ڪئي سندس چوڻ موجب جيڪڏهن کيس ڪجهه ٿيو ته ان جي ذميوار سندس سس عمراءِ عرف ملي سولنگي هوندي معاملي جي وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي

بقايا 39 "روزاني عبرت"
ڪلب پهچي الزام هنيو ته سندس مڙس ريڊنو شيدي مبينا طور آئيس سميت مختلف منشيات جو استعمال ڪندو آهي ۽ نشي جي حالت ۾ کيس ڪيترن ئي ڏينهن کان مارڪٽ ۽ تشدد جو نشانو بڻائيندو رهيو آهي سندس چوڻ موجب مڙس کيس گهر مان پڻ ڪڍي ڇڏيو آهي، جنهن سبب هوءِ سخت پريشاني ۽ خوف واري صورتحال جي منهن ڏئي رهي آهي ڏانيا شيدي ٻڌايو ته هوءِ ٻن ٻارن جي ماءُ آهي ۽ هن وقت ٽيون ٻار به سندس پيٽ ۾ آهي هن الزام هنيو ته مڙس جي مبينا تشدد ۽ منشيات جي استعمال سبب سندس ۽ ٻارن جي زندگي غير محفوظ ٿي وئي آهي، جڏهن ته گهر مان بي دخل ٿيڻ ڪانپوءِ هوءِ دربدر ٿي وئي آهي متاثر عورت جو وڌيڪ چوڻ هو ته هن پنهنجي مڙس جي مبينا ظلم خلاف ڪيترائي ڀيرا پوليس ٿاڻي تي شڪايتون پڻ ڪيون پر سندس چوڻ موجب کيس گهربل تحفظ ۽ انصاف نه ملي سگهيو هن چيو ته موجوده صورتحال ۾ کيس پنهنجي جان جو خطرو آهي

بقايا 40 "روزاني عبرت"
ڪيڪ ڪاٽيو ويو تقريب ۾ نشات تنظيم جماعت جي مرڪزي نائب صدر مولابخش چنا، مرڪزي جنرل سيڪريٽري عبدالله ريحن بدين جي صدر فتح الله جوکيو يونٽ خانصاحب جي عبدالرحمان الله بخش جوکيو محمد لائق جوکيو سميت ٻين عهديدارن ۽ ڪارڪنن شرڪت ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن پير محمد صادق قريشي نقشبندي جي ديني، روحاني ۽ سماجي خدمتن کي ساراهيندي چيو ته درگاهه لواري شريف جي روحاني نسبت ۽ بزرگن دين جون تعليمون هميشه محبت، اخلاص امن ڀائيچاري ۽ انسانيت جي خدمت جو درس ڏين ٿيون انهن تعليمات تي عمل ڪندي معاشري ۾ امن رواداري ۽ ڀائيچاري جي فروغ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ اسان سڀني جي ذميواري آهي تقريب ۾ بدين پريس ڪلب جي جنرل سيڪريٽري شڪور ميمڻ سينيئر صحافين محمد سارنگ خاصخيلي سيد اختر شاه فرحان موسي ميمڻ منور جمالي اسحاق شيخ رجب راهمون سميت ٻين صحافين ۽ معزز شهرين پڻ شرڪت ڪئي

بدين ۾ ٽنڊو واسي نوجوان بيدردي سان قتل، بوري ۾ بند لاش مليو

ڪراچي روڊ تي ميرواهه موري پيٽرول پمپ لڳ بوري بند لاش هٿ اطلاع ملڻ تي بدين پوليس پهچي لاش اندس اسپتال بدين پهچايو

سڄاڻپ حاڪم علي شاهه جي نالي سان ٿي آهي جيڪو ٽنڊوشهر لڳ ڳوٺ ٻرڙيل ٻليڏي جو رهواسي ۽ هن وقت اتفاق ڪالوني بدين ۾ رهندو هو

نوجوان کي مبينا طور ايلسي مسيحي نالي شخص قتل ڪيو آهي، پوليس جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو، جاچ جاري

بدين (ڊ ر) بدين ۾ جوابدارن هڪ شخص کي هٿ پير ٻڌي قتل ڪرڻ بعد سندس لاش بوري ۾ بند ڪري ڪچري ۾ ڦٽو ڪري ڇڏيو ڪراچي روڊ تي ميرواهه موري پيٽرول پمپ لڳ بوري بند لاش هٿ اطلاع

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

بدين: بند بوري ۾ هٿ آيل لاش ٻي طرف مقتول نوجوان جو فائيل فوٽو

شهري اتحاد سکر پاران مهانگائي خلاف وزيراعظم جو پتلو ڪٽي اتوڪو مظاهرو

سکر(بيورو رپورٽ) پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ ناجائز واڌ خلاف سکر جي شهرين جو پارو چڙهي ويو شهري اتحاد ضلعو سکر پاران وزيراعظم جو پتلو ڪٽي اتوڪو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهرين عوام دشمن پاليسين خلاف نعريبازي ڪندي اعليٰ اختيارين کان نوٽيس وٺي عوام کي رليف فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو خبر

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: برسات دوران هڪ رڪشا پنهنجي منزل ڏانهن وڃي رهيو آهي

هنگورجا لڳ ساهورن پاران زال نه ڏيڻ تان نوجوان آپگهات ڪري ڇڏيو

ڳوٺ گلاب خان واسي نوجوان سرفراز علي مبينا طور خودڪشي ڪري ڇڏي

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪڍائي پوسٽ مارٽم بعد لاش وارثن حوالي ڪيو

هنگورجا(رپورٽ : افتاب پنهور) زال ساهرن پاران نه ڏيڻ تي نوجوان مبينا طور خودڪشي ڪري ڇڏي هنگورجا لڳ سوڀوديرو ٿاڻي جي حد ڳوٺ گلاب خان ۾ نوجوان سرفراز علي کي ساهرن پاران زال واپس نه ڏيڻ تي نوجوان مبينا طور خدڪشي ڪري ڇڏي اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪڍائي پوسٽ

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

هنگورجا روورل سينٽر جي نئين عمارت لاءِ رهواسين جو احتجاجي مظاهرو

مظاهرين انصاف علي عزيز ميمڻ روشن علي شيخ ظهور حسين ۽ ٻين احتجاج ڪيو

سينٽر ۾ نئين عمارت ۽ ٽراما سينٽر دل جي مريضن لاءِ ايمرجنسي يونٽ قائم ڪيو وڃي

هنگورجا (ن.ع) روورل هيلٿ سينٽر هنگورجا جي نئين عمارت ۽ ٽراما سينٽر دل جي مريضن لاءِ ايمرجنسي يونٽ قائم ڪرڻ لاءِ سول سوسائٽي جو احتجاج هنگورجا روورل هيلٿ سينٽر جي سامهون سول سوسائٽي پاران علائقي جي عوام کي صحت جون بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ اسپتال جي نئين عمارت تعمير ڪرائڻ ٽراما ايمرجنسي سينٽر دل جي مريضن لاءِ ايمرجنسي يونٽ قائم ڪرڻ لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاجي مظاهري جي اڳواڻي سول

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

خيرپور شاهه عبداللطيف يونيورسٽي جي شاگردن جو مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج

مظاهرين صدرالدين جوڻيجو ثناءَ الله بروهي ۽ ٻين ريلي ڪڍي مک گيٽ آڏو احتجاج ڪيو

ايس پي ايس سي اڪيڊمي حيدرآباد ٻاهران سراپا احتجاج بڻيل شاگردن جا مطالبا منظور ڪيا وڃن

خيرپور(ڊر) خيرپور: شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ اسٽوڊنٽس الائنس پاران سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ۾ مبينا ميرٽ جي لتاڙ ۽ نوڪرين پئسن عيوض وڪرو ڪرڻ خلاف يونيورسٽي جي مک گيٽ کان نيو فيڪلٽي تائين ريلي ڪڍي وئي ريلي جي اڳواڻي صدرالدين جوڻيجو ثناءَ الله بروهي، خادم حسين ٻهلڪاڻي اڪرم علي منگي، بلال سومرو ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا اُن موقعي تي شاگردن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ۾ مبينا

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

ڪپرو لڳ اغوا ٿيل صوبائي وزير حسن علي چانيهون اغوا، واقعي خلاف شٽربند هڙتال

ٻن ڪارن ۾ سوار هٿيار بندن ملازمن تي تشدد بعد حسن علي چانيهون کي بنگلي تان اغوا ڪري ويا

واقعي خلاف ڪپرو ۾ شٽر بند هڙتال ڪئي ويئي، ڊي ايس پي ۽ ايس ايڇ او پهچي معلومات ورتي

هٿياربندن هڪ چٽي کي سڃاتو آهي ان ڪجهه عرصو اڳ باغ ٺيڪي تي ورتو پئسن تان معاملو ٿيو: ملازم

ڪپرو(ن ع) اڳوڻو صوبائي وزير حسن علي چانيهون ڪپرو جي بنگلي تان ڏينهن ڏٺي جو هٿياربندن هٿان اغو واقعي خلاف ڪپرو ۾ هڙتال واقعي جو ڪيس داخل نه ٿيو

رپورٽ موجب سنڌ جي اڳوڻي نگران صوبائي وزير ۽ ناليواري زميندار حسن علي چانيهون کي ٻن ڪارن ۾ سوار اڻڄاتل هٿياربندن سندس ڪپرو جي هتونگو روڊ تي سندس بنگلي تان ڏينهن ڏٺي جو اغوا ڪري ويا آهن واردات دوران مزاحمت ڪرڻ تي هٿياربندن بنگلي جي ملازمن ايوب ۽ لياقت چانيهون کي سخت تشدد جو نشانو

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

سڪرنڊ ۾ ايس يو پي پاران ٻن ڏينهن جي وقفي ڪانپوءِ مختيارڪار آفيس آڏو ڌرڻو

ڪارڪنن ايوب ڪوسو، پرويز سومرو، فلڪ شير اوڍ، مس شمائلا ڪيريو ۽ ٻين احتجاج ڪيو

جيستائين اسان جا جائز مطالبا نه مڃيا ويا ته قومي شاهراهه بلاڪ ڪنداسين: مظاهرين

سڪرنڊ (ن ع) ايس يو پي پاران ٻن ڏينهن جي وقفي ڪانپوءِ مختيارڪار آفيس آڏو ڌرڻو جاري جنهن جي اڳواڻي تعلقه صدر ايوب ڪوسو، ٽائون صدر پرويز سومرو، سينيئر اڳواڻ فلڪ شير اوڍ، مس شمائلا ڪيريو ۽ آباديگار اڳواڻ عبدالقادر جيلاني ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ايس يو پي ڪارڪن ممتاز ڪيريو جو جائز ڪم ڪرڻ لاءِ ڪيس ڪيترن ئي مهينن کان بند ڪرايا پيا وڃن جڏهن ته سندس موٽر سائيڪل پڻ مختيارڪار آفيس ٻاهران چوري ڪرائي وئي

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

ڪراچي ۾ روڊن تي پارڪنگ جا سمورا معاهدا ختم، ڊجيٽل نظام شروع، پهرين اسمارٽ پارڪنگ قائم

شهرين کي پارڪنگ مافيا مان جان ڇڏائي، من ماني پارڪنگ فيس وصول ڪرڻ جو خاتمو آڻيو وينداو: ميئر

ڊجيٽل پارڪنگ نظام ذريعي گاڏي بيهارڻ جي وقت مطابق فيس وصول ڪئي ويندي

شهر ۾ غيرقانوني وصولين کي روڪڻ لاءِ آن لائين ٽينڊر ۽ اي- ٽينڊرنگ جو نظام شروع ڪيو ويندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو آهي ته ڪراچي جا شهري پارڪنگ مافيا کان تنگ اچي چڪا آهن شهر جي مختلف هنڌن تي

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب اسمارٽ پارڪنگ جو افتتاح ڪري رهيو آهي

شهدادپور پوليس پاران منشيات فروشن خلاف ڪارروايون، گهر ڊاهي پٽ

ڊي ايس پي جي اڳواڻي ۾ پوليس مختلف هنڌن تي ڪارروايون ڪري منشيات هٿ ڪئي

منشيات فروش محرم چنيسر قادريو رند سميت ٻين جا گهر ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيا

شهدادپور(ن ع) شهدادپور پوليس اٿالي ڊي ايس پي شهدادپور حق نواز اوڍو جي اڳواڻي ۾ ڪارروائي ڪندي اسٽيشن روڊ تي منشيات وڪرو ڪندڙ ڪيبن خلاف ڪارروائي ڪندي سنڌن ڪيبنون ڪٽي ويئي جڏهن ته پوليس پاران ايس ايڇ او شهدادپور بدرالدين برڙو منشيات فروشن معشوق، عرس، دستگير عباس، باسط، ولي محمد، خان محمد، دلبر عمران، اڪبر سجاد انعام، ڦهيم شبير بروهي ۽ ساجد بروهي کان 1680 گٽڪا پڙيون هٿ ڪري ورتيون

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

گمبٽ: فوت ٿيل نوجوان جو لاش سندس گهر ۾ پيل آهي

شهدادپور: منشيات فروشن خلاف ڪارروائي ڪئي پئي وڃي

گمبٽ لڳ اڳڙا واسي نوجوان موٽر سائيڪل کي باهه لڳڻ سبب سڙي فوت

26ورهين جي پورهيت سانول شيخ جي موٽر سائيڪل کي اوچتو باهه لڳي وئي

زخمي نوجوان کي اسپتال آندو ويو جتي زخمن جا سور نه سهندي دم ڏئي حوالي ڪيو

گمبٽ (ٽ.ر) گمبٽ لڳ اڳڙا واسي نوجوان اچانڪ موٽر سائيڪل کي باهه لڳي وڃڻ جنهن سبب نوجوان کي گمس اسپتال گمبٽ منتقل ڪيو ويو جتي زخمن جا سور نه سهندي فوت گمبٽ لڳ اڳڙا واسي 26 ورهين جو نوجوان پورهيت سانول شيخ جي موٽر سائيڪل کي اوچتو باهه لڳي وئي جنهن سبب نوجوان سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي گمس اسپتال گمبٽ ۾ منتقل ڪيو ويو جتي هو زخمن جا سور نه سهندي گمس اسپتال گمبٽ ۾ فوت ٿي ويو.

ڪوٽڙي ۽ ڀرپاسي ۾ 16 ڪلاڪ بجلي جي لوڊشيڊنگ، گرمي سبب ڪيترائي ماڻهو بيهوش

مختلف علائقن ۾ ڏکيي بجلي بندش سبب بيهوش ٿيل متاثرن کي ڊي ايڇ ڪيو اسپتال منتقل ڪيو ويو

بيهوش ٿيلن ۾ ڪريم بخش، سلطان احمد، فخرالدين ميمڻ رزاق جهتيال، ماروي، ڪزبانو صنم ۽ ٻيا شامل

بجلي بند هجڻ خلاف سياسي، سماجي ۽ صحافتي ڌرين ۾ ڪاوڙ جي لهر ڇانيل، احتجاج جو چتاءُ

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڪوٽڙي ۽ آسپاس جي علائقن ۾ واپڊا جي غير اعلانيل لوڊشيڊنگ رهواسين کي عذاب ۾ وجهي

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

خيرپور پرسان شادي جي خوشي ۾ فائرنگ سبب هڪ ڄڻو فوت، ٻيو مرٽيڪنگ، اسپتال داخل

ڳوٺ سعيد خان لاکو ۾ تقريب دوران فائرنگ جي نتيجي ۾ علي زمان ۽ سائينداد ڏاريجو زخمي ٿي پيا

زخمين کي فوري طور سول اسپتال آندو ويو جتي علي زمان ڏاريجو زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو

خيرپور(رپورٽ: عبدالمجيد پنهور) خيرپور پرسان شاهه لطيف ٿاڻي جي حد ڳوٺ سعيد خان لاکو ۾ شادي تقريب دوران خوشي دوران ڪيل فائرنگ جي نتيجي ۾ 2 ڄڻا علي زمان ڏاريجو ۽ سائينداد ڏاريجو زخمي ٿي پيا جن مان علي زمان ڏاريجو زخمن جا سور نه سهندي سول اسپتال خيرپور ۾ فوت ٿي ويو فوتي نينگر جو لاش ضروري

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

محرابپور جي صحافي جو بااثرن جي زيادتين ۽ ڌمڪين خلاف احتجاج

گهٽي معاملي تان برادري جا بااثر موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن: مجاهد سامٽيو

بااثرن جي فيصلي کي نه مڃيندڙن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري تحفظ ۽ انصاف ڪيو وڃي

محرابپور (ٽ-ر) محرابپور پرسان ڳوٺ ارباب سامٽيو واسي پٽائي پريس ڪلب جي سينيئر نائب صدر صحافي مجاهد سامٽيو علائقي جي بااثرن جي زيادتين ڌمڪائڻ خلاف احتجاج ڪندي ڏانهيو آهي ته اسانجو ڳوٺ رونيو رڪارڊ موجب ڳچي آبادي ۾ شمار ٿئي ٿو جتي زمين نيڪاسي

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: جمعي بازار گرائونڊ تي هڪ ناري موٽرسائيڪل سکي رهي آهي

ٽنڊو محمد خان ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ وسڪارو موسم خوشگوار

بارش اينڌي ئي بجلي گم، سمورا شهر اونداهه ۾ ڪڪهيرجي ويا

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) ٽنڊو محمد خان ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ٽنڊو غلام حيدر سوبا، شيخ پريکيو ۾ سخت گرمي ڪان پوءِ برسات جو سلسلو شروع ٿي ويو آهي جنهن سبب گرمي جي شدت گهٽجي وئي آهي ۽ موسم خوشگوار ٿي ويو آهي شهرين گرمي ڪان نجات تي سکون جو ساهه کنيو آهي جيئن ئي برسات شروع ٿي ته سڄي شهر ۾ بجلي جي فراهمي مڪمل بند ٿي وئي آهي. بجلي جي بندش سبب شهرين کي سخت مشڪلاتن جي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي

شهيد بينظير ڀٽو يونيورسٽي ۽ ڊي ايس ايل ۾ اسٽريٽجڪ شراڪتداري معاهدو

ڊجيٽل مارڪيٽس، بلاڪ چين ۽ ويب ٿري جي تعليم لاءِ انسٽيٽيوٽ قائم ڪيو ويندو

نوجوانن کي جديد ٽيڪنالاجي، ڊجيٽل مارڪيٽس، ٽريڊنگ جون مهارتون فراهم ڪيون وينديون

ڪراچي: (رپورٽ: صالح بلوچ) شهيد بينظير ڀٽو يونيورسٽي (SBBU) ۽ لڪميرڪس ديوان جي وچ ۾ هڪ اهم اسٽريٽجڪ شراڪتداريءَ جو معاهدو طئي ڪيو ويو آهي جنهن تحت DXL انسٽيٽيوٽ فار ڊجيٽل مارڪيٽس قائم ڪيو ويندو هن اداري جو مقصد شاگردن ۽

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: شهيد بينظير ڀٽو يونيورسٽي ۽ لڪمير ڪس ديوان وچ ۾ معاهدي وقت ورتل اڳواڻن جو گروپ فوٽو

راڌڻ لڳ جتوئي ۽ عالماڻي برادري ۾ زميني تڪرار تان فائرنگ ۾ واڻهڙو مارجي ويو

ڪچي واري علائقي ۾ پنڊ ماڙي ٿاڻي جي حد ۾ هٿياربند موٽرسائيڪل سوار پاڙن مٿان فائرنگ ڪري ڏني

گوليون لڳڻ ڪري ڳوٺ چاهر پرٽ رهواسي 33 ورهين جو ظفر پٽ محمد حيات پرٽ زخمي ٿي پيو

اطلاع تي پوليس پهچي زخمي کي اسپتال منتقل ڪيو ته زخمن جا سور نه سهندي دم ڏئي حوالي ڪيو

راڌڻ (ن ع) راڌڻ جي ڪچي واري علائقي ۾ پنڊ ماڙي ٿاڻي جي حد اندر هٿياربندن ٻن موٽرسائيڪل سوار پاڙن مٿان مبينا

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

راڌڻ: فوتي شخص جو لاش اسپتال ۾ پيل آهي

سکر ۾ جسقم پاران عامر انصاري جي بازيابي لاءِ 34 هين ڏينهن به احتجاج جاري

ڪارڪنن وحيد خاصخيلي ۽ ٻين جي اڳواڻيءَ ۾ علامتي بک هڙتال جاري رکي

جيستائين 15 سيپٽمبر تائين عامر انصاري کي بازياب نه ڪرايو ويو ته ڀيهانڊ مارچ ڪنداسين

سکر (بيورو رپورٽ) مغوي عامر انصاري جي بازيابي لاءِ سکر پريس ڪلب تي جسقم آريسر ضلعي خيرپور پاران لڳايل مسلسل ڏينهن رات احتجاجي ڪيمپ 34 هين ڏينهن به جاري رهي. ڳنڍيل ڏينهن احتجاجي ڪيمپ ۾ جسقم آريسر ضلعي خيرپور جي صدر وحيد خاصخيلي جي اڳواڻيءَ ۾ علامتي بک هڙتال ڪئي وئي احتجاجي ڪيمپ ۾ نائب صدر نظير ڪوڪي عامر انصاري جي يتيم پيڻ ارم انصاري ۽ سندس ماسي پنهنجي يتيم ڀائيجو عامر

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

باڊهه: پ پ اڳواڻ امر بکيهو اسڪول جي عمارت جو افتتاح ڪري رهيو آهي

پٽ شاهه ۾ شهرين جو لوڊشيڊنگ خلاف احتجاج، ڏنبوره چوڪ تائين ريلي، قومي شاهراهه تي ڌرڻو

بکيها محلا ۽ شيخ پاڙي سميت ٻين علائقن جي رهواسين ڏنبوره چوڪ کان حيسڪو آفيس تائين احتجاجي ريلي ڪڍي

ڳالهين ناڪام ٿيڻ بعد مجبورل مظاهرين پٽ شاهه موري پهچي قومي شاهراهه روڊ ٻنهي پاسن کان بند ڪري ڌرڻو هڻي ويهي رهيا

پوءِ اسسٽنٽ ڪمشنر هالا ڊاڪٽر مظاهر علي ٻرڙو مظاهرين وٽ پهچي شهرين کي بجلي جا سمورا معاملا فوري حل ڪرائڻ جي خاطري بعد

پٽ شاهه(ن ع) پٽ شاهه ۾ غير اعلانيا لوڊشيڊنگ ۽ بکيها محلا ۽ شيخ پاڙي سميت ٻين علائقن جي رهواسين سان حيسڪو جي مسلسل زيادتين خلاف اعلانيل احتجاج جي حوالي سان شهرين

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

پٽ شاهه: شهري لوڊشيڊن خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

راضيديرو ۾ بيواهه عورت جو پاڙن جي ناجائزين خلاف احتجاج، انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو

راضيديرو (ن ع) محبوب ڪلهوڙو ٿاڻي جي حد راضيديرو ڪچي جي ڳوٺ مولا بخش ناريجو واسڻ بيواهه عورت 5 ٻارن جي ماءُ حسينه خاتون زال مرحوم آچر

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان: ڪرنٽ لڳڻ سبب زخمي ٿيل پورهيت

ٽنڊي محمد خان جي رائيس مل ۾ ڪرنٽ لڳڻ سبب پورهيت سخت زخمي

ڳنڀير جوکي هجڻ ڪري وارثن زخمي کي ڪراچي جي اسپتال ۾ داخل ڪرايو

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) ٽنڊو محمد خان جي مقامي رائيس مل ۾ بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ سبب 31 ورهين جو پورهيت بلاول ڪوسو سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي رائيس مل انتظاميه جي ورڪرز سرڪاري اسپتال ٽنڊو محمد خان پهچايو سندس حالت ڳنڀير جوکي هجڻ ڪري سندس وارثن زخمي پورهيت بلاول ڪوسو کي ٽنڊو محمد خان جي سرڪاري اسپتال مان ڪراچي اسپتال داخل ڪرايو آهي جڏهن ته رائيس مل انتظاميه زخمي پورهيت جي اسپتال داخل

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

گهرو وزير واقعي جو نوٽيس ورتو، ايس ايس پي ويسٽ کان فوري ۽ تفصيلي رپورٽ طلب

ڪراچي ۾ گهر اندر پراسرار نموني عورت ۽ سندس ٽي معصوم ٻارڙا بيدردي سان قتل

سيڪٽر 7-ڊي جي گهر مان عورت مهوش، 6 ورهين جي حرها ۽ 5 ورهين جي حنين جا لاش هٿ آيا

زخمي ٿيل نينگري 18 مهينن جي اشميره به فوت ٿي وئي، تيز ڌار اوزار جا وار ڪري قتل ڪيو ويو

پوليس پاران مقتولا جي مڙس ڪان پڇا ڳاڇا شروع، واقعي واري هنڌ تان شاهديون گڏ ڪيون ويون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سرجاني ٽائون جي سيڪٽر 7-ڊي ۾ گهر اندر عورت سميت ٽن ڄڻن کي تيز ڌار اوزار جا وار ڪري قتل ڪيو ويو جڏهن ته 18 مهينن جي نينگري زخمي ٿي پئي پوليس موجب مارجي ويلن

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي لڳ هٿياربندن جي گهر تي ڪاهه، نوجوان ناري مبينا طور اغوا

هٿياربندن رات جو گهر ۾ داخل ٿي سعيده ڇهواڻ کي کڻي ڪٽي ويا آهن: وارث

ناري کي بازياب ڪرائي جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي ۽ تحفظ فراهم ڪرڻ جو مطالبو

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڪوٽڙي سائيٽ جي ڳوٺ عيسيٰ دل جي رهواسڻ مسمات سوران ڇهواڻ پنهنجي پٽ ڪريم بخش ڇهواڻ سان ڪوٽڙي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي الزام هنيو آهي ته هٿياربند ساٿهن رات جي وقت سندس گهر ۾ داخل ٿي نوجوان نياڻي سعيده ڇهواڻ کي مبينا طور اغوا ڪري کڻي ويا جنهن ڪاٿيو سندس ڪا خبر ناهي مسمات سوران ڇهواڻ جو چوڻ هو ته رات جو تقريباً هڪ وڳي حاجي محرم ڇهواڻ، بڊل ڇهواڻ، برڪت ڇهواڻ

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم جي يوسي مير حسن مري ۾ مستحقن ۾ سولر پليٽون ورهايون ويون

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم جي يونين ڪائونسل مير حسن مري پاران پهرين مرحلي ۾ علائقي جي مستحق ۽ ضرورت مند خاندانن ۾ 100 سولر پليٽون پنکا ۽ ٻيو سامان ورهايو ويو . ان سلسلي ۾ يو سي چيئرمين رئيس عقيل احمد مري جي ميزباني هيٺ ڳوٺ مير حسن مري ۾ هڪ تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ وائيس چيئرمين مختيار علي جمالي ضلعي

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

جاتي ۾ صوبائي وزير محمد علي خان ملڪاڻي جي کلي ڪچهري

ڪچهري دوران شهرين لوڊشيڊنگ، بدامني سميت ٻين مسئلن جا انبار لڳائي ڇڏيا

عوام کي بنيادي سهولتن جي فراهمي ڪرڻ اولين ترجيح آهي لاپرواهي برداشت نه ڪئي

جاتي (رپورٽ: شڪيل رزاق لوهار) صوبائي وزير لائيو اسٽاڪ ۽ فشريز محمد علي خان ملڪاڻي جي صدارت هيٺ اڄ جاتي ۾ کلي ڪچهري منعقد ٿي جنهن ۾ مختلف سرڪاري کاتن جي آفيسرن چونڊيل نمائندن سماجي اڳواڻن واپارين ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي محمد علي خان ملڪاڻي سنڌ حڪومت ۾ لائيو اسٽاڪ ۽ فشريز واري وزارت سنڀالي رهيو آهي. کلي ڪچهري دوران شهرين بجلي جي ڏکيي لوڊشيڊنگ، پيئڻ جي پاڻي جي

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

جاتي: صوبائي وزير محمد علي ملڪاڻي ماڻهن سان ملي رهيو آهي

هالا تعلقا اسپتال مان موٽر سائيڪل چوري ڪندي چابي چور سوگهو

هالا (ن ع) تعلقا اسپتال هالا مان موٽر سائيڪل چوري ڪندي چابي چور کي اسپتال عملي ۽ شهرين موقعي تي پڪڙي هالا پوليس حوالي ڪري ڇڏيو. هالا پوليس پاران گرفتار چور کان جاچ ڪرڻ دوران سندس سڃاڻپ محمد رحيم ولد محمد امين ڊومڪي رهندڙ جيڪب آباد واسي طور ٿي آهي هالا پوليس موجب گرفتار جوابدار کان وڌيڪ جاچ جاري آهي.

ڪنڊڪوٽ ۾ ڏاڙي چاول ٻار جو لاش مليس، پاڙي وارن دفنائي ڇڏيو

ڪنڊڪوٽ (ڊ ر) ڪنڊڪوٽ رسالدار روڊ جي مرزاپور پاڙي ۾ گند جي ڍير مان تازي ڄاول مئل ٻار جو لاش هٿ آيو رات جي پهر ۾ ڪنڊڪوٽ رسالدار روڊ جي مرزاپور پاڙي جي ڳوٺي ميڊيڪل اسٽور جي پرسان ڪچري جي ڍير مان نئون ڄاول ٻار مئل حالت ۾ هٿ آيو آهي جڏهن ته ڪنا

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار ويجهو تيز رفتار ڪار جي موٽرسائيڪل کي ٽڪر سبب ڳوٺاڻو فوت، زال زخمي

سلطان آباد ٿاڻي جي حد ۾ پيش آيل حادثي ۾ 50 ورهين جو روي ٺاڪر ۽ زال ميران سخت زخمي ٿي

زخمين کي سول اسپتال مان فرسٽ ايڊ ڏئي حيدرآباد ريفر ڪيو ويو جتي روي زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو

ٽنڊوالهيار(ڊ ر) ٽنڊوالهيار ويجهو سلطان آباد ٿاڻي جي حد ۾ تيز رفتار ڪار ۽ موٽرسائيڪل ۾ ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ ڳوٺ ساٿو ٺاڪر جي رهواسي 50 سالا روي ٺاڪر ۽ سندس گهرواري 40 سالا

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم ۾ گهر اندر گولي لڳڻ سبب زخمي نوجوان اسپتال ۾ فوت وارثن جو احتجاج

کهيري پاڙي ۾ 2 ڏينهن اڳ گهر اندر اندي گولي لڳڻ سبب 15 ورهين جو عامر ولد ڊاڪٽر کهيري زخمي ٿي پيو

زخمي کي تعلقي اسپتال مان فرسٽ ايڊ ڏيڻ بعد حيدرآباد اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي فوت ٿي ويو

وارثن پاران اسپتال ۾ سهولتون نه ملڻ خلاف احتجاجي مظاهرو انصاف جو مطالبو

ٽنڊوآدم (رپورٽ: شيراز سمون) ٽنڊوآدم بي سيڪشن ٿاڻي جي حد کهيري پاڙي ۾ 2 ڏينهن اڳ گهر اندر اندي گولي لڳڻ سبب 15 سالن جو نوجوان عامر ولد ڊاڪٽر کهيري سخت زخمي ٿي پيو هو جنهن کي تعلقي اسپتال مان طبي امداد ڏئي حيدرآباد اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي زخمن جي سٽ نه سهندي فوت ٿي ويو جنهن جو لاش واپس تعلقي اسپتال ٽنڊوآدم آندو ويو جتان پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو ويو لاش گهر پهچڻ تي

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم: زخمي کي طبي امداد ڏني پئي وڃي

قيدين جي ڀلائي، نظم ۽ ضبط ۽ سيڪيورٽي کي اولين ترجيح حاصل آهي: خيرپور جيل سپرنٽينڊنٽ

خيرپور(ڊر) جيل سپرنٽينڊنٽ خيرپور نائب علي ٻانبڻ چيو آهي ته قيدين جي ڀلائي، نظم ۽ ضبط ۽ سيڪيورٽي کي اولين ترجيح حاصل آهي قيدي به معاشري جو حصو آهن تنهن ڪري انهن سان قانون ۽ انساني حقن جي تقاضائن موجب رويو رکيو

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: وفاقي وزير حنيف عباسي ترقياتي اسڪيم جو افتتاح ڪري رهيو آهي

گمس جي ڊاڪٽرن پاران گوڏن جي ڪامياب بائي ليٽرل تبديلي جو ڪارنامو

ڪارنامو سرجن ڊاڪٽر سجاد حسين پٺي جي قيادت ۾ سرانجام ڏنو ويو

اسان هڪ ئي مرحلي ۾ ٻئي گوڏا تبديل ڪري مريض کي درد ۽ معذوري مان نجات ڏياري: ڊاڪٽر سجاد

گمبٽ (ٽ.ر)گمبٽ گمس اسپتال ۾ ڊاڪٽر سجاد حسين پٺي جي قيادت ۾ گوڏن جي ڪامياب بائي ليٽرل تبديلي جو وڏو ڪارنامو پير عبدالقادر شاهه جيلاني انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز گمس گمبٽ جديد ارٿوپيڊڪ علاج جي ميدان ۾ هڪ ٻيو سنگ ميل عبور ڪري ورتو آهي

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

حضور پاڪ ﷺ جي پاڪيزه زندگي بني نوع انسان لاءِ رشد ۽ هدايت جو ذريعو آهي: مفتي ابراهيم قادري

سکر(بيورو رپورٽ) ممتاز عالم دين مفتي محمد ابراهيم قادري چيو آهي ته آقائي ٻن جهانن، حضور پاڪ ﷺ جي پاڪيزه زندگي بني نوع انسان لاءِ رشد ۽ هدايت جو ذريعو آهي سرور ڪائنات ﷺ جي ذاتِ عالي شان حسنِ اخلاق جي سمورن قسمن جو مجموعو آهي اڄ به ۽ قيامت

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

بدين: لنواري شريف جي گادي نشين پير محمد صادق جي سالگرهه ملهائي پئي وڃي

عورتن جي تحفظ بابت حڪومت پاران سخت قانون موجود آهن: حيدر علي ابڙو

عورتون پنهنجي پاڻ کي نوڪري دوران هيسائڻ بابت درخواست جمع ڪرائي سگهن ٿيون

ڪشمور ضلعي اندر عورتن جي حقوق بابت جلد وڏيڪ سيمينار منعقد ڪيا ويندا

ڪنڊڪوٽ(ڊ ر) صوبائي محتسب سنڌ جسٽس رٽائرڊ شاهنواز طارق جي هدايت تي ڪنسلٽنٽ حيدر علي ابڙو رٽائرڊ ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج جي زير صدارت عورتن کي ڊيوٽي دوران هيسائڻ جي آگاهي بابت ٿي او پرائمري ايجوڪيشن سيد حنيف شاهه ميمبر صدر دين جي سهڪار سان گورنمينٽ گرلز پرائمري اسڪول رسالدار ڪنڊڪوٽ ۾ سيمينار منعقد ٿيو جنهن ۾ پرائمري ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ اندر ڪم ڪندڙ

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

هالا ۾ سماجي تنظيم پاران پورهيت عورتن لاءِ ڇهن مهينن جو خواندگي پروگرام مڪمل، سرٽيفڪيٽ ورهايا ويا

هالا (ن ع)سنڌ ڪميونٽي فائونڊيشن پاران انٽرنيشنل لٽريسي ڊي جي حوالي سان پورهيت عورتن لاءِ ڇهن مهينن تي ٻڌل خواندگي پروگرام ڪاميابي سان مڪمل ٿيڻ تي سرٽيفڪيٽ ورهائڻ واري تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ عورتن، استادن، خواندگي جي سهولتڪارن

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

گمبٽ پ پ صدر عبداللطيف ناريجو کي عهدي تان هٽائڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

ناريجا برادري جي 10 ڪان مٿي ڳوٺن جي رهواسين پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو

ضلعي ۾ ۾ لک ووٽ هجڻ باوجود هڪ ڏنل عهدو به بنا نوٽيس جي واپس ورتو ويو آهي: مظاهرين

گمبٽ (ٽ ر) پاڪستان پيپلز پارٽي گمبٽ سٽي جي صدر حاجي عبدالطيف ناريجو کي بنا جواز ۽ بغير ڪنهن نوٽيس جي گمبٽ سٽي جي صدارتي عهدي تان هٽائڻ خلاف گمبٽ لڳ يو سي ٽلي جي ناريجا برادري جي 10 ڪان مٿي ڳوٺن جي ناريجا برادري پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن جي اڳواڻي ڪامريڊ عزيز ناريجو جاويد ناريجو غلام مصطفيٰ ناريجو معشوق ناريجو خير محمد ناريجو غلام حيدر ناريجو اڪبر ناريجو محمد سليم ناريجو ڪندي

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

سکر واسي جو بااثرن ۽ پوليس جي زيادتين خلاف احتجاج، انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو

سکر(بيورو رپورٽ) پراڻي سکر جي علائقي قريشي ڳوٺ جي رهواسي سيد عاقب شاهه احتجاجي مظاهرو ڪندي صحافين کي ٻڌايو ته روهڙي جي بااثر نامزد جوابدار شيراز شاهه مظهر شاهه ۽ سجاد شاهه 8 مهينا اڳ منهنجي ٻن ٻارن جي ماءُ پيڻ کي اغوا ڪيو ان سان زبردستي ٻي شادي ڪئي ۽ سمورن شرعي ۽ قانوني گهرجن

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

بدين ۾ عوام تائين چونڊ عمل بابت معلومات پهچائڻ تي اتفاق

ڊسٽرڪٽ انفارميشن آفيسر ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪمشنر سان ملاقات ڪئي

ووٽ جي اهميت ۽ ووٽر لسٽ ۾ نالي جي موجودگي جي تصديق بابت ڄاڻ ڏني ويندي

بدين (ڊ ر) ڊسٽرڪٽ انفارميشن آفيسر سرفراز سمون ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪمشنر بدين ظهير احمد سهتو سان سندس آفيس ۾ ملاقات ڪئي جنهن دوران ووٽر آگاهي مهم عوام تائين چونڊ عمل بابت معلومات پهچائڻ ۽ ٻين اهم معاملن تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ملاقات دوران ان ڳالهه تي زور ڏنو ويو ته ووٽرن کي ووٽ جي اهميت، ووٽر رجسٽريشن

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

بدين: ڊسٽرڪٽ انفارميشن آفيسر سرفراز سمون ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪمشنر ظهير احمد سهتو سان ملاقات ڪري رهيو آهي

دادو ويجهو ٻه نوجوان پراسرار طور تي گم، وارثن جو بازيابي لاءِ احتجاج

ڳوٺ محمد عرس لغاري واسي سانول لغاري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

دادو ٻاءِ پاس تان ساگر پنهور ۽ شاهزمان لغاري کي هٿياربند کڻي ويا آهن ڳولا ۾ مدد ڪئي وڃي

دادو(ڊ ر) خدا آباد جي رهواسين 2 نوجوان جي لاپتا ٿيڻ خلاف دادو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري دادو پريس ڪلب ۾ سانول خان پنهور ، فرحان علي لغاري ، نسيرين لغاري ، شهناز لغاري ۽ ٻين پريس

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

نوشهرو فيروز ويجهو ٻن ڪارن ۾ آمهون سامهون زوردار ٽڪر، هڪ ڄڻو فوت ۽ ڄڻا زخمي

نيشنل هاءِ وي تي اوورٽيڪ سبب پيش آيل حادثي ۾ خانواهڻ واسي نوجوان فيروز الدين تنيو ٿڏي تي دم ڏنو

موٽروي پوليس، ٽوڙي مقامي انتظاميه پهچي زخمي ٿيل پنجاب واسي ٻن ڄڻن ۽ لاش ڪڍائي اسپتال منتقل ڪيو

نيشنل هاءِ وي جو ڪم سست رفتاري جو شڪار هجڻ سبب حادثا روز جو معمول بڻجي ويا آهن: رهواسي

نوشهرو فيروز(رپورٽ:شاهد علي چنه) پريا پرسان نيشنل هاءِ وي تي ٻن ڪارن ۾ آمهون سامهون زوردار ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ خانواهڻ واسي نوجوان فيروز الدين تنيو ٿڏي تي فوت ٿي ويو جڏهن

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

نوشهرو فيروز: زخمي شخص واقعي واري هنڌ تي پيل آهي

مٺياڻي پرسان ڳوٺاڻي سس تڪرار ۽ اولاد نه ملڻ تان پاڻ کي ساڙڻ جي ڪوشش

ڳوٺ موليڏنو واسي بلاول سولنگي پاڻ مٿان ڊيزل هاري خودڪشي جي ڪوشش ڪئي

زخمي کي اسپتال آندو ويو جتان نازڪ حالت هجڻ ڪري ڪيس حيدرآباد ريفر ڪيو ويو

نوشهروفيروز(ڊ ر)مٺياڻي پرسان ڳوٺ موليڏنو رهواسي نالي بلاول حسين سولنگي اولاد سان ملاقات نه ڪرائڻ ۽ پاڻ ۾ سس سان گهرولي هلندڙ تڪرار سبب پاڻ مٿان ڊيزل هاري خودڪشي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جنهنجو سندس جسم جو تقريبن 50 سيڪڙو سڙي ويو.واقعي بعد ڪيس سول اسپتال نوشهرو فيروز فوري طور فرسٽ ايڊ ۽ طبي امداد فراهم ڪري برنس ڪيئر اسپتال حيدرآباد منتقل ڪيو ويو.زخمي بلاول حسين سولنگي ميڊيا کي

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻو: لاڏائو ڪئنب جا ٻارڙا هٿ نلڪي تان پاڻي ڀري رهيا آهن

بدين جي عورت پاران مڙس تي نشو واپرائي تشدد ڪرڻ جا الزام

بدين (ڊ ر) پير عاليشاهه ڪوٽ جي رهواسڻ نوجوان عورت دانيا شيدي پنهنجي مڙس جي مبينا تشدد ۽ منشيات جي استعمال خلاف انصاف لاءِ بدين پريس

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

پير محمد صادق قريشي جي سالگرهه جو ڪيڪ بدين پريس ڪلب ۾ ڪاٽيو ويو

بدين (ڊ ر) درگاهه عاليا لواري شريف جي سجاده نشين پير محمد صادق قريشي نقشبندي جي 47 هين سالگرهه جماعت لواري شريف پاران بدين پريس ڪلب ۾

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد پوليس پاران شهري جي گهران ڦر ڪندڙ جوابدار کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

هٿياربند ڪجهه ڏينهن اڳ سيد طفيل شاهه جي گهران ڏاڙو هڻي هڪ ڪروڙ 46 لک روپيا روڪ ڪڍي ويا: پوليس

سي آءِ اي انچارج عمر بنگلاڻي جي اڳواڻي ۾ ٽيم مک جوابدار رحمت الله ڦمبراڻي کي گرفتار ڪيو

جوابدار جي قبضي مان 50 لک روپيا روڪ رقم به هٿ ڪري ورتي آهي وڌيڪ جاچ ڪريون پيا

جيڪب آباد (ڊ ر) ڪجهه ڏينهن اڳ سيد طفيل شاهه جي گهران ڏاڙو هڻي هڪ ڪروڙ 46 لک

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي ۾ وڌندڙ بدامني خلاف سياسي، سماجي ڌرين پاران احتجاجي تحريڪ جو اعلان

شهرين جي جان ۽ مال جي تحفظ ۾ پوليس ناڪام ٿي وئي آهي، اڳواڻن جو الزام

بدامني تي ضابطو ۽ چوري ٿيل سامان جي واپسي نه ٿي ته 17 تاريخ کان احتجاج شروع ڪيو ويندو اڳواڻ

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڪوٽڙي ۾ وڌندڙ بدامني، چورين ۽ ڦرن خلاف 17 تاريخ کان مرحليوار تحريڪ هلائڻ جو اعلان پوليس

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.